# يادن جي خوشبو

مصنف

**محمد اسلم شيخ، شهدادڪوٽي**

چپيندڙ

**سنڌيڪا اڪيڊمي**

ڪتاب جو نالو: يادن جي خوشبو
مصنف: محمد اسلم ”اسلم“ شيخ، شهدادڪوٽي
پهريون ڇاپو: 2017ع
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: امان الله پٽي
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي

قيمت: 200 روپيا =/

ملڻ جا هنڌ

سنڌيڪا بوڪ شاپ: شاپ نمبر 5، ميزنائين فلور، حيدرآباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ ، _03133692150
سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گھنٽا گھر چوڪ
سکر فون: _03352233803 03013431537
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون: 0212214521 ، 0300_343115 ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي_ ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گھر ٻئراج روڊ، بخاري ڪتاب گھر، قادري بوڪ اسٽور، مهراڻ بوڪ اسٽور، مجاهد بوڪ اسٽور نيم ڪي چاڙهي سکر_ پٽائي بوڪ هائوس حيدرآباد03223011560 _ سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ، تلڪ چاڙهي حيدرآباد_ شاهه لطيف بوڪ شاپ، ڀٽ شاهه_ عثمانيه لائبريري، چنيهاٽي ڪنڊيارو _ نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ، رابيل ڪتاب گھر اسٽيشن روڊ، رهبر بوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو_ مدني اسلامي ڪتبخانو نئون چوڪ دادو_ حافظ بوڪ اسٽور مسجد روڊ، خيرپور ميرس _ المهراڻ ڪتاب گھر، زاهد بوڪ ڊپو سانگھڙ_ سيد ماس ميگا اسٽور، جيڪب آباد_ ميمڻ بوڪ اسٽور، شاهي بازار نوشهروفيروز_ حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه_ ديدار بوڪ ڊپو ٽنڊوالهيار_ رفعت بوڪ هائوس، ماتلي_ مرچو لال پريمي، بدين_ مڪتبه يوسفيه، ميرپورخاص. فون. 0300_3319565، عطار ڪتاب گھر، بدين، مهراڻ ڪتاب گھر، عمر ڪوٽ، حافظ ڪتاب گھر، ڪپرو سنڌ ڪتاب گھر، مورو وسيم ڪتاب گھر لڪي در. سعيد بوڪ اسٽور، شڪارپور. سومرا بوڪ اسٽور ميهڙ، ساحر ڪتاب گھر، ڪوندي ميهڙ 0346_8948535 ، مڪتبه امام العصر گھوٽڪي، 03033695037

Gul Hayat Institute

# سٽاءُ


1. انتساب
2. هڪ فرد مگر منفرد — ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ
- پنهنجي پاران
محمد اسلم شيخ شهدادڪوٽي (مصنف)
3. يادن جي خوشبو
- ابتدائي زندگيءَ جي ڪهاڻي
- مين پرائمري اسڪول جون يادون
- علم، ادب سان شوق
- سفر جون سختيون ۽ تجربا
- ڦاٽڪ وارو ڪو نه سجاڻيئي
- نوٽس
- حبيب مسجد ۽ پريم منڊلي
- نيم حڪيم خطري جان
- عظيم سائنسدان آئنسٽائين
- محمد علي ڪلي
- دوڪانداري
- ميونسپل هاءِ اسڪول جون يادون
- مهراج گوپي ڪرشن
- ڪاليج جو زمانو
- ذوالفقار علي ڀٽو جي شخصيت
- آر سي ڊي ڪائونسل
- نظاميه نائيٽ اسڪول
- شهدادڪوٽ ۾ سڳا جي شاخ
- شاداب شهدادڪوٽ لکڻ جو تجربو





- وڪالت جو زمانو
- نوابزاده مير نادر علي خان مگسي
- مارشلا اچي وئي
- قمبر علي خان سان واسطو
- منهنجو والد منهنجو استاد
- جمن فقير
- آهي ڪو پڙهيل
- شريعه ڪورس
4. متفرقات
- جج شپ جو زمانو
- شڪارپور ۾ سروس دوران
- جيڪب آباد ۾ سروس دوران
- سيوهڻ سنڌيون يادون
- مصر جو دورو
- زندگي (مضمون)
- ننڍڙو افسانو (ياد)
- ملهه يا سينڊو (مشاهدو)
- پيار جو پرڙتو (تاثرات)
- پناهه ڏني وڃي (مشاهدو)
- قائد عوام جي شهادت
- لاڙڪاڻي جي ترقي ۾ شهدادڪوٽ جو حصو (تحقيقي مضمون)
- ”اڱهاڙا پير ناڻن تي“ ڪتاب تي تنقيدي نوٽ
- محمد اياز سومرو (تاثرات)
- اشرف ڪهاوڙ سان شام
- منهنجا ڪجهه هم ڪلاسي
- انڊونيشيا جون يادون


Gul Hayat Institute

- خريف ميلو 2016, صلالہ, سلطنت عمان
- حج بيت الله
- **جي نہ وسريا مُور**
- مرحوم غلام دستگير شيخ,
- مرحوم محرم علي ميرجت
- سرڳواسي گوڪومل پوڳڙي,
- مرحوم غلام مصطفيٰ ميمڻ, مشتاق
- مرحوم محمد يوسف سومرو
- مرحوم حاجي عبدالغفور شيخ,
- مرحوم الطاف حسين شيخ,
- مرحوم حضور بخش شيخ,
- مرحوم الله بخش شيخ,
- مرحوم محمد عثمان شيخ,
- سرڳواسي سيٺ مدن لال,
- مرحوم محمد سچل شيخ,
- مرحوم گل محمد شيخ,
- مرحوم غلام حسين شيخ,
- مرحوم نور محمد شيخ,
- مرحوم محمد رمضان شيخ,
- مرحوم لطف الله شيخ,
- مرحوم بشير احمد شيخ
- استاد مرحوم الهورايو قريشي
- مرحوم سيٺ خداد ڪوسو
- مرحوم محمد حسن دايو
- شهيد الاهي بخش شيخ
- نبلو موسيقار
- استاد برڪت علي هڪڙو





- مرحوم سڪندر حيات خان کهاوڙ
- مرحوم عنايت الله شيخ
- مرحوم رئيس خداءِ ڏنو خان چانڊيو
- مرحوم امداد حسين خان چانڊيو
- مرحوم غلام الرسول شيخ
- مرحوم عبدالجبار شيخ، وڪيل
- مرحوم ڪامريڊ ولي محمد مگسي ٺهار
- استاد پيرل قمبر
- مرحوم عبدالغفور شيخ
- وفات نامو
- Roll of Honour as Judge<br>ANNEXURE - A
- Roll of Honour asSocial Worker<br>ANNEXURE - B
- Some Important and memorable events in my life<br>ANNEXURE - C
- List of participants of Sharia Course, 2006<br>ANNEXURE - D
- List of participants of Training for Pakistan: Strengthening the Rights and Justice Framework and Agenda<br>ANNEXURE - E


Gul Hayat Institute




هيءُ ڪتاب
نالي ڪريان ٿو
پنهنجن محسنن،

- ❖ عزت ماب، نوابزاده مير نادر علي خان مگسي ايم پي اي صاحب
- ❖ قابل احترام سائين محمد اياز سومرو ايم اين اي صاحب
- ❖ مانوارو مامو مرحوم حاجي غلام الرسول شيخ صاحب،

جن جي شفقت ۽ مهربانيون شاملِ حال رهيون آهن.
الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾،
تن لاءِ بدست دعا آهيان،
ته هو شل سندن مٿان سدائين،
راضي ۽ مهربان رهي. (آمين).

تورا نہ تورا مون تي ماروئڙن جا،
پلائيءَ پيرا ڳٽي ڳٽيان ڪيترا.
(لطيف)

نياز مند :
**محمد اسلم، ”اسلم“ شيخ**
شهدادڪوٽي
بلاڪ A_4 سيڪان اپارٽمنٽس،
گلشن اقبال ڪراچي.

Gul Hayat Institute

# هڪ فرد، مگر منفرد

**(”يادن جي خوشبو“ جي ليکڪ محترم محمد اسلم شيخ شهدادڪوٽيءَ بابت ٻه اکر)**

زندگيءَ جي سفر ۾ انسان اڻ-ڳڻين ماڻهن سان ملي ٿو. ڪي دوست ٻڌجي هن لاءِ دلداريءَ جو باعث ٿين ٿا ته ڪي انا ۽ گهمنڊ جي آڌار تي دل آزاري ڪن ٿا. ڄمڻ کان مرڻ تائين وقت ۽ وير وانگر انسان به ايندا ۽ ويندا رهن ٿا، پر ڪو ڪو پنهنجي روين ۽ روپن سان دل جي پٽر تي اڻ-مٽ لڪير ڪڍي وڃن ٿا. منهنجي زندگيءَ تي جن دوستن گهرا اثر ڇڏيا ۽ هر موڙ تي ساٿ نڀائيندا رهيا، انهن مان محترم محمد اسلم شيخ به هڪ آهي. تمام گهڻا سال اڳ هن جڏهن پنهنجي شهر شهدادڪوٽ تي تاريخي ۽ تحقيقي اهميت وارو ڪتاب لکيو ته ساڻس هڪ ليکڪ ۽ علم دوست انسان جي حيثيت ۾ ڄاڻ سڃاڻ ٿي. اها ڄاڻ سڃاڻ وقت ۽ حالتن جي دز ۾ لٽجي نه سگهي، پر ”جيئن ٿڌ، تيئن وڌ“ مصداق وڌندي رهي ۽ سندس تعلق اهو سچ ثابت ڪري ڏيکاريو ته ”ڪي ڏور به اوڏا سڄڻين“. انسان فقط رت جي رشتن ڪارڻ هڪ ٻئي جي قريب نه ٿيندا آهن، پر خلوص ۽ بي لوثي، سچائي ۽ وفاداري دورين ۽ مجبورين جو ديواريون ٽوڙي دلين کي ملائي هڪ ڪري ڇڏن ٿيون.

محترم محمد اسلم شيخ شهدادڪوٽيءَ سان جڏهن ملاقات ٿي



ته پاڻ ان وقت وڪيل ۽ سماجي ڪارڪن هئو. ان ڪانپوءِ هن ترقيءَ جون منزلون ماڻيون: جج ٿيو، صاحبِ ڪتاب ٿيو ۽ لا ڊپارٽمينٽ ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري ۽ ڪجهه وقت لاءِ سيڪريٽري ٿيو ۽ هن وقت ساڳي کاتي ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري آهي.

علمي ۽ قلمي حوالي سان محترم محمد اسلم شيخ جي قلمي ڪاوشن ۽ ادبي دوستيءَ جو آئون اکين ڏٺو گواهه آهيان. هن جي پهرين ڪتاب ”شاداب شهدادڪوٽ“ جي تخليق دوران شيخ صاحب جي قلمي قوت جو اندازو لڳائي چڪو هئس ته هي صاحب اڳتي هلي پنهنجي قلمي ڪاوشن ڪارڻ نالو ڪمائيندو. هن جڏهن پنهنجي شاعريءَ جو ڪتاب ”دل جو دفتر“ مرتب ڪرڻ شروع ڪيو ته منهنجي اڳيان سندس علمي ۽ قلمي لياقتن ۽ صلاحيتن جا دفتر کلي پيا ۽ هاڻي جڏهن زندگيءَ جي يادن جي خوشبوءِ جا جهول ڀري اسانجي اڳيان صاحبِ ڪتاب ٻڌجي آيو آهي ته سندس زندگيءَ تي رشڪ اچڻ لڳو آهي: سيبتو ۽ سياڻو مگر نماڻو. قلم- ڌڻي پر ان کان وڏيڪ حلم-ڌڻي. تخليقڪار پر ان کان وڌيڪ قربدار. ليکڪ ۽ شاعر ۽ لکڻ پڙهڻ پرجهڻ جو ماهر. هن تي مون کي رشڪ به اچي ٿو ته هن لاءِ دل مان دعائون به نڪرن ٿيون. ڌڻي هن زنده-دل انسان کي وڏي ڄمار ڏئي ۽ وڌيڪ لکڻ جي قوت عطا ڪري.

محترم محمد اسلم شيخ صاحب جو هي ڪتاب به سندس وانگر منفرد ۽ نرالو آهي. مون يادگيرين جا ڪوڙ سارا ڪتاب پڙهيا آهن، پر هن ڪتاب جي لکڻ ۽ ترتيب ڏيڻ واري انداز مون کي گهڻو موهي وڌو آهي. شيخ صاحب ڪوزي ۾ درياهه بند ڪيو آهي. هن پنهنجي يادگيرين جو قلمي باغ لڳائي اسان کي خوشبوءِ وڻڻ ۽ ڀانت ڀانت جا گل ڏسڻ جو موقعو ڏنو آهي.

Gul Hayat Institute

سندس ڪتاب جي ورقن پڙهڻ وقت علامہ آءِ آءِ قاضي ڏاڍو ياد اچي ٿو. سنڌ جو هي بي بدل فلاسفر سنڌ واسين کي سهڻي صلاح ڏئي ويو آهي تہ جيڪڏهن اوهان ڪهاڻيون نہ ٿا لکي سگهو يا شاعري نہ ٿا ڪري سگهو تہ پنهنجي زندگيءَ جو احوال لکو. چو تہ اها فقط اوهان جي زندگيءَ جي نہ، پر دور جي ڪهاڻي هوندي.

سوانح نگاري جهڙوڪ ڪرامًاڪاتبن جي پيروي ڪرڻ برابر آهي. رب پاڪ انسانن جا اعمال لکڻ لاءِ اهي ٻئي فرشتا انهيءَ ڪم تي مقرر ڪيا. ڪيڏو نہ بهتر ٿئي جو اسان پاڻ بہ پنهنجي لاءِ ڪرامًا ڪاتبين بڻجي پئون ۽ پاڻ بابت ڪجھ لکون. شيخ صاحب ان ڪري مون کان گوءِ کڻي ويو آهي تہ هن پنهنجي زندگيءَ جي احوال کي يادين جي آڌار تي اسان اڳيان آندو آهي. شيخ صاحب هي ڪتاب لکي پنهنجي تجربن ۽ مشاهدن جو رڪارڊ گڏ ڪيو آهي ۽ ان مان اسان کي ونڊ ڏنو آهي. هن ماڪيءَ جي مکي وانگر شخصيتن ۽ واقعن جي گلن جو مٺاڻ گڏ ڪري، ان مان ماڪيءَ جون لارون ٺاهي، هن ڪتاب کي تخليق ڪيو آهي. ان ڪري پنهنجي سوچ ڪانسواءِ واقعن جي حڪمتن ۽ ڪيترن ماڻهن جي فڪر کي پنهنجي تحرير جي لفظن ۾ مالها وانگر پوبو آهي، سندس محنت ۽ محبت تي ڪيس سلام آهي.

**ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ**
باني
گل حيات انسٽيٽيوٽ



بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# پنهنجي پاران

”يادن جي خوشبو“ منهنجو چوٿون ڪتاب پيش خدمت آهي جيڪو منهنجي يادن سان ڀريل زندگيءَ بابت آهي. ننڍپڻ جا ننڍڙا تجربا، مشاهدا، ننڍين وڏين ڳالهين کان هن وقت تائين جا واقعا ۽ لکڻيون جيڪي ڪجھ نوٽ ڪيون هيم ۽ ڪجھ ياد جي خزاني مان هٿ ڪيون اٿم، تن کي گڏ ڪرڻ ۾ ائين مزو آيو جيئن ننڍپڻ ۾ ڪاٺا ٿيل لغڙن کي هٿ ڪرڻ ۽ باغن مان پنپورين ۽ پوپٽن کي ڦاسائڻ ۾ ايندو هيو. وري ان گڏ ٿيل رنگين ۽ دلچسپ مواد کي رليءَ وانگر سبڻ وارو عمل اختيار ڪيم ۽ ننڍڙين ننڍڙين يادن کي ڳنڍيم جن مان بہ ڏاڍو لطف آيو. هن ڪتاب کي لکڻ ۾ ڪيئي سال لڳي ويا آهن. تن ۾ ننڍپڻ کان علاوه جواني جي لاپرواه زندگيءَ کان اڄ جي ذميوارنہ زندگي مان هٿ آيل ماڻڪ موتي ۽ بزرگن جي ڪچهرين وارو خزانو ۽ پنهنجي والدين ۽ محسنن پاران مليل سبق ۽ نصيحتون پڻ شامل آهن.

مون هن ڪتاب ۾ اها ڪوشش ڪئي آهي تہ اهڙو ڪو مشاهدو يا واقعو نہ لکان، جنهن سان ڪنهن سڄڻ جي دل آزاري ٿئي، ان ڪري نالن لکڻ کان اجتناب ڪيو آهي، ***عاقل را اشاره ڪافی است*** مون

Gul Hayat Institute

پنهنجي يادن ۾ هڪ ننڍڙو ننڍڙو پيغام بہ ڏنو آهي، صاف، سڌن ۽ سولن لفظن کي استعمال ڪيو اٿم. ڪتاب ۾ عرض ڪري چڪو آهيان تہ لکڻ هڪ لذت بہ آهي ۽ عذاب بہ. لفظ ئي آهن، جيڪي دل ٺاريندا بہ آهن ۽ ساڙيندا بہ آهن. هن ڪتاب ۾ ڪو بہ وڏاءُ ڪو نہ آهي، لکڻي سادي سڌي آهي، چاڪاڻ تہ هڪ شاگرد ائين ئي لکندو آهي. منهنجون يادون منهنجو شاندار ماضي آهي جن جي خوشبو کي هر وقت محسوس ڪندو آهيان. مجيد امجد جي شعر مطابق،

مہکتے، میٹھے، مستانے زمانے
کب آئیں گے وہ من مانے زمانے

امید تہ منهنجون يادون اوهان کي بہ پسند اينديون.

آخر ۾ مان مشڪور آهيان پنهنجي همدرد ۽ استاد جهڙي دوست ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ باني گل حيات انسٽيٽوٽ آريجا ۽ مسٽر راشد سومري جو جن مونسان وڏو سهڪار ڪيو آهي.

پرخلوص

**محمد اسلم شيخ**

شهدادڪوٽي

گلشن اقبال، ڪراچي

تاريخ: 23.02.2017



# يادن جي خوشبو

- علامہ آءِ آءِ قاضي جي سهڻين سٽن کي جڏهن پڙهيو اٿم تہ هر ماڻهوءَ کي ڪجھ نہ ڪجھ لکڻ گهرجي، ڀلا جيڪڏهن ڪجھ نہ لکجي تہ پنهنجي آتم ڪهاڻي ئي لکي ادب ۾ اضافو ڪجي تہ متان ان مان ڪي موتي نڪري پون انڪري ان ڏينهن کان منهنجي ذهن تي سالن کان آتم ڪهاڻي لکڻ جو جذبو پئدا ٿيو. هر روز سوچيندو هيس تہ پنهنجي زندگي جي اهم يادن کي قلمبند ڪريان پنهنجي زندگي جي تجربن مشاهدن ۽ پيش آيل واقعات تي ڪجھ لکان. هر نئون ڏينهن هڪ نئين استاد وانگر آهي جيڪو سيني سکڻ وارن لاءِ نئون سبق ڪنيون اچي ٿو.

- بيشڪ لکڻ ڪم اوکو مگر ان تي تنقيد ڪرڻ سولو آهي. عام طرح هڪ فرد پنهنجي زندگيءَ ۾ خط بہ مشڪل سان لکي ٿو. مون کي بہ خط لکڻ ڏکيو لڳندو آهي. ڪنهن خاص مجبوريءَ ۾ اڌ پني تي مقصد لکي جان ڇڏائيندو آهيان. هن جديد دور ۾ ڪير ٿو ويهي خط لکي! پر هاڻي آتم ڪهاڻي لکڻ تہ ڄڻ پنهنجو اجائي سجائي وقت وڃائڻ ۽ ٺڦ واندڪائيءَ جو ڪم آهي. زندگي هر روز مصروفيتن ۾ مبتلا آهي. انسان جي جيئن جيئن عمر وڌي ٿي ان ۾ جوابداريون وڌن ٿيون، سوچون وڌن ٿيون. روزگار جي پريشاني، بيماري، سماجي

Gul Hayat Institute

تڪليفون، گهريلو پريشانيون ڪر ڪٽي پوبان لڳن ٿيون. انسان ذهني پريشان رهي ٿو اتِ ڪٿ ٿيون پراڻيون يادون ياد پون ۽ *"گذرا ہوا زمانہ آتا نہیں دوبارہ حافظ تمہارا"* وانگر ڪير ٿو ماضي کي دهرائي. مگر مون سالن کان سوچيو آهي ۽ اهو پڪو عزم ڪيو آهي تہ پنهنجي يادن جي موتين کي هار جي شڪل ڏبي. *"چلیں تو کٹ ہی جائے گا سفر آہستہ آہستہ"*. سو هاڻي اهو پڪو پهہ حقيقت ۾ تبديل ٿيو. ان بعد وري ٻيءَ ڳالهہ جنم ورتو تہ جي پنهنجي آتم ڪهاڻي لکان تہ ان ڪهاڻي جو کهڙو نالو هوندو! جنهن ۾ ڪجهہ ڪشش بہ هجي.

*میرے پیمانے کچھ اور ہیں اور تیرے پیمانے کچھ اور،*
*دیکھ ساقی نہ ہوجائے کچھ تیرے پیمانے میں۔*

وري ٿين سوچ ٿي تہ پنهنجي زندگي جي شروعاتي يادون ڪٿان کان شروع ڪجن، مان غريب طبقي جو ماڻهو آهيان، منهنجو والد ماجد مرحوم حڪيم حاجي رضا محمد هڪ دوڪاندار شخص هيو جنهن پنهنجي محنت جفاڪشي "اپڻا گهوٽ تو نشہ هووئي" وانگر زندگي بسر ڪئي.

- منهنجو ابو منهنجي سانيڙ ۾ ئي پنساري هيو ۽ حڪمت بہ ڪندو هيو. سندن زندگي جدوجهد ڪندي گذري منهنجو والد مرحوم حاجي رضا محمد ولد مرحوم محمد صفر ولد حاجي خير محمد پنساري جو فرزند هيو. حاجي خير محمد آبائي ڳوٺ چوهڙپور ضلعو لاڙڪاڻي جا ويٺل هئا. حاجي خير محمد عرف ٽنور 1942ع جي ٻوڏ ۾ چوهڙپور کان شهدادڪوٽ هجرت ڪئي ۽ شهدادڪوٽ ۾ مرحوم حافظ حڪيم محمد حسن خان کهاوڙ جا پنساري ٿيا. جتان حڪمت ۽ طبابت جي ڪم ۾ ماهر ٿيا. منهنجي والد ماجد جي والده



سندن ننڍپڻ کان ئي الله کي پياري ٿي وئي هئي. جنهن بعد منهنجي ڏاڏي محمد صفر ٻي شادي ڪئي ۽ شهدادڪوٽ کان لاڙڪاڻي هليا ويا، مگر منهنجي ابي جي پالنا ۽ سرپرستي ڏاڏي حڪيم حاجي خير محمد پنساري جي زير سايہ رهي. حاجي خير محمد جن جي فوت ٿيڻ بعد منهنجو والد يتيم ٻارڙي وانگر وڏو ٿيو مگر هن مٿان سندن مامي سيٺ مرحوم محمد آچر خان جو سايو رهيو. جت سندن پڦي مرحوم محمد آچر خان جي گهرواري سندن سارسنڀال لهندي هئي.

*ماں کی کوئی زبان نہیں،*
*پیار کی کوئی تصویر نہیں۔*

منهنجو والد پنهنجي پيٽ گذر لاءِ "پاڻولي" جو هنر سکيو. اتان ئي پنهنجي زندگي جي گذر سفر جو آغاز ڪيو.

*انجام اس کے ہاتھ ہے آغاز کر کے دیکھ،*
*بیگھے ہوئے پروں سے پرواز کر کے دیکھ۔*

۽ تعليم بہ جاري رکي، ان بعد مقادم طور ريلوي اسٽيشن شهدادڪوٽ ڪم شروع ڪيو جنهن بعد شهدادڪوٽ ميونسپل ڪاميٽي ۾ آڪٽراءِ انسپيڪٽر مقرر ٿيا. ڪجهہ سالن بعد شهدادڪوٽ ۾ هڪ دوڪان ورتو ۽ پنهنجي ڏاڏي جي پنسار ۽ حڪمت جي ڪم کي جاري رکيو. منهنجو والد ڏکن جي زندگي، ڏاڍي صبر ۽ نهٺائي سان گذر ڪئي. ۽ سندن زندگي جي ٻيهر اوسر ٿي. ابو سائين ڏينهن رات محنت ۽ ڪشالا ڪيا. "ايڏا سور سهي ننڊ نہ ڪجي ناڪئا" وانگر پنهنجي ڏاڏي مرحوم حڪيم حاجي خير محمد پنساري جي ڪرت کي اپنايو ۽ ترقي ماڻي، پنهنجي سچائيءَ ايمانداري سان شهدادڪوٽ ۾ عزت ۽ مرتبو حاصل ڪيو. *"رنگ لاتی*

Gul Hayat Institute

ہے حنا پتھر پہ پس جانے کے بعد“.

منهنجو جنم 01_05_1951 تي ٿيو جيڪو منهنجي سرٽيفڪيٽ ۾ به لکيل آهي.

_ مون کي ياد آهي ابوسائين مرحوم الله کيس جنت عطا فرمائي پنهنجي چيچ منهنجي هٿ ۾ ڏئي، مون کي موجود مين پرائمري اسڪول شهدادڪوٽ ۾ داخل ڪرايو. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي منهنجو استاد محمد حسن لاکو هيو جنهن مون کي ڪلاس جي پهرين قطار واري بينچ تي ويهاريو هيو.

_ اسڪول ۾ باقاعدي وڃڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ سان ننڍپڻ کان شوق رهيو آهي. ان ڪري ڪنهن به امتحان ۾ فيل ڪو نه ٿيس هر استاد کان شاباس وٺندو رهيس. بابي سائين جي بيحد پيار ۽ توجهه سبب تعليم، حڪمت، ادب سمجهه سوچ ۾ اوسر ٿي. ابو سائين حڪمت ۾ منهنجو استاد پڻ آهي، مون ۾ جي ڪا خوبي آهي ته بس والد ڪري جو ان پيار ڏنو ۽ تربيت ڪئي پر ڪا خامي آهي ته بس منهنجي پنهنجي. سردار زاده اميربخش خان ڀٽو پنهنجي والد سردار ممتاز علي خان ڀٽو جي موجودگي ۾ هڪ جلسي کي خطاب ڪندي چيو ته ”منهنجو والد ئي منهنجو رهنما آهي مون سندس شخصيت مان ڪافي سکيو آهي، چوڻي آهي ته ننڍو وڻ وڏي وڻ هيٺان اسري نه سگهندو آهي مگر هن وڻ مون کي ته وڏو وڻ ڪري ڇڏيو آهي.“ دنيا ۾ هڪ ئي انسان ”پيءُ“ آهي جيڪو پنهنجي اولاد کي پاڻ کان به وڌيڪ پڙهيل قابل، ڪامياب ۽ خوش ڏسڻ جي خواهش رکي ٿو. آءُ به انهن خوشنصيب اولاد مان هڪ آهيان.

_ **مين پرائمري اسڪول** شهدادڪوٽ منهنجي زندگيءَ جو پهريون مڪتب آهي جتان مون پڙهڻ جي ابتدا ڪئي. منهنجو استاد



الله ڏنو عباسي جيڪو پڙهائڻ ۾ قابل هيو. سختي ڪندو هيو ۽ سندس پڙهائڻ جو انداز انوکو هيو. سندس اکر سٺا هئا ۽ بورڊ تي سبق لکي وڏي ڪاني سان بيهي اچاري پڙهائيندو هيو. مونسان گڏ ميڊم شانتي عرف شالني ساگر جيڪا هن وقت انڊيا جي سنڌي ادب جي معروف شخصيت ۽ آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي شعبي ۾ خدمت انجام ڏئي رهي آهي ۽ ميڊم وينا شرنگي جي همشيره آهي. ميڊم پشپا ۽ ميڊم سعيده عبدالسميع به پڙهنديون هيون.

_ منهنجو استاد مرحوم غلام مصطفيٰ وڏو به هيو. وڏو صاحب وڏو قابل تجربيڪار ۽ سخت استاد هيو. سندس ڪلاس نقشن، چارٽن، بيتن ۽ سٺين نصيحتن وارن قولن سان سجايل هوندو هيو. اندر گهڙڻ سان نصيحت آموز قول پڙهي خوشي ٿيندي هئي ۽ وڏي معلومات ٿيندي هئي. هي ڪلاس ته نه پر جڻ ڪا آرٽ گيلري هئي. سائين غلام مصطفيٰ پڙهائڻ جو ڪوڏيو هيو. اسڪول ۾ ٽائيم تي اچڻ ۽ ڪم ڪرڻ تي توجهه ڏيندو هيو. شل نه ڪو شاگرد ديرسان اچي، دير سان آيو ناهي دسيو ناهي. سائين غلام مصطفيٰ سنڌ جي نقشي تي هر شهر جي فصل کي جنسي طرح ڪونئر سان چنبڙائي محسوس ڪرائيندو هيو ته هي هتي فصل ٿئي ٿو ۽ درياهه سنڌ سونهري رنگ سان سجائي نقشي ۾ رعب پيدا ڪندو هيو. مون سنڌ جو نقشو سائين غلام مصطفيٰ کان سکيو. سنڌو درياهه سنڌ ۾ ائين وهي ٿو جيئن سڌي سينڌ جي وچ ۾ لڪير نڪتل هوندي آهي.

_ مين اسڪول ۾ ڪيترائي ڊراما اسٽيج شو ٿيندا هئا جنهن ۾ قابل ذڪر استاد پيرل قمبر، مسٽر سجاول خان وڏو استاد الاهي بخش منگي، غلام مصطفيٰ وڏو دلچسپي وٺندا هئا. استاد محمد يوسف سومرو ۽ استاد محمد صفر ٻير وڏا تجربيڪار ۽ سٺا استاد هيا. سائين

Gul Hayat Institute

محمد صفر شام جو پنهنجي گهر مفت ٽيوشن ڏيندو هيو سندس پڙهائڻ جو به منفرد طريقو هيو خاص طرح ڪوڙا ۽ حساب سندس دلچسپ مضمون هئا، استاد صاحب صاف سٿرو اڇا ڪپڙا ۽ پٽڪو پائي ايندو هيو.

– **علم ادب سان شوق:**- مونکي ننڍپڻ کان علم ادب سان شوق هيو. بزرگن ۽ ڏاهن جي ڪچهرين ۾ ويندو هيس ان ڪري پنهنجي ڳوٺ جي مڙني ادبي ميڙاڪن ۽ ڪچهرين ۾ شريڪ ٿيندو هيس. چوندا آهن ته جيڪڏهن خوشبو خريد ڪرڻ جي سگهه نه هجي ته عطر واري جي دڪان تي وڃجي ته معطر ٿي وڃبو. آءٌ اخبارن، رسالن مان سٺن شعرن کي گڏ ڪرڻ لاءِ هميشه نوٽ بڪ رکندو هيس، ۽ متاثر ڪندڙ هر لکڻين کي نوٽ بوڪ ۾ لکندو هيس. ۽ انهن کي مسلسل روزانو پڙهندو هيس ان ڪري مون کي لکڻ ۽ ڳالهائڻ جو شوق پيدا ٿيو. اهڙي طرح منهنجا اهي نوٽ بوڪ يادن جا خزانه آهن.

– ڪوشش ڪري هر ادبي محفل ۾ ڪجهه نه ڪجهه لکي پڙهندو هيس. اها حقيقت آهي ته جيترو مطالعو وڌيڪ هوندو اوترو سٺو لکي سگهبو ۽ اهو مواد تقرير لاءِ پڻ ڪم ايندو. جيڪو شخص پنهنجي سمجهه ۽ شعور وڌائڻ گهري ته ان لاءِ مطالعو تمام ضروري آهي. انگريزي ۾ چوڻي آهي ته "Knowledge is Power". علامه آءِ آءِ قاضي هڪ ليڪچر ۾ فرمايو هئو ته ”ڪو به ڪتاب سوانح حيات کان وڌيڪ ڪو نه آهي.“ پنهنجي سوانح حيات لکڻ، پاڻ کي پڌائڻ برابر آهي. پر اها حقيقت آهي ته ڪي ذاتي مشاهدا ۽ تجربا اهڙا دلچسپ هوندا آهن جن مان وڏي ڄاڻ ملي ٿي.

– اسان جي ڳوٺ شهدادڪوٽ جي اردو اسڪول ۽ مين پرائمري اسڪول ۾ مشاعرا ۽ ادبي نشستون ٿينديون هيون. ميونسپل هاءِ



اسڪول ۾ ادبي پروگرام ٿيندا هيا. جنهن ۾ شهر جا نوجوان شاگرد ۽ استاد حصو وٺندا هئا. ازانسواءِ اسٽيج ڊرامه پڻ ٿيندا هئا. شهدادڪوٽ جي موجوده مکيه چوڪن جهڙوڪ ڪوٽوموٽو چوڪ جي مختيارڪاري آفيس روڊ تي شيخن جون ڪٽون جتي بابو جان محمد عرف بابو جانو شيخ جي ڪچهري ٿيندي هئي. گهرن جي اڳيان شام جو ڇڻڪار ٿيندو هيو ۽ ڪٽن تي شيخن کان علاوه ٻين ذاتين وارا دوست پڻ ايندا هئا. شهر جي سرگرمين کان علاوه مختلف عنوانن تي بحث مباحثا ٿيندا هئا. اهڙيءَ طرح ٻين هنڌن تي به اهڙيون ڪچهريون ٿينديون هيون. ڪوٽوموٽو چوڪ تي مرحوم محمد چٽل ”فدا“ شهدادڪوٽي جي بينڪ هوندي هئي جتي هڪ ادبي لائبريري هئي ۽ وڏي ڪچهري ٿيندي هئي. هو بهترين شاعر ۽ حسن پرست انسان هيو. سندس متاثر ڪندڙ ڳالهيون موهي وجهنديون هيون. مرحوم فدا شهدادڪوٽي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا شعر پنهنجي مڌر آواز، انداز سان چوندو هيو جو سندس اکين مان بي اختيار نير وهي پوندا هيا جو شعر ڏاڍو مخمور ڪري ڇڏيندا هئا، مان سوچيندو هئس ته فدا صاحب اجايا ڊراما ڪري شاهه جي شعرن تي روئي ٿو پر جڏهن مان به عمر جي ان حصي ۾ آيو آهيان ۽ جڏهن شاهه جو ڪو شعر چوان ٿو ته منهنجي اکين مان به آب نڪري پوي ٿو. ”زبور“ جيڪو حضرت دائود عليه السلام تي نازل ٿيو هيو ان ۾ عبادت ڳائڻ سان ٿيل آهي ته ترنگ جي آواز سان حمد ڪريو بربط ۽ ستارن جي آواز تي حمد ڪريو. تارن وارن سازن جي آواز تي حمد ڪريو. بلند آواز ۽ ڇڪ سان حمد ڪريو. لطيف سرڪار جي ڪلام ٻڌڻ سان سموريون اهي ڪيفيتون اسان تي طاري ٿي وڃن ٿيون.

– مان هر تقريب ۾ پنهنجن ننڍن ٻارن کي به وٺي ويندو آهيان ته جيئن هو محفل جا آداب سکي سگهن. اتان ڪجهه پرائي سگهن ۽ وري

گهر اچي اهي ڳالهہ ٻڌائي سگهن يا ان تي غور ڪن تہ جيئن سندن سوچ ۽ سمجهہ وڌي ازانسواءِ منهنجن دوستن کي بہ سجاڳي سگهن.

– ادب سان دلچسپي وڌڻ جي صورت ۾ شعرن کي لکڻ ۽ انهن کي ياد ڪرڻ لاءِ ڊائرين ۽ نوٽ بوڪن ۾ ڪافي قيمتي مواد گڏ ڪيم. شاعري اندر جي آواز جو نالو آهي، جنهن ۾ لفظن جو وڏو عمل دخل آهي انڪري مون کي لفظن/ اکرن جي اهميت جي خبر پئي، تہ لفظ ئي سڀ ڪجهہ هوندا آهن جيڪي دل موهي بہ وجهندا آهن ۽ ساڙي بہ ڇڏيندا آهن. استاد پيرل قمبر خوب چيو آهي تہ.

”ڪو ڪين ٿو ڪٽي، ڪاڏي خرارن جي ڪرن ۾
پر انسان پئي ٿو ڦاسي اکرن جي ڏرن ۾“.

– منهنجي نوٽ بوڪن تي ڪجهہ مختصر واقعات، تاثرات/اقوال بہ لکيل آهن مثلاً:

– ميونسپل هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ ۾ پروجيڪٽائل مشين هوندي هئي، مسٽر مشتاق الرسول قريشي ڊرائينگ ٽيچر شاگردن جي معلومات جي اضافي لاءِ سنا ڊاڪيومينٽري فلم ڏيکاريندو هيو. هڪ ڊاڪيومينٽري جيڪا آمريڪي صدر جان ايف ڪينيڊي بابت هئي هن تقرير ڪندي ڏاڍا سٺا لفظ چيا جن مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو هيو.

“Efforts and courage are not enough without purpose and direction.”

منهنجي پهرين شعر جون بہ سٽون

هو جڏهن گلستان کان گذري وڃن ٿا،
گل تہ گل چا اسلم ڪنڊا بہ ٽري پون ٿا.

– چرچل انگلستان جو عظيم ليبر جنهن پنهنجي پارٽيءَ جو نشان ”V“ رکيو ۽ عوام کي ”V“ڪٽ شرٽ پائڻ جي هدايت ڪئي تہ جيئن سندن دلين ۾ فتح جو نالو ياد هجي. آخر هن هٽلر جهڙي آمر



کي بہ مات ڪيو ۽ فتح انگلستان جي ٿي.

– **مسٽر غلام الرسول بروهي**:- مسٽر غلام الرسول ولد خدا بخش خان بروهي منهنجو هم ڪلاسي ۽ وڏي نظر رکندڙ خيرخواهہ ماڻهو آهي. منهنجي ساٿس ننڍپڻ کان گهري ۽ گهاٽي دوستي رهي آهي. خدابخش مرحوم کي ڪٽيءَ ڪڙ جو ڪاروبار هيو.

سندس دوڪان بابي حاجي رضا محمد پنساري جي دوڪان جي پويان واقع هيو. غلام الرسول سان منهنجو گهرو رستو رهيو آهي. هن جلد ئي ڪراچي ۾ رهائش اختيار ڪئي جو ساٿس رابطو منقطع ٿي ويو هيو مگر فيس بوڪ Facebook ذريعي ساٿس يادگار ملاقات 50 سال بعد ٿي.

– **مسٽر واحد بخش قريشي**:- قريشي صاحب شهدادڪوٽ جي ميونسپل ڪميٽي جا چيف آفيسر ٿي رهيا آهن. رفاعي ۽ خدمت خلق جي ڪمن ۾ ڀرپور حصو ورتائون. مجاهد فورس ۽ شهدادڪوٽ جي فائر برگيڊ کي منظم ڪيائون. شهدادڪوٽ کان ڪوچ ڪري ڪراچي ۾ قيام پذير آهن، سندن شهدادڪوٽ واسين لاءِ احترام، پيار ۽ محبت جو رستو اڃ بہ قائم آهي.

**اقوال**: وليم شيڪسپيئر جو قول آهي تہ ”اسانجي حد کان وڌيڪ مشڪل جو حل خود اسان وٽ موجود آهي.“

– پنهنجون اکيون ائين استعمال ڪريو گويا اوهان کي سڀاڻي انڌو ٿيڻو آهي. (هيلن ڪيلر)

محبت سان زندگي ٿهي ٿي ۽ بي دلي سان موت. (ٽئگور)

ڪنهن ميووي جو وڌيڪ مٺو هئڻ سڙڻ لاءِ ڪافي آهي ۽ ڪنهن جي دوستي وڌي وڃڻ ختم ٿيڻ لاءِ ڪافي آهي.

(ارسطو)

Gul Hayat Institute

اخلاق ۽ همدردي اهڙي ته سونهري ڪنجي آهي، جو ٻين جي دلين کي کولي ٿي. (جبران)

جتي اوهانکي صداقت ۽ خلوص نظر اچي اتي دوستيءَ جو هٿ وڌايو نه ته اڪيلائي اوهانجي بهترين عزيز آهي.

(باباءِ اردو)

ـ جنگ فردن سان نه پر حوصلي سان ٿيندي آهي.

ـ اهو راز محفوظ نه آهي، جنهن جي امين عورت هجي.

ـ آءٌ لاڙڪاڻي ۾ مرحوم خادم حسين شاه جي سڏايل مڙني ادبي محفلين ۾ شريڪ ٿيندو هيس. شاه صاحب عالم، اديب دانشور ۽ قومپرست هيو. هن هڪ تقريب ۾ جنهن جي صدارت ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو ڪري رهيو هيو سنڌي ۾ تقرير ڪندي ڊپٽي ڪمشنر کي مخاطب ٿيندي چيو ته "زبان يار من ترڪي و من ترڪي نه دانم" شاه صاحب جي شخصيت ۽ سندس ادبي خدمتن کي وساري نٿو سگهجي. شعرن ۽ لکڻين تي سندس جائز تنقيدون ۽ تبصرا نون اديبن ۽ شاعرن لاءِ تربيت فراهم ڪندا هئا. علاوه ازين غلام مصطفيٰ "مشتاق" پاران سڏايل ادبي محفلين ۾ ڪافي ڪجھ پرايم. سياڻن سچ چيو آهي ته ڏاهن جي صحبت ڏاهو ڪري ٿي.

ـ **سفر جون سختيون:**ـ مون زندگيءَ ۾ ڪافي سفر بسن، ڪوچن، ريلوي ۽ ڪارن ۾ ڪيا آهن. سفر جون سختيون انسان کي برداشت ۽ صبر سيکارن ٿيون. انسان ڪيتري به تڪڙ ڪري پر منزل تي پهچڻ لاءِ خاموشي سان انتظار ڪرڻو پوي ٿو. ڪي ماڻهو سفر ڪرڻ جا ماهر هوندا آهن. جيئن منهنجو هڪ محسن سيد جمن شاه اجناڻي آهي، جنهن کي ماهرِ سفر چئي سگهجي ٿو. سائين وٽ



سفري سامان هلڪو ڦلڪو وزن وارو مگر مڪمل هوندو آهي. مان سفر ڪرڻ دوران گهٽ سامان کڻندو آهيان ۽ ٽائيم جي پرواه نه ڪندو آهيان، ڇاڪاڻ ته پوءِ ذهن تي بوجھ ۽ اداسي ٿي پوي ٿي ۽ سفر ڏکيو گذري ٿو. ان ڪري خاموشيءَ سان ويهي رهندو آهيان. هڪ چيني چوڻي آهي ته سفر جو مزو وٺڻو اٿوَ ته سامان گهٽ کڻو ۽ زندگيءَ جو مزو ماڻڻو اٿوَ ته دل ۾ ارمان گهٽ رکو. مون کي ياد آهي ته منهنجو نانو مرحوم خدابخش جڏهن قمبر کان شهدادڪوٽ يا لاڙڪاڻي کان قمبر ويندو هيو ته ريلوي گاڏي جي مقرر ٽائيم کان ٻه ٽي ڪلاڪ اڳ گهر کان موڪلائي هليو ويندو هيو. اسين کيس چوندا هئاسين ته "نانا! گاڏي جي اچڻ ۾ اڃان ٻه ٽي ڪلاڪ آهن اوهان تڪڙ ڇو ٿا ڪريو اسٽيشن ٻه ويجهي آهي"، چوندو هيو ته "ابا! پرائي سواري آهي انهن لوهن گهوڙن تي ڪهڙو اعتبار آهي پهرين گاڏي اچي ته ان تي چڙهان". سوواقعي جيڪڏهن منزل تي پهچڻو آهي ته پهرين گاڏي تي وڃجي ۽ نه آخري تي. سفر ڪرڻ سان انسان جي سوچ سمجھ ۾ اضافو ٿئي ٿو. مسافريءَ ۾ نيون نيون شيون ۽ نوان نوان مشاهدا ٿين ٿا.هن دک ڀري دنيا ۾ رنگيني پئدا ڪرڻ لاءِ تفريح ۽ سير جو دخل ضرور هئڻ گهرجي ۽ حڪم به آهي ته "ڪل سير وفي الارض".

ـ مون سفر دوران ماڻهن جي مزاجن جو پڻ مزو ماڻيو. هڪ دفعي سيٺ محمد رمضان ڪوسي جي سنڌ لائين ڪوچ ۾ حيدرآباد کان شهدادڪوٽ پئي ويس ته ڄامشوري کان هڪ شخص ميهڙ لاءِ چڙهيو. جون ـ جولاءِ مٿان وري رمضان شريف جو مهينو هيو. هو اچي مون سان خالي سيٽ تي ويٺو ۽ هن رڙڪري منشي کي چيو "پاڻي پيار". ته بس ۾ ويٺل هڪ ملان دانهن ڪندي چيو "اڙي شرم نٿو اچئي. ڏنڊو آهين، روزو نٿو رکين، پاڻي ٿو گهرين،" سيني مسافرن کي به ڳالھ نه وڻي.سي به کيس وٺي ويا ۽ هي خاموش ٿي ويو پر ڪنهن سوچ ۾ هيو. آخر

Gul Hayat Institute

خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيائين تہ ”خبر توهان کي تڏهن پوندي جڏهن مان سيوهڻ ۾ ماني کائيندس.“ مون جڏهن اها ڳالهہ مرحوم ڪامريڊ ولي محمد کي ٻڌائي تہ هو ڏاڍو کليو چيائين اهو مگڻهار تہ نہ هيو. ڪامريڊ کي بہ گهڻي اڄ لڳندي هئي.

– سفر دوران وڏو مزو بسن، ڪوچن، ٽريڪٽرن، ٽرالين ۽ ٽرالرن جي پويان لکيل فري اسٽائل شاعري جو هوندو آهي. مسٽر ظهير احمد رٽائرڊ جج صاحب کي ڪيترا اهڙا شعر ياد هئا ۽ چوندو هيو تہ مان اهڙي شاعري جو ڪتاب مرتب ڪندس. انهن شعرن مان ڪافي شعر مونکي بہ وڻندا آهن جيئن هڪ ٽريڪٽر جي ٽرالي تي لکيل هيو.

*”وزن کی پرواہ نہیں، ڈالر کی تلاش ہے“*

– واقعي روڊن تي هلندڙ بهن جو ٽرڪيون، نيشنل هاءِ ويز تي بهہ جو چمڪار ڪنديون مسافرن تي چٽ ڪنديون منزل تي پهچنديون آهن. وزن بہ هوندو اٿن ۽ بنا بريڪ بہ هونديون آهن.

هڪ ٽريڪٽر ٽرالي تي هيٺيون شعر پڙهيم.

*ماں کی دعا جنت کی ہوا،*
*ابو کی دعا ٹریکٹر چلا،*
*بیوی کی دعا جلد گھر لوٹ آ۔*

– اهڙا ٻيا ڪافي شعر جيڪي حقيقت جي قريب هوندا آهن. مگر آزاد ۽ البيلا هوندا آهن.

–**ڦاٽڪ وارو بہ ڪو نہ سڃاڻيئي:** اليڪشن جي ڊيوٽي دوران آءٌ هڪ پولنگ اسٽيشن کي وزٽ ڪرڻ ويس جو مونسان گڏ پوليس جي گاڏي بہ هئي. جڏهن ريلوي ڪراسنگ جي پرسان پهچڻ وارا هئاسون تہ ريلوي عملي ڦاٽڪ کي بند ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ



ٽرين پري ڪان اچي رهي هئي. ان تي هڪ پوليس واري ريلوي عملي واري کي چيو تہ ”ڪافي ٽائيم لڳي ويندو اسان کي وڃڻ ڏي“ پر ريلوي عملي وارن ڦاٽڪ ڪو نہ کوليو جو اسان ٽرين جي ڪراس ڪرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين تہ منهنجي ڊرائيور صوبيدار کي مخاطب ٿيندي چيو ”اڄ تہ ڦاٽڪ وارو بہ ڪو نہ ٿو سڃاڻيئي!“. ڪڏهن اهڙا ٻڌل مثال مشاهدي ۽ تجربي ۾ اچي ويندا آهن چوٽي آهي تہ هن کي تہ ڪو ڦاٽڪ وارو بہ ڪو نہ سڃاڻيئي. سو سائين ڳالهہ آهي وقت جي نہ ڦاٽڪ واري جي ۽ نہ ئي صوبيدار صاحب جي!

– اسان جي شهر ۾ گونبي عرف غلام محمد نالي ريڙهيءَ وارو ڇولا کپائيندو هيو سندس چٽڻي ڏاڍي مزيدار هوندي هئي. ماڻهو گونبيءَ جي ڇولن کائڻ جا ڏاڍا شوقين هئا ۽ پسندا ڪندا هئا. گونبي ڇولا بہ ڏيندو هيو ۽ هوڪو بہ ڏيندو هو. ”هڙ تڪڙ ۾ ذنب ادا“.

– شهدادڪوٽ ۾ بہ دوست اٿو ۽ نظرو هوندا هئا. هڪ هٽندو هيو تہ ٻيو ڪٽندو هيو. اهڙن ٻن هڻ ڪڻ دوستن جو مثال ڏنو ويندو آهي.

– شهدادڪوٽ ۾ جاين جو ڪاريگر، رازو استاد جانو ڪم جو سست مگر ڳالهين جو ڳهير هوندو هيو. ڪم دوران شل نہ ڪا ڳالهہ نڪري. ڳالهين ۾ ٽائيم ختم ڪري ڇڏيندو هيو انڪري مشهور پهاڪو ٿي پيو تہ ”ڇڙا اٿئي جانو وارا حال احوال ڪرڻا“ اسان وٽ بہ هر شعبي ۾ اهڙا ڪيترا جانو آهن. ڪم گهٽ حال احوال وڌيڪ.

– شهدادڪوٽ ۾ مکڻ جو ڪاروبار ڪندڙ هڪ هندو وڏو سيٺ منهنجو پاڙيسري هيو. سندس فوت ٿيڻ کانپوءِ سندس اولاد زماني جي اٿل پٿل ڪري غربت ۾ گذر ڪيو مگر پوءِ بہ غريبي حال ۾ خوش هوندا هئا. سيٺ پنهنجي گهر ۾ سون سان پريل هڪ ٿانوءَ زمين ۾ پوري ڇڏيو هيو. ڪجهہ سالن بعد هنن سڃي جاءِ جو فرش ڪافي

هيٺ تائين ڪوٺرايو مگر ڪين اهو هٽ نہ آيو هي سندن لاءِ هڪ وڏو الميو هيو تہ سندن هٽن سان پوريل اهو سمورو سون ڪاڏي هليو ويو.

_ **حبيب مسجد ۽ پريم منڊلي**: منهنجي پاڙي حبيب مسجد روڊ تي ”حبيب مسجد“ ۽ ان جي پٺ پٺ سان هندن جو ٽڪاڻو ”پريم منڊلي“ آهي. ننڍپڻ کان ئي حبيب مسجد ۾ نماز پڙهندو آهيان ۽ پريم منڊلي وٽان لنگهندو آهيان، ٻنهي گهرن ۾ بنا ڪنهن نفرت جي عبادت ٿئي ٿي، نہ مسجد جي نہ مندر جي ڳالهہ سڄي اندر جي. بقول شاهہ

”ڳچيءَ پائي ڪپڙو روز ڪريان ٿي زاريون.“

_ مسجد هجي، ٽڪاڻو، گورد وارو يا چرچ وغيره سيني ۾ الله جي عبادت ڪئي وڃي ٿي الله جي گهرن جي ڪيڏي نہ وڏي عظمت آهي جو اتي هر امير ۽ غريب گهرڻ اچي ٿو شهدادڪوٽ ۾ امن، سڪون ۽ مذهبي احترام جا هي ٻئي گهر روشن مثال آهن. مسجد ۾ جڏهن عبادت ٿئي ٿي تہ، پريم منڊلي مان گهنڊ گهڙيال ۽ عبادت ۾ وقفو اچي ٿو ۽ وري مسلمانن جي عبادت پنهنجي ئي ٽائيم تي ٿئي ٿي. ورهين کان قائم هنن گهرن مان امن ۽ سڪون جو پيغام ملي ٿو تہ ”تنهنجو دين تو لاءِ ۽ منهنجو دين مون لاءِ“. شهدادڪوٽ ۾ هندو ۽ ٻيا اقليتي پائر هڪ برادرانہ طرز زندگي بسر ڪن ٿا. بقول سچل سرمست۔

ميان ماروئڙن تي مهران وسن مينهن،
شل نہ ڏکيا ڏينهن، اچن اڄڙن تي.

_ 1969 کان 1974 تائين هر هفتي ٽرين ذريعي لاڙڪاڻي ۽ شهدادڪوٽ کان مهر الله خان ۽ ٻين دوستن سان سفر ڪندا هئاسون. مهر الله خان جا سياسي ۽ ادبي تبصرا ٻڌندي ئي منزل اچي ويندي هئي. لاڙڪاڻي ۾ تعليم دوران هر روز شام جو مهر الله خان جي



سگريٽن واري دوڪان تي وڏي ڪچهري ٿيندي هئي، سندس گفتن مان ڪافي معلومات ٿيندي هئي.

_ **تجربي جو فائدو ۽ نقصان**:_شهدادڪوٽ ۾ هڪ وڏي ميڊيڪل اسٽور جو مالڪ ڊاڪٽرپڻ هيو جيڪو روزانہ سوين مريض ڏسندو هيو. سندس اسپتال ۽ ميڊيڪل اسٽور مشهور هئا، پاڻ ڪنهن مرض ۾ مبتلا ٿي پيو ان ڪري ڪراچي جي وڏي اسپتال ۾ داخل ٿيو. ڊاڪٽر جيڪي دوائون تجويز ڪندا هئا، هو انهن سان اتفاق نہ ڪندو هيو ان ۾ شامل هر دوا جي خاصيتن، فائدن ۽ نقصانن بابت ٻڌائي وڏن وڏن ڊاڪٽرن کي مايوس ڪري ڇڏيندو هيو ۽ دوائن جو استعمال نہ ڪندو هيو. آخر ڊاڪٽرن مشورو ڪري ڪيس چيو تہ يا هو سندن دوا استعمال ڪري يا ٻي اسپتال وڃي، چوندا آهن تہ هر حڪيم/ ڊاڪٽر پنهنجي سوچ مطابق دوا تجويز ڪندو آهي. ڪن ڊاڪٽرن جي هٿ ۾ تہ وڏي شفا آهي جيڪا الله تعاليٰ طرفان عطا ٿيل هوندي آهي. مگر هو صاحب اسپتال ڇڏي شهدادڪوٽ هليو ويو.

_ **نيم حڪيم خطري جان**:_ اسان جي ملڪ ۾ ڪيترائي نيم حڪيم ۽ نيم ڊاڪٽر شهرن، ٻهراڙين جي عوام جي صحت سان ڪيڏي رهيا آهن، جيڪي تمام ڪامياب آهن.

اسان جي دوڪان حاجي رضا محمد پنساري تي ڪيترائي نيم حڪيم ڪتابي لکيل نسخن مطابق دوائون وٺي مريضن کي استعمال ڪرائيندا هئا. هڪ حڪيم صاحب جيڪو بنيادي طرح ڊڪڻ هيو. پنهنجو شفاخانو بہ هلائيندو هيو. هڪ دفعي سندس شفاخاني اڳيان وڏي رش ٿي وئي، معلوم ٿيو تہ حڪيم صاحب ٽرڪ جي ڊرائيور، جيڪو پناڻ هيو ان کي پيٽ جي سور جي دوا ڏني هئي، جيڪو سندس دوا کائڻ بعد گهر ۾ مري ويو. ان جا مائٽ ڪجهہ ڏينهن بعد

Gul Hayat Institute

سندس شفاخاني تي آيا ۽ کيس اردو ۾ چئي رهيا هئا ته *"تمهاري دوا سے همارا آدمي مر گيا ہے، تم نے اس کو غلط دوا دي تھي!"* حڪيم صاحب ٺوٺي ڦوٽي اردو ۾ چئي رهيو هين ته *"وہ ميري دوا سے نہيں مرا ہے، اگر ميري دوا سے مرتا تو ادھر ہي مرتا، يہ گھر جا کر مرا ہے۔"*

- ڊاڪٽريءَ جي شوق ۾ منهنجو هڪ دوست به نيم ڊاڪٽر صاحب وٽ ڊاڪٽري سکي رهيو هيو. انجيڪشن هڻڻ ۽ مڪسچر دوائن ناهڻ ۾ پڙ تي ويو هيو. ڊاڪٽر صاحب هر روز منجهند جو 2 کان 5 بجي تائين گهر آرام لاءِ هليو ويندو هيو. اسپتال سندس حوالي ڪري ويندو هيو. هو مريض ڏسندو هيو. هڪ دفعي وٽس هڪ آفري وارو مريض آيو. پيٽ جي سخت سور سبب ڦٿڪي رهيو هيو ۽ چن جي سور جي پڻ دانهن ڪري رهيو هيو. هن کيس ڏسي چيو ته کيس ٻه مرض آهن. مگر هو صرف پيٽ جي سور جي دوا ڏيندو باقي ٻي مرض جو علاج ڊاڪٽر صاحب پاڻ ڪندو. چاڪاڻ ته چن ڏسڻ هن کي ڏکيو پيو لڳي. انساني صحت سان کيڏڻ قانوني ڏوهه آهي.

- **سائنسدان آئنسٽائين** (Einstein):تجربو انسان کي سڀ ڪجهه سيکاري ٿو. هڪ رسالي کي پڙهندي معلوم ٿيو ته عظيم سائنسدان آئنسٽائين (Einstein)برقي قوتن، بجلي جي قاعدن (Electrodynamics) بابت ليڪچر ڏيندو هيو جو سندس ڊرائيور به ليڪچرن ۾ گڏ هوندو هيو. آئنسٽائين جي ليڪچرن ٻڌڻ سبب هو به مذڪوره عنوان ۾ ماهر ٿي چڪو هيو. هڪ دفعي سندس ڊرائيور کيس چيو ته هن کي به موقعو ڏيو ته هو به ساڳي موضوع تي ليڪچر ڏئي. آئنسٽائين ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪ دفعي کيس چيو ته هو آئنسٽائين سڏائي، ليڪچر ڏئي ۽ پاڻ سندس ڊرائيور سڏائي سيٽ



تي ويٺو. آئنسٽائين جي ڊرائيور تمام سٺو ليڪچر ڏنو ۽ ڪائنس ڪيترائي سوال ڪيا ويا. مگر هڪ اهڙو ڏکيو سوال ڪائنس پڇيو ويو جنهن تي هن چيو ته هيءَ ته تمام سولو سوال آهي، جنهن جو جواب ته منهنجو ڊرائيور به ڏئي سگهي ٿو. جو آئنسٽائين پنهنجي جاءِ تان اٿي ان ڏکئي سوال جو جواب ڏنو.

- **محمد علي ڪلي**(Cassis Clay): جي عنوان سان پڙهيو هيم ته هو باڪسنگ جو بين الاقوامي ناميارو باڪسر هيو. جيڪو پنهنجي فن جي مڙني پيچن ۾ ماهر هيو. چوندو هيو ته I fly like a butter and sting like bee. محمد علي ڪلي جي شهرت ۽ قوت ڪري حڪومت آمريڪا کيس ويٽنامي خلاف جنگ ۾ فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ زور ڀريو جو هن انڪار ڪندي چيو ته هن کي ويٽنام سان ڪا به دشمني ڪا نه آهي، ان ڪري هن حڪومت کان معذرت ڪئي. جو سندس انڪار تي ڪائنس مليل بين الاقوامي چئمپين جو ٽائيٽل واپس ورتو ويو مگر هو پوءِ به پنهنجي تجربن جي بنيادن تي باڪسنگ جي دنيا ۾ بادشاهه رهيو.

- **دوڪانداري**: هر ڌنڌي وانگر، دوڪانداري به هڪ وڏو ڌنڌو آهي. مان به دوڪاندار ٿي رهيو آهيان. صبح جو سوير دوڪان جي صفائي، گراهڪن کي مطمئن ڪري شيون وڪڻڻ ڪا معمولي ڳالهه ڪو نه آهي. ڪي دوڪاندار ڏاڍا زبان دراز، منيون منيون ڳالهيون ڪري ٻيو نمبر مال وڌن اگهن ۾ کپائي ڇڏيندا آهن. ته ڪي وري سنيون ۽ اصلي شيون به وڪڻي نه سگهندا آهن. هيءَ پاڻ پڌائڻ جي ڳالهه نه آهي مگر منهنجو والد صاحب ايماندارانه طريقي سان گراهڪن سان پيش ايندو هيو. تور ۽ ماپ ۾ ڪا به گهٽ وڌائي نه ڪيائين. شيون اصلي وڪڻندو هيو. ڪڏهن به دوائن ۾ ملاوت نه

Gul Hayat Institute

كيائين، سختي سان منع كندو هيو ته تور، ماپ ۾ كا به بي ايماني نه كريو چاكاڻ ته الله تعاليٰ ان جو پڇريائين حساب كندو. ڀلي دوائون مهانگيون ملن انهن كي جائز اگهن تي گراهكن كي ڏيائي وكرو كريو. دوكان تي ٻيو نمبر مال يا هك وكر جي عيوض ٻي كو وكر نه ڏيو. جيكو گراهكن سان ٺوكي برابر آهي. مان ڏسندو هيس ته والد صاحب جي ان اصول كري سندس مٿان گراهكن جو اعتماد هوندو هيو. منهنجي والد صاحب جي سچائي ۽ ايماندارانه ڏنڌي كري كيس كڏهن به نقصان نه رسيو. مان به بابي سائين سان دوكان تي ويهي يوناني جڙي ٻوٽين جي خاصيتن ۽ سندن سڃاڻپ جو كافي تجربو حاصل كيو. طب يوناني ۽ طب اسلامي ۾ والد صاحب منهنجي كافي تربيت كئي آهي، سندن كيترن ئي نسخن جهڙوك، پٿرن ۽ جواهرت كي كرل كري انهن مان اعليٰ كشتا ناهڻ، گلن، ڦلن ۽ دوائن مان عرق كيڻ، ڦكين ناهڻ ۽ روغنن ناهڻ جو وڏو تجربو حاصل ٿيو.

- مرحوم جان محمد پنساري جو دوكان اسان جي دوكان حاجي رضا محمد پنساري لڳ پراڻي اناج بازار ۾ هيو. جان محمد هر جمعي تي دوكان ۾ پنهنجي ويهڻ جي جاءِ مٽائيندو هيو انكري دوكان جو هر هفتي نئون نقشو لڳندو هيو. هك دفعي مان كائنس پڇا كيو ته اوهان ائين جايون ڇو ٿا مٽايو جو چيائين ان سان نواڻ پيدا ٿئي ٿي ۽ ويهڻ ۾ مزو اچي ٿو از انسواءِ دوكان جي مكمل صفائي به ٿئي ٿي ته واقعي زندگي ۾ جوت پيدا كرڻ لاءِ نواڻ جي ضرورت پوي ٿي.

### - شهدادكوٽ ميونسپل هاءِ اسكول جون يادون:

شهدادكوٽ ميونسپل هاءِ اسكول جو هيڊ ماسٽر عبدالستار پٽي



صاحب سٺي شخصيت ۽ رعبدار هميشه فل سوٽ ۾ ٽپ ٽاپ رهندو هيو. اسكول جي بهتر نظام هلائڻ سندس كمال هيو. اسكول ۾ ڏاڍي محنت كرائي ويندي هئي. پٽي صاحب اسكول ۾ شاگردن تي مكمل توجه ڏيندو هيو. هميشه صبح جو اسيمبلي ٿيندي هئي، پاكستان جو جهنڊو گلڻ پٽيوالو كنيو بيٺو هوندو هيو. اسيمبلي جي ابتدا تلاوت كلام پاك ۽ ان جي ترجمي سان ٿيندي هئي، جنهن بعد هيڊماسٽر صاحب نصيحت آموز تقرير كندو هيو ۽ بعد ۾ قومي تراني كانپوءِ شاگرد پنهنجن پنهنجن كلاسن ۾ هليا ويندا هئا. ان كري اسان كي اسكول ۾ وقت تي اچڻ جي عادت پئي. پٽي صاحب جي شخصيت ۽ نصيحت آموز تقريرون ذهن نشين ٿي وينديون هيون هميشه چوندو هيو ته

If wealth is lost nothing is lost,
If health is lost something is lost.
If character is lost everything is lost.

اسان جي هاءِ اسكول جي ڊريس كاري ملائيشيا رنگ واري ٽوپي سميت هوندي هئي. پٽي صاحب هر پيرڊ جي ٽونكي تي ٻاهر رائونڊ ڏيندو هيو انكري استاد ۽ شاگرد منظم طريقي سان اسكول جي ٽائيم ٽيبل مطابق كم كندا هئا.

- اسان جي اسكول جو استاد ديدار علي عباسي وڏي شخصيت وارو ماڻهو هيو نازك نفيس ۽ سٺي پوشاك پائڻ كري شاگردن ۾ مقبول هيو. سندس ڳالهائڻ جو انداز منفرد هيو. انگريزي گرامر سٺي اسٽائيل سان سيكاريندو هيو.

- استاد امداد حسين گهلو هك قداور شخصيت جو مالك هيو انگريزي پڙهائيندو هيو. استاد محمد عظيم سومرو حسابن جو قابل استاد هيو. استاد غلام مرتضيٰ پٽو تاريخ جو ماهر استاد، تاريخ كي

Gul Hayat Institute

سهڻي نموني آڪاڻي جي انداز ۾ ٻڌائي ذهن نشين ڪرائي ڇڏيندو هيو. مگر جيئن تہ آءٌ سائنس جو شاگرد هيس ان ڪري مون تاريخ ئي ڪو نہ پڙهي البتہ استاد ڀٽي جي ليڪچرن ٻڌڻ جو شوق هيو ۽ ڪيترا پيرا سندن ليڪچر ٻڌا هيم. استاد ڀٽو سخت ايڊمنسٽريٽر هيو. شام جو شاگردن تي نظر رکڻ ۽ وري صبح جو تنقيد ڪرڻ ڪري شاگردن کي خوف ٿيندو هيو. سائين ڀٽو ڪرڪيٽ، اسڪائوٽس ۽ اسڪول جي سيني سوشل ڪمن جو انچارج هيو. استاد ڀٽو پاڻ کي ”ماستر ڀٽو“ چورائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو هيو ۽ چوندو هيو تہ هي پيغمبري پيشو آهي.

ـ اسان جي اسڪول جو استاد سجاول خان وڏو شاگردن ۾ مقبول استاد هيو ڪيس انگريزي ۽ فارسي پڙهائڻ جو خاص آرٽ هيو. مون استاد شاهہ محمد هڪڙو جي مار سبب عربي سبجيڪٽ ڪو نہ ڪنيو. فارسي سبجيڪٽ ۾ اڪثريت هندو شاگردن جي هئي پر مان استاد سجاول خان جي ڪري فارسي سبجيڪٽ ڪنيم.

ـ استاد رامچند ناگديو سائنس جو استاد هيو. محنتي ۽ سخت استاد هيو. ليبارٽري ۾ تجربا ڪرائيندو هيو ۽ شاگردن کي علاج پڻ ڏيندو هيو.

ـ ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ ريڊڪراس سوسائٽي قائم هئي. جنهن ۾ شاگردن جي صفائي ۽ سٺائي تي توجهہ ڏنو ويندو هيو. صفائي ۽ سٺائي جي ان مقابلي ۾ آءٌ، مسٽر برڪت علي شيخ ۽ سرجن سڪندر علي شيخ کي سرٽيفڪيٽ مليا هيا.

ـ ڀٽي صاحب اسڪول جي شاگردن مان هڪ سيڪريٽري محمد اسماعيل منگي مقرر ڪيو هيو جيڪو هر روز اسڪول جي ايوان ۾ بورڊ تي چاڪ سان نيون خبرون لکي ڇڏيندو هيو جنهن کي



اسين رسيس وقت يا صبح اچڻ تي پڙهندا هئاسون. اهڙيءَ طرح اسان جي معلومات ۾ اضافو ٿيندو هيو ۽ خبرن ٻڌڻ ۽ پڙهڻ جي عادت پئي. شهدادڪوٽ جي هڪ شاعر پنهنجي محبوب جي ناراضگي سبب عملي مظاهرو ڪندي شهر جي هڪ ڦتل کوهہ ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏيو ۽ اعلان ڪيائين تہ جيستائين سندس محبوب راضي نہ ٿيندو هو باقي زندگي کوهہ ۾ گذاريندو. شهر جا سڀ ماڻهو کيس ڏسڻ ويا ۽ ايلازمنٽ ڪندا رهيا تہ هو کوهہ مان نڪري اچي مگر هو ڪنهن جي بہ ڪو نہ پيو مڃي، آخر مهرالله خان شيخ جيڪو پاڻ بہ شاعر ۽ برک ماڻهو هيو ان کيس چيو تہ:

اچين ٿو عشق جي اري ۾

۽ پوين ٿو کوهہ جي تري ۾.

ـ جو هو کوهہ مان نڪري آيو. اهڙي عشق جو عملي مظاهرو ڪوئي عاشق ڪندو.

ـ اسان جي اسڪول جو هڪ شاگرد جيڪو هميشہ امتحانن ۾ فيل ٿيندو هيو ”چرچائي“ ڪل ٻوڳ ۽ ڪچهري جو ڪوڏيو هيو. استادن جي مقبوليت تي ريس ڪندو هيو ۽ چوندو هيو تہ جيڪو بہ ڇوڪرو جيترا بہ دفعا کيس سلام ڪندو تہ هو انهن کي ڪنمتڙا ڏيندو جو ڏسندي ۽ ئي ڏسندي سندس مقبوليت وڌي وئي ۽ کيس هر روز استادن کان بہ گهڻا سلام ٿيندا هيا.

ـ اسان جي اسڪول ۾ الله بخش مگڻهار چرچائي ۽ ٻوڳائي شاگرد هيو. هونئن بہ مگڻهار کي ڳائڻ، روئڻ ۽ ڳالهائڻ جو فن هوندو آهي. پنهنجي نرالي انداز ڪري شاگردن ۾ مقبول هيو. پڙهڻ ۾ جڏو هيو. پر پوءِ بہ شاگرد چندو ڪري کيس ڊرائنگ يا اسڪالر جي امتحانن ۾ فارم ڀرائيندا هئا. منهنجو ڪلاس ميٽ هيو. ان وقت اسڪالرشپ جو

Gul Hayat Institute

امتحان قمبر علي خان ۾ ٿيندو هيو. ان ڪري اسين مڪمل تياريون ڪري، اٿو گيهه، چانور وغيره کڻي ڪري قمبر ويندا هئاسون. تاريخ جي اورل هئي استاد جعفري صاحب اورل وٺي رهيو هيو. هو سخت استاد هيو جڏهن الله بخش کي سڏ ٿيو. جعفري صاحب ڪائنس سوال پڇيو تہ سنڌ ڪنهن فتح ڪئي هئي؟ هن چيو سائين قائداعظم. پوءِ تہ استاد جعفري ڳاڙهو ٿي ويو ۽ ڪاوڙجي ويو هن کي گار ڏئي چيو تہ ڪهڙي استاد پڙهايو اٿئي هن چيو تہ. ”اوهان!“. پوءِ تہ جعفري صاحب پادر لاهي هن جي پويان پئجي ويو مگر الله بخش سڌو قمبر اسٽيشن تي اچي گاڏي ۾ چڙهي شهدادڪوٽ هليو ويو. آخر ان وقت جي هيڊماستر متائي صاحب ڪيس ٺڏو ڪري واپس وٺي آيو ان بعد اسان جي اورل سٺي رهي. قمبر ۾ اسان جي ڊرائينگ جو امتحان هيو. استاد محمد عالم ابڙو بزرگ آرٽ جو ماهر هيو. سائين محمد عالم جي گهر ۾ رات جو ڪو چور گهريو. استاد وجي ڪيس گلي پيو ۽ اونداهي ۾ پنهنجا هٿ هن جي منهن تي گهمايا ۽ صبح جو پوليس کي گهرائي ان چور جي شڪل بورڊ تي چاپي چور کي پڪڙايو. ڊرائينگ جو هي استاد پنهنجي فن جي بلندي تي پهتل هيو. هي منهنجي والد جو بہ استاد هيو ۽ دست شناس پڻ هيو. هن منهنجو بچپن ۾ هٿ ڏٺو هيو جنهن جي يادگيري اڄ بہ مون کي آهي ۽ سندس ٻڌايل ڳالهيون ياد آهن. هٿن جي لڪيرن جي سمجهڻ لاءِ ڊرائينگ جو اهم ڪردار آهي.

- آءُ ميونسپل هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ جو شاگرد آهيان. جيڪو موجوده اردو پرائمري اسڪول واري بلڊنگ ۾ قائم هيو ۽ سندس برانچ موجوده ڪي- جي اسڪول بلڊنگ ۾ هئي. اسان جو اسڪول سال 1964 ڌاري موجوده گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ منتقل ٿيو. جنهن جو پلاٽ شهدادڪوٽ جي هڪ مخير بزرگ مرحوم غلام



مصطفيٰ خان کهاوڙ مفت ۾ ڏنو. جنهن جي پيڙهہ جو پٿر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو باني، چيئرمين پ پ پ، اڳوڻو وزيراعظم پاڪستان ۽ ان وقت بحيثيت وزير بجلي ۽ مواصلات رکيو. هي بهترين عمارت آهي جنهن جو ٺيڪيدار مرحوم مفتي عبدالعزيز هيو. جيڪو وڏو ڏاهو ماڻهو هيو. مون کي ياد آهي تہ جڏهن اسين پنهنجي پراڻي هاءِ اسڪول کي ڇڏي نئين موجوده اسڪول ۾ پهرين ڏينهن پهتاسون تہ هيڊ ماستر مسٽر عبدالستار پٺي ۽ ٻيا استاد صاحبان پڻ موجود هيا. مون کي هيڊ ماستر صاحب حڪم ڪيو تہ تون اسڪول جو دروازو کولي افتتاح ڪر، جو سڀني اسڪول جي شاگردن مان مون کي اهو اعزاز مليو. مون بہ بسم الله ڪري دروازو کوليو شاگردن تاڙيون وڄائي اسڪول ۾ قدم رکيا. اسڪول جي نئين بلڊنگ ڏاڍو متاثر ڪندي هئي. ۽ اسڪول ڇڏڻ تي دل ئي نہ ٿيندي هئي.

- اسان جي اسڪول جو يونيفارم ملائيشيا جي ڊريس ۽ ملائيشيا ٽوپي هئي جو سڄو نظام منظم لڳندو هيو. هر سال شاگرد چندو ڪري مئٽرڪ جي شاگردن جي مان ۾ الوداعي دعوت شهدادڪوٽ شاخ جنهن کي باريج چيو ويندو آهي تي ٿيندي هئي. جنهن جو سهرو سائين عبدالستار پٺي، مسٽر غلام مرتضيٰ، الهورايو قريشي، ديدار عباسي ۽ ٻين تي هيو. اونهاري ۾ صبح کان شام تائين ان جو اهتمام هوندو هيو. شاخ جي چوڌاري ٻنهي پاسن کان ٽالهي جا گهاٽا وڻ هوندا هئا انهن جي ڇانوَ ۾ باريج جي ڪپن تي ويهندا هئاسون. پلاءُ جون ديڳيون، انبن جا ٽپ برف ۾ ٺڏا ڪيا ويندا هئا. پوءِ ڪپڙا لاهي لنگ ٻڌي سڀئي شاگرد باريج ۾ وهنجندا هئاسون ۽ ٺڏن انبن جا جوس پئيندا هئاسون. ڪي شاگرد جن ۾ مان بہ هيس ٽڏي پاڻي ڪري باريج ۾ نہ وهنجندا هئاسين. پوءِ بہ باريج جي ڪپ تي

ويهي پيپر پاڙي ۾ وجهي تفريح ڪندا هئاسون. وڻن ۾ پکين جون پڪارون ۽ گدڙن جي آواز سان ماحول ئي نرالو لڳندو هيو. هي يادگار الوداعي پارٽي هر سال ٿيندي هئي. سائين عبدالستار پٺي هر سال مئٽرڪ جي شاگردن ۽ استادن جا گروپ فوٽو ڪيرائيندو هيو. جنهن جي ڪاپيون هڪ هڪ شاگردن کي بہ ملنديون هيون. جيڪي اسان جي ماضي جي ياد تازه ڪرائيندي آهي. ماضي جا پراڻا ڦوٽو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي. ان وقت رفيع جو هي سدا بهار گانو "*گذرا ہوا زمانہ، آتا نہیں دوبارہ*" پراڻي ياد تازه ڪرائيندو آهي. هاءِ اسڪول جي پراڻي بلڊنگ جيڪا موجوده اردو اسڪول آهي اتي هر شام جو استاد مشتاق الرسول ڊرائينگ سيکاريندو هيو. مون کي ڊرائينگ سان ڏاڍو شوق هوندو هيو مگر جڏهن بہ ڪا تصوير ڪڍيم تہ سائين ان کي غلط ڪندو هيو. مون کي ٻين جي ڊرائينگ ڏسي ڏاڍي ريس ايندي هئي. مسٽر مشتاق اسان کي رنگن ۽ ماڻهن جي مزاج بابت معلومات ڏيندو هيو. مون کي رنگن مان هلڪو بلو رنگ، گلابي ۽ اڇو ڏاڍا پسند آهن. شوخ رنگن مان ڳاڙهو ۽ ڪارو رنگ وڏيڪ وڻندا آهن. سائين مشتاق الرسول ٻڌايو هيو تہ جڏهن گهٽو ٽڪ ٿئي تہ آسمان جي رنگ مان لطف اندوز ٿيڻ گهرجي.

– هر سال جون، جولائي جي گرم موسم ۾ جڏهن ميونسپل هاءِ اسڪول کي گرمي جي موڪل ملندي هئي، شهدادڪوٽ جي اتر طرف ٿانوري شاخ جنهن جي ٻنهي ڪپن تي ٽالهي نم ۽ سرينهہ جا وڏا گهاٽا وڻ هئا ۽ ٿانوري شاخ بہ وڏي اوج سان وهندي هئي. اتي دعوت جو انتظام هوندو هيو. سڀ شاگرد ۽ استاد چندو ڪري هن دعوت ۾ شريڪ ٿيندا هئا. جتي شاگرد ۽ استاد گڏجي انتظام ڪندا هئا. ۽ ٿانوري شاخ جي ٿڌي مٺي پاڻي جو مزو ماڻيندا هئا. ويتر ٿڌا ۽



مٺا انب مزي کي نرالو ڪري ڇڏيندا هئا. تفريح ۽ راڳ جو پڻ بندوبست هوندو هيو. ٻينن ۽ باجن تي رفيع ۽ لتا منگيشڪر ۽ ٻين جي گانن سان دعوت کي چار چنڊ لڳي ويندا هئا. ان وقت نہ هوندو هيو ڪو فڪر نہ ڪا ڳڻتي. نہ ڪنهن ڌاڙيل جو خوف ۽ نہ وري اغوا جي ڳڻتي. شاگردن ۽ استادن ۾ عزت ۽ احترام هيو. اسانجي اسڪول جو هڪ شاگرد محمد جان ڪلهوڙو، رفيع جا گانا ڳائي محفل کي جهومائي ڇڏيندو هيو. سندس پسنديده گانو "*چودویں کا چاند ہو یالاجواب ہو*" فرمائش ڪري ٻڌو ويندو هيو. علي نواز مگڻهار جا چرچا ۽ وري سندس بانسري جون ڌنيون ٿانوري شاخ جي پاڻيءَ جي لهرن کي تيز ڪري ڇڏينديون هيون. اهڙي تفريحي يادگار دعوت جو هر سال انتظار ڪيو ويندو هيو ۽ گروپ ڦوٽو پڻ نڪرندا هيا.

– 1963، خبر پئي تہ آمريڪا جي صدر جان ايف ڪينڊي کي قتل ڪيو ويو مون کي سندس موت تي دلي صدمو پهتو. ان ڪري تہ ڪينڊي خوبرو ۽ قابل صدر هيو سندس اوچتي موت جو ارمان ٿيو جو اسين سندس فلمون اڪثر اسڪول ۾ ڏسندا هئاسون.

– سال 1964 ۾ اسان جي شهر ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن هو ايريگيشن، بجلي ۽ قدرتي وسيلن جو وفاقي وزير هيو تہ شهدادڪوٽ جو دورو ڪيو. آءٌ بہ ان وقت روڊ تي موجود هيس. ڀٽو صاحب نوجوان وزير هيو. جنهن جو شهدادڪوٽ جي عوام شاندار استقبال ڪيو.

– اسان جي اسڪول ۾ مسٽر عبدالواسي ڊرل ٽيچر هيو هميشہ ڪاوڙيل هوندو هيو جو چماٽون هڻندو هيو جنهن جو اثر ڪافي ڪلاڪ هلندو هيو ان ڪري اسان ڊرل کي ويل سمجهندا هئاسين. عبدالواسي ڏاڍايون ڏاڙون هڻندو هيو. قمبر جو رهاڪو هيو. هر هفتي قمبر مان پاڻي پري ايندو هيو ۽ اهو ئي پيئندو هيو. ڏينهن رات هڪ

Gul Hayat Institute

سوڙهي ڪوٺي ۾ سياري اونهاري سمهندو هيو. ۽ چوندو هيو تہ جِنَ سندس قبضي ۾ آهن!

1971ع ۾ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان B.Sc ڪيميسٽري ۽ زولاجي سبجيڪٽ ۾ پاس ڪيم، ان بعد ڪيمسٽري ۾ M.sc ڪرڻ لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتم، مگر خيال آيو تہ مان وڪيل ٿيان، جنهنڪري ارادو بدلائي L.L.B ۾ داخلا ورتم.

شهدادڪوٽ ميونسپل ڪاميٽيءَ پاران ميونسپل هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ کي هڪ سائنس ٽيچر گهربل هو، جنهن جي ايڊورٽائيز اخبار ۾ ڏنم، جو ان لاءِ درخواست موڪليم، انٽرويوءَ ۾ ڪاميابيءَ بعد 1971 ۾ ئي ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ بحيثيت سائنس ٽيچر مقرر ٿيس. مون لاءِ اهو اعزاز هيو تہ انهيءَ اسڪول جنهن ۾ مان پڙهندو هئس، اتي ئي وري استاد بہ ٿيس. بحيثيت استاد جي منهنجي ڄاڻ ۽ معلومات ۾ ڪافي واڌارو ٿيو. چاڪاڻ تہ اسڪول جي سينيئر شاگردن نائين ۽ ميٽرڪ وارن کي پڙهائڻو هيو انڪري مون پنهنجن سبجيڪٽن کي ڪافي پڙهيو ۽ سمجهيو ۽ ان بعد ليڪچر ڏيندو هئس. نوڪريءَ دوران مون محسوس ڪيو تہ اسان جي اسڪول جا شاگرد سائنس سبجيڪٽ کي ڏکيو سمجهن پيا، جو هو آرٽ سبجيڪٽ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندا هئا. مون سندن خيالن ۾ تبديلي آندي ۽ ڪافي شاگردن کي زبردستي سائنس ۾ وٺي آيس. مون شاگردن کي سائنس ليبارٽريءَ ۾ وٺي وڃي تجربا ڪرائيندو هئس، جنهنڪري سندن دلچسپيءَ ۾ اضافو ٿيو. منهنجي تجربي ۾ اها ڳالهہ آئي تہ اهو ئي سٺو استاد ٿي سگهي ٿو، جيڪو پنهنجي سبجيڪٽ جو وسيع مطالعو ڪري ۽ شاگردن کي سولو ۽ آسان ڪري ٻڌائي، جيئن سندن ذهني اوسر ٿي سگهي، جو مون کي ان ۾ ڪافي ڪاميابي حاصل ٿي.



سائنس ٽيچر جي حيثيت سان مان پنهنجن انهن استادن سان گڏ ويهندو هيس، جن مون کي پڙهايو هيو سندن خيالات، معلومات ۽ ڪچهرين مان ڪافي ڪجهہ حاصل ٿيو. جيڪي مون کي گهڻو همٿائيندا هئا. سائنس سبجيڪٽ ۾ شاگردن جي دلچسپيءَ سبب هر انهيءَ ڪلاس ۾ جتي ڪو استاد نہ هوندو هو. هيڊ ماستر صاحب مون کي موڪليندو هو. جو مان کين سائنس ليبارٽري ۾ وٺي ويندو هيس جتي مختلف گئسن جي ڄاڻ، رنگن مان نوان رنگ ٺاهڻ، ستن رنگن جي روشنيءَ جا پريڪٽيڪل، ڏيڏرن جو ڊاءِ سيڪشن، گلن ٽارين ۽ ٻوٽن جي سائنسي معلومات ڏيندو هيم. جنهنڪري مون کي اسڪول دوران فرصت ڪو نہ هوندي هئي، منهنجي شاگردن جو مون ۾ ساهہ هوندو هيو. مون کي بہ دلي خوشي ٿيندي آهي جڏهن مان پنهنجي ڪنهن شاگرد کي ڏسندو آهيان ۽ سندن ترقيءَ تي فخر محسوس ڪندو آهيان. اسان جا استاد قابل احترام آهن، ان لاءِ جيڪو جيتري استاد جي عزت ڪندو اهو اوترو ئي مرتبو حاصل ڪندو. استاد جي حيثيت سان مونکي اها خبر پوندي هئي تہ ڪهڙي شاگرد ۾ ڪيتري صلاحيت آهي ۽ هو ڪيترو هوشيار يا ڪمزور آهي، ان ڪري انهن جي تربيت ڪندو هئس، تقريبن ٽن سالن تائين سائنس جو استاد رهيس ۽ بعد ۾ استعيفيٰ ڏئي وڪالت جو پيشو اختيار ڪيم.

_ **مهراج گوپي ڪرشن:** اسان جي شهر ۾ مهراج گوپي ڪرشن جي وڏي معزز ۽ پڙهيل فيملي آهي. مهراج گوپي ڪرشن شهدادڪوٽ ميونسپل ڪاميٽي جا چيئرمين رهيا هئا. شهدادڪوٽ واسين جي خدمت ۽ شيوا ڪئي اٿن. شهدادڪوٽين جي ڏک سک ۾ ساٿ رهيو اٿن. سندن اولاد بہ ان جهڙو رويو برقرار رکيو آهي. ميڊم وينا شرنگي ۽ ميڊم شالني ساگر سنڌي ادب، زبان ڪلچر ۽ سنڌي

Gul Hayat Institute

تهذيب ۽ تمدن کي انڊيا ۾ اجاگر ڪرايو آهي. بين الاقوامي سنڌي ڪانگريس هجي، يا سنڌي ادب جو واڌارو ۽ ترقي جتي بہ آهن سنڌ سان سندن روحاني ناتو برقرار آهي.

جنهن جو پيچ پنهل سان،
سا پاٺي ٿيندي پڌري.

وانگر سنڌي ادب جي خدمت ۾ ڪوشان آهن.

**_ڪاليج جو زمانو:** سال 1968_69ع ۾ F.sc جي داخلا گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ ورتم. ڪاليج جي زندگي ڏاڍي مزيدار لڳي. هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج جي تعليم ۾ وڏو فرق محسوس ٿيو. ڪاليج ۾ پڙهائي سان گڏ، سماجي خواه ادبي پروگرامن ۾ راندين ڪيڏڻ جو موقعو مليو. No Knowledge without collage وارو محاورو سمجهہ ۾ آيو. ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ شاگرد جي يونين پڻ هئي، شاگرد سياست، اليڪشن ۽ شاگرد سرگرمين ۾ وڏي جان هئي. ان وقت لاڙڪاڻي ۾ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سياست جي ابتدا هئي. المرتضيٰ هائوس ۾ ڀٽي صاحب وٽ ڪيترن ئي شاگردن ۽ ماڻهن جي اچ وڃ هوندي هئي جو آءٌ بہ هر روز المرتضيٰ هائوس ۾ ويندو هيس. جت ڀٽو صاحب سياسي ڳالهين تي روشني وجهندو هيو. نئون پاڪستان ۽ نئين سياست تي ڳالهائيندو هيو. ڀٽي صاحب لاڙڪاڻي ۾ لاڙڪاڻو اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن LSO جو بنياد وڌو. مان بہ ان وقت ان جو ميمبر ۽ خزانچي هيس LSO شاگردن ۾ جمهوريت ۽ ماڻهن کي سندن حقن جي سڃاڻپ ۽ ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو. مون LSO جي پليٽفارم تان سياست ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي. ڀٽو صاحب LSO جا عهديدار چونڊيا جو LSO شاگردن کي ڪيترين ئي سهوليتون وٺي ڏنيون. جنهن بعد ڀٽي صاحب پاڪستان پيپلزپارٽي جو بنياد پڻ وڌو. پ پ پ جو ٽي



رنگي جهنڊو، دستور ۽ ويتر ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جي جوان قيادت، جوشلين تقريرن ۽ ملڪ جي هر ڪنڊڪڙڇ ۾ وڃڻ ڪري عوام ڪيس پنهنجو ليڊر ۽ رهنما تسليم ڪرڻ شروع ڪيو. بقول فيض احمد فيض

جو رُکے تو کوہِ گراں تھے ہم،
جو چلے تو جاں سے گزر گئے،
رہِ یار ہم نے قدم قدم تجھے یادگار بنا دیا۔

**_ ذوالفقار علي ڀٽو جي شخصيت:** ڀٽو صاحب بهادري سان صدر ايوب خان تي تنقيد ڪندو هيو. هيءُ هڪ جوان مرد ليڊر هيو جنهن فوجي آمر خلاف محاذ ٺاهيو. ايوب خان جنهن ڀٽي صاحب کي چيو هو تہ تو لاءِ هڪ صوبيدار ئي ڪافي آهي، توکي تہ لاڙڪاڻي کان ٻاهر ڪوئي نہ سڃاڻي. مگر ڀٽي صاحب پنهنجي سياسي تدبر سان ايوب خان کي استعيفيٰ ڏيڻ تي مجبور ڪري وڌو. شيخ اياز جو هي شعر سچ لڳندو آهي تہ

ٿو ٽڪرايا گيت جڏهن،
آءٌ سنڌ ۽ ديوارن سان.
تا تنهنجا ياري برج لڳن،
تون هيٺون آن هٿيارن سان.

_ دنيا ڏٺو تہ ذوالفقار علي ڀٽي هڪ آمر مان پاڪستاني عوام جي جان ڇڏائي. ڀٽو صاحب کي الله تعاليٰ اهڙي صلاحيت ڏني هئي جو هو ماڻهن کي نالي سان سڃاڻيندو هيو. ان ڪري ماڻهن جو ان ۾ ساهہ هيو. ڀٽي صاحب جي دوري جي شل نہ خبر پوي عوام سندس استقبال لاءِ سردي گرمي ۾ اچي گڏ ٿيندا هئا. ڀٽو صاحب ماڻهن جي وچ ۾ اچي ويهندو هيو. ان وقت فوجي آمر ايوب خان خلاف ڳالهائڻ

Gul Hayat Institute

هڪ وڏي ڳالهه هئي سندس جوشيلي تقريرون ۽ بلند خيالن ڪري عوام جي سوچن ۾ تبديلي آئي.

*لبوں پر پھول کھلیں اور زبان سب کو ملے،*
*وہ گھر بناؤں کہ جس میں امان سب کو ملے۔*

- ڀٽو صاحب جڏهن ڪنهن شهر يا ڀهراڙي ۾ دوري لاءِ ايندا هئا جو خبر ئي نه پوندي هئي ته ايڏا ماڻهو ڪٿان نڪري سندس پرجوش استقبال ڪندا هيا. پاڪستان پيپلزپارٽي هڪ انقلابي پارٽي جي حيثيت سان ابري. مون کي ياد آهي ڀٽو صاحب جڏهن ملڪ جو پهريون وزيراعظم ٿي پنهنجي تڪ شهدادڪوٽ جو دورو ڪيو ته هو پنهنجي دوست ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي سٽي شهدادڪوٽ جي صدر محمد عثمان شيخ جي اوطاق تي آيو. ڀٽي صاحب جي استقبال لاءِ تقريبن سڄو شهر جو عوام ڪيس ڏسڻ آيو مگر محمد عثمان شيخ جي ننڍي اوطاق ڪري سندس سمورو فرنيچر پچي پيو جو ڀٽي صاحب کي مجبورن اتان نڪري ٻاهرماڻهن سان ملڻو پيو ۽ خطاب ڪيو. سندس خطاب ماڻهن جا وار ابا ڪري ڇڏيا، ان بعد ڀٽو صاحب جڏهن به شهدادڪوٽ جي دوري تي آيا وڏي ميدان ۾ خطاب عام ڪيائون.

ڀٽو صاحب شهدادڪوٽ جي عوام جي حالت کي بدلائڻ خاطر شهدادڪوٽ ٽيڪسٽائل ملز جو تحفو ڏنو. هيءَ مل ايشيا جي وڏين ملن مان هڪ هئي. ڀٽو صاحب جي شهدادڪوٽ ۾ مل لڳائڻ ڪري وڏي مخالفت ٿي مگر هو ان جو دفاع ڪندو هيو ۽ چوندو هيو ته ڪپهه ته ڪراچي ۾ به ڪو نه ٿي پيدا ٿئي پوءِ اتي ڪپڙي جا ڪارخانا ڇو؟ ۽ ڇو نه شهدادڪوٽ ۾! ڀٽي صاحب هن مل جي دفاع ۾ چوندا هئا ته حڪومت جو مقصد صرف ٽيڪس ڪمائڻ ۽ پئسا گڏ ڪرڻا نه آهن مگر عوام جي معاشي زندگيءَ کي به تبديل ڪرڻو آهي. هن مل لڳڻ



ڪري شهدادڪوٽ جي عوام جي معيشت ۾ وڏو فرق ٿيو ۽ خوشحالي پيدا ٿي مگر بدقسمتي سان هيءَ مل سياست جي نظر ٿي وئي ۽ ڀٽي صاحب جي ڏنل تحفي جو قدر نه ڪري سگهياسون. مل لڳڻ ڪري نه صرف غريب عوام کي روزگار مليو هيو مگر شهر جي ڪاروبار به ترقي ڪئي ۽ پورهيت سياست جو بنياد پيو جنهن ڪري شهر جي سياست ۾ ماحول ۾ ڪافي فرق آيو. شهدادڪوٽ سياست جو مرڪز بڻيو ۽ هر طبقي جي ماڻهن ۾ ٻڌي، ايڪي لاءِ يونين ۽ ايسوسيئيشن جو بنياد پيو.

- قائد عوام شهدادڪوٽ ۾ سيف الله مگسي ڪئنال جي تعمير ڪرائي جنهن سبب هزارين ايڪڙ بنجر زمينن کي پاڻي مليو. هيءَ ڪئنال مرحوم سيف الله خان مگسي جي نالي ۽ ياد ۾ ڀٽي صاحب منسوب ڪئي، جيڪا اڄ به سنڌ ايريگيشن نظام جو هڪ انقلابي قدم آهي. هن ٻئراج ڪري ٻوڏ ۽ بلوچستان کان ايندڙ برساتي پاڻي کان شهر محفوظ رهيو. مگر سال 1974ع جي ٻوڏ ڪري هن ڪئنال کي نقصان ٿيو جنهنڪري شهدادڪوٽ جي چوڌگرد وڏي ٻوڏ آئي ۽ تباهي ٿي. ذوالفقار علي ڀٽو صاحب ان وڏي ٻوڏ کي ڏسڻ لاءِ آيا جو مان به اتي هجوم ۾ موجود هيس. هن ٻوڏ جو پاڻي سمنڊ جو ڏيک ڏئي رهيو هيو. فصل، گهر تباهه انسانن جا لاش ۽ جانورن جا ڍونڍ پاڻيءَ ۾ لڙهي رهيا هئا. ڀٽو صاحب پنهنجي ڪکن تي هٿ رکي. ان ٿيل تباهي کي ڏسي رهيو هو مون محسوس ڪيو ته سندس اکين جي شور ۾ پاڻيءَ جي گوڙ ۾ ڪو به فرق ڪو نه هيو سندس چهري مان حوصلو ارادي جي پختگي ۽ عوام جي نقصان جو صدمو صاف نظر اچي رهيو هو هن چيو ته ٻوڏ جو همت سان مقابلو ڪنداسين عوام کي همت نه هارڻ گهرجي ۽ نه مايوس ٿيڻ گهرجي چاڪاڻ ته عوام جي آبادگاري حڪومت جي ذميواري آهي. اياز ڪيڏو نه سچ چيو آهي ته:

Gul Hayat Institute

درياهہ اندر جا دهشت آ،
ڪنهن وقت تہ قيامت ٿي ويندي.
تون بہ اچين جي وٽجارا،
توکي بہ اڪاري وينداسين.

– مون کي محسوس ٿيو تہ ڀٽو صاحب ڄڻ ٻوڏ جي ستايل ماڻهن کي ڏکن ۽ دردن جي درياهہ مان اڪارڻ آيو هيو. چرچل بہ چڱو چيو آهي تہ انسان ڪڏهن بہ ٻہ چهرا نٿو وساري سگهي هڪ چهرو ان انسان جو جيڪو مشڪل ۾ ساٿ ڏئي ٿو ۽ ٻيو انسان جيڪو مشڪل ۾ ڇڏي وڃي ٿو. ڀٽو صاحب هميشہ عوام سان ساٿ نڀايو انکري مقبوليت جو مرتبو ماڻيو جنهن ڪري هو اڄ بہ زندهہ آهي.

– پاڪستان پيپلزپارٽي جي مقبوليت جو اندازو ان مان بہ ڪري سگهجي ٿو تہ اسين پنهنجن گهرن مان پنهنجين عورتن کان جهنڊا سبرائي شهر جي مختلف هنڌن تي هڻندا هئاسون. ايتري پارٽي سان محبت صرف ذوالفقار علي ڀٽي جي عظيم شخصيت سندن خداداد صلاحيت ۽ عوام لاءِ انقلابي قدمن ڪٽڻ ڪري هئي.

شهدادڪوٽ شهر۾ ڀٽي صاحب پنهنجي هٿن سان پاڪستان پيپلزپارٽي جي آفيس جو افتتاح ڪيو ۽ پ پ جو جهنڊو ڦڙڪايو هيو. اتفاق سان ان ڏينهن شام جو سخت طوفان آيو جنهنڪري آفيس وارو ٽي رنگ جهنڊو الائي ڪاڏي اڏامي ويو. اسين جهنڊي کي ڳولهڻ لاءِ چار وڏيون ٽيمون ٺاهيون جيڪي ميلن جا ميل جهنڊي کي ڳولهڻ ويا. آخر هڪ ٽيم کي جهنڊو هٿ آيو جنهن کي ٻيهر آفيس تي هنيوسين ان مان سياسي ڪارڪنن جي پارٽي ۽ سندس قائد سان سچائي ۽ وفاداري ثابت ٿئي ٿي. پيپلزپارٽي جا ڪارڪن هر دور ۾ پارٽي سان پنهنجو ناتو نڀائيندا اچن ٿا.



– ڀٽي صاحب هڪ دفعي ٻڌايو تہ هو جڏهن ڪيليفورنيا ۾ رهندو هيو تہ هڪ دفعي پنهنجي سنڌي ٻريس ڌوٻيءَ کي ڌوئڻ لاءِ موڪلي هئي جو هن ڌوئي ٻريس کي ڏگهو ڪري ٻن ماڻهن ذريعي ڪيس موڪلي جو ڌوٻي سمجهي ئي نہ سگهيو تہ ان کي ڪيئن ويڙهبو آهي.

– ڀٽي صاحب کي ڪتابن جي مطالع جو شوق هيو. هڪ دفعي ٻڌايو هئائون تہ بيگم نصرت ڀٽو صاحبہ سندن لاءِ هڪ نئون ڪتاب يورپ مان وٺي آئي، ڀٽي صاحب ڪتاب کي ڏسي چيو تہ هي ڪتاب هن اڳ ۾ ئي پڙهي ڇڏيو آهي ۽ سندس لائبريري ۾ موجود آهي. ڀٽو صاحب ڪتابن پڙهڻ ۾ دلچسپي وٺندو هيو.

– ڀٽو صاحب هميشہ پنهنجي جوش خطابت ۾ علامہ اقبال جو شعر چوندو هيو تہ

جس کھیت سے دہقان کو میسر نہ ہو روزی،
اس کھیت کے ہر گوشہ گندم کو جلادو۔

– مٿين شعرشايد سندس انقلابي سوچ جي تعمير ڪئي هئي.
– ڀٽو صاحب چوندو هيو تہ منزل کي سندس اڳيان ڏسڻ گهرجي ۽ نہ پويان.

–ڀٽي صاحب جي مقبوليت جي خبر تڏهن پئي جڏهن هن لاڙڪاڻي ۾ بين الاقوامي ليڊرن جي مان ۾ دعوت جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ مسلم ملڪن جي سربراهن شرڪت ڪئي. موهن جو دڙو ايئرپورٽ کي ڪنوار وانگر سينگاريو ويو هيو. روايتي انداز ۾ مهمان شخصيتن جو گرم جوشيءَ سان استقبال ٿيو. ڀٽي صاحب لاڙڪاڻي جي حيثيت کي چارچنڊ لڳائي ڇڏيا. اها حقيقت آهي تہ شين جي قيمت وٺڻ کان اڳ ٿيندي آهي پر انسانن جي قيمت سندن وڃڻ بعد

Gul Hayat Institute

ٿيندي آهي. ڀٽي جهڙي باصلاحيت ۽ قابل ڪار ليڊر جي اهميت به سندس بعد محسوس ٿي آهي جيئن نيري آسمان ۾ هڪڙا تارا پنهنجي جوت ۽ جمال سبب ٻين کان وڌيڪ روشن آهن تيئن هن جهان ۾ به هڪڙا انسان پنهنجي قول فعل ۽ سونهن سبب ٻين کان وڌيڪ مٿانهان ۽ ممتاز هوندا آهن.

– ڀٽي صاحب جي عوام ۾ مقبوليت ۽ همدردي ڪري لاڙڪاڻي جي عوام جي پاڪستان جي هر حصي ۾ شناخت ٿي. ان ڪري لاڙڪاڻي واسين سان همدرديون ۽ دوستيون وڌيون. مون کي ياد آهي ته جڏهن مان مصر ۾ ٽريننگ لاءِ قاهره ويو هيم ۽ جڏهن پنهنجو تعارف پاڪستان کان آيل ۽ لاڙڪاڻي سنڌ جي رهاڪو جي حيثيت ۾ ڪرايم ته ڀٽي صاحب جي نسبت سان لاڙڪاڻي کي سڃاتو ويو ۽ مصري عزت ۽ احترام سان پيش آيا. چاڪاڻ ته ڀٽو صاحب پنهنجي دور حڪومت ۾ سوئز ڪئنال ۽ مصر جي عوامي مسئلن تي ان وقت جي صدر جمال عبدالناصر جي حمايت ڪئي هئي. مون کي ڀٽي صاحب جي شخصيت ۽ اهميت جو پتو پيو ته هي واقعي بين القوامي ليڊر آهي. ساڳيءَ طرح شهيد محترمه بينظير ڀٽو صاحب کي به دنيا ۾ اهڙي حيثيت حاصل هئي.

– ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاسي جي خبر سڀ کان پهرين بي بي سي لنڊن تان نشر ٿي. هن خبر پوري پاڪستان ۾ ٻاهه ڀڙڪائي ڇڏي. هر انسان صدمي جو شڪار ٿيو ڪيترن ته ان ڏک ۾ آپگهات به ڪيو هر فرد ائين محسوس ڪيو ته اهو واقعو سندن گهر جي ڪنهن ڀاتي سان ٿيو هجي. بقول مولانا ڪوثر نيازي

ہمارے بعد اندھیرا ہوگا محفل میں،
بہت چراغ جلاؤگے روشنی کیلئے۔



هر اک اشڪبار ۽ دل مايوس هئي. اڄ به سندس جدائيءَ جو احساس آهي. بي گناهه ۽ بي ڏوهي ذوالفقار علي ڀٽو ڦاسي تي چاڙهيو ويو مگر هن ظلم ۽ جبر خلاف ڪو به سودو نه ڪيو ۽ نئي وري آڻ مڃي.

ستوں دار پہ رکھتے چلو سروں کے چراغ
جہاں تلک یہ ستم کی سیاہ رات چلے

– ڀٽو صاحب لاڙڪاڻي جي دوري دوران هڪ دفعي بي بي سي جي نمائنده مارڪ ٽلي کي ٻڌايو ته هن لاڙڪاڻي ۾ گهٽ تعليم يافته ڊي آءِ جي مقرر ڪيو آهي، جيڪو هڪ وڏو قابل تجربيڪار ۽ زبردست ايڊمنسٽريٽر آهي، کيس چيو ته هو وڃي سندس ڪارڪردگي جو مشاهدو ڪري، مارڪ ٽلي جڏهن ڊي آءِ جي صاحب وٽ ويو ته هو صاحب ڪرسي تي ٻئي پير رکي ويٺو هيو. سندس دٻدٻي ڪري لاڙڪاڻي ۾ ڏوهه گهٽ هئا ۽ پوري لاڙڪاڻي ڊويزن تي سندس ڪنٽرول هيو.

– ڀٽو صاحب سڄي ملڪ ۾ عوامي ڪچهريون ڪندو هيو ۽ عوام کي اجازت هوندي هئي ته هو وزيرن، آفيسرن ۽ ٻين عملدارن خلاف شڪايتون پيش ڪن جن جو جواب هو ڏيندا هئا، ان ڪري ماڻهن کي پنهنجن مسئلن پيش ڪرڻ جو حوصلو وڌيو.

– سماجي ۽ رفاعي خدمت جو ننڍپڻ کان جذبو رهيو آهي. شهدادڪوٽ ۾ مسٽر گل حسن عباسي ۽ رسول بخش شيخ، مهراڻ ايسوسيئيشن جو بنياد رکيو. شهدادڪوٽ جا ڪافي نوجوان ان جا ميمبر هئا. ڪچهريون ۽ ادبي ميڙاڪا ٿيندا هئا. مون ٻين دوستن سان گڏ محمد بن قاسم ادبي سوسائٽي قائم ڪئي. جنهن جو مان جنرل سيڪريٽري هيس، ميونسپالٽي جي دوڪانن لڳ ڪوٽوموٽو چوڪ ۾ آفيس کولي سين. جتي ادبي ڪچهريون ۽ ميڙاڪا ڪندا

Gul Hayat Institute

هئاسون. تقريرن ۽ گڏجاڻين ۾ ڳالهائڻ جو ڏاڍو موقعو مليو. تقرير ڪرڻ به هڪ وڏو فن آهي. هٽلر تمام سٺو چيو آهي ته ”ڳالهايل لفظ لکيل لفظن کان وڌيڪ طاقتور آهن. انقلاب مقررن آندو آهي ۽ نه تاريخدانن.“

– تقرير ڪرڻ کان اڳ موضوع تي سٺي نموني سوچڻ گهرجي ۽ ان ۾ شاعري به شامل ڪرڻ گهرجي ته جيئن سامعين متاثر ٿي وڃن. تقرير ڪرڻ دوران اڳيان ويٺل ماڻهن کان خوف نه ڪرڻ گهرجي. هٽلر تقرير دوران پنهنجي نظر واري عينڪ لاهي خطاب ڪندو هيو ته جيئن مٿانهس سامعين جو رعب نه پئجي وڃي ۽ هو هيسائجي نه وڃي. تقرير ڪرڻ جو فن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ انڊونيشيا جي صدر سوئيڪارنو کي هيو جو هو پنهنجي جوشي خطابت سبب ماڻهن کي جذباتي ڪري ڇڏيندا هئا.

گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ تقريرن سيکارڻ جو سلسلو هوندو هيو ڪنهن نه ڪنهن موضوع جي حمايت ۽ مخالفت ۾ مقرر دليل ڏيندا هئا. آخر ۾ ليڊر آف هائوس ۽ ليڊر آف اپوزيشن هڪ ٻئي جا جواب ڏيندا هئا. هي تقريرون منفرد قسم جون ڪافي معلوماتي ۽ دلچسپ هونديون هيون. مون کي ياد آهي هڪ دفعي تقرير جي موضوع ”دنيا کي ترقي سائنسدانن ڏياري يا سياسي ليڊرن؟“ تي مخالف ڌر جي اڳواڻ سائنس کي ڪافي ننديو ۽ چيو ته ايٽم بم ئي دنيا کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي. هن هيروشيما تي بمباري جو مثال ڏنو. جڏهن ليڊر آف هائوس جواب لاءِ آيو. هن مخالف ڌر جي اڳواڻ ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته هن کي ته سائنسدانن جو احسانمند ٿيڻ گهرجي جو هو سندن طفيلي دنيا کي ڏسي رهيو آهي، سندس اکين تي پاتل نظر واري عينڪ جي



سائنسدانن جي ايجاد ٿيل نه هجي ها ته هو اڄ انڌن ۾ شامل هجي ها. اهڙي مدلل مثال ڪيس لاجواب ڪري ڇڏيو ۽ موضوع ليڊر آف هائوس مڃائي ويو. اهڙي قسم جون ٻيون به ڪيتريون ئي تقريرون مشاهدي هيٺ آيون، جن ۾ ليڊرن جي قولن ۽ انهن جي جوابن جو پڻ دخل هوندو آهي. هڪ دفعي تقرير دوران مهانگائي تي عوام چرچل کي جوتا لاهي ڏيکاريا جو هن بي عزتي سمجهڻ بدران انهن کي يقين ڏياريو ته هو بوٽن جي اگهن ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏيندو.

– **RCD ڪائونسل**: سماجي ڪمن ۾ دلچسپي سبب سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ پاران دوستن جي مدد سان RCD ڪائونسل قائم ڪئي سون مان بحيثيت جنرل سيڪريٽري چونڊبيس، ادبي نشستن، سماجي گڏجاڻين، خدمت خلق کان علاوه نوجوان شاگردن جي تربيت لاءِ محمد عثمان شيخ جي نالي تي ٽائيپنگ انسٽيٽيوٽ قائم ڪيو، جتي ڪيترن ئي نوجوانن ٽائيپ سکڻ جي مفت ۾ تربيت حاصل ڪئي. مرحوم محمد حسن پناڻ جو هن ۾ وڏو حصو هيو. ڪنهن نه ڪنهن ادبي موضوع تي اديبن ۽ دانشورن کان ليڪچر ڪرائيندا هئاسون. تقريبن هر مهيني موسيقي جو پڻ پروگرام ڪرائيندا هئاسون، جنهن ۾ مرحوم ڪامريڊ ولي محمد مڳٺهار ۽ استاد ٻيرل قمبر جو وڏو ڪردار هيو. ڪامريڊ ولي محمد جي تعاون سان بزم ٻيرل قمبر جو بنياد وڌو سين. سندس بينڪ تي سگهڙين سٿ، مشاعرا، مذاڪرا ڪرائيندا هئاسون. شهر جا نوجوان ۽ دوست وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪندا هئا.

– **نظاميه نائيٽ اسڪول**: مرحوم نظام الدين سومرو گل حسن عباسي، محمد حسن پناڻ، غلام عباس لانگاهه. مسٽر الهورايو قريشي ۽ مون قائم ڪيو جيڪو اسان جي دڪان حاجي رضا محمد

Gul Hayat Institute

پنساري جي سامهون ڪوٺي تي هيو. هي بالغان تعليم جو اسڪول رات جي وقت شهر جي اٽپڙهيل ماڻهن جي تعليم لاءِ مخصوص هيو. هن ۾ شهر جا مزدور، هوٽل جا بيرا، هاري ۽ غريب عوام مفت تعليم وٺندا هئا. جنهن مان ڪيترائي ماڻهو تعليم حاصل ڪري نوڪرين سان لڳا ۽ ڪيترن لکڻ پڙهڻ سکيو. مسٽر نظام الدين جي دلچسپي ڪري هن اسڪول شهدادڪوٽ واسين جي وڏي خدمت ڪئي، هن اسڪول کي ويٺنامي اسڪول بہ چوندا هئا ڇاڪاڻ تہ ڪچي ڇت ڪڙڪا ڪندي هئي. علاوه هن اسڪول ۾ ڪيترن ئي معززين، بزرگن سان شامون ملهايوسين ۽ ڪيترائي ادبي ۽ تعليمي ميڙاڪا ڪراياسون. بزرگن سان شامون ملهائيندي ملهائيندي هڪ دفعي اهڙي نظر لڳي وئي جو جلدي جلدي ڪجهہ بزرگ هستين جو انتقال ٿي ويو. ان ڪري اسين ٽڪڙين ٽڪڙين شامن ڪرائڻ کان پاسو ڪيو بحرحال ادبي ۽ تعليمي ميڙاڪا هر هفتي ڪندا هئاسون.

- **شهدادڪوٽ ۾ سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن جي شاخ:** محترم اشرف کهاوڙ صاحب جي تعاون سان 1978 ۾ قائم ڪئي سين، مون جدا جدا دور ۾ بحيثيت جنرل سيڪريٽري ۽ صدر جي سگا لاءِ جدوجهد ڪئي قابل ذڪر خدمتن مان هفيوار مفت طبي ڪئمپون آهن شهدادڪوٽ ۽ ان جي آسپاس ٻهراڙين ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ڊاڪٽر کي وٺي وڃي مفت علاج ۽ دوائون تقسيم ڪندا هئاسون. اکين جي مفت ڪئمپ ۾ ماهر اکين جي ڊاڪٽرن جنهن ۾ قابل ذڪر ڊاڪٽر مرحوم مختيار احمد کهاوڙ هئا، مفت آپريشن علاج ۽ مفت عينڪون تقسيم ڪيون سين. هنن ڪئمپن ۾ شهر جي عوام جو ساٿ رهيو. مرحوم غلام مصطفيٰ وڏو، نظام الدين سومرو، محمد حسن پنهور، ڪامريڊ ولي محمد، عبدالجبار شيخ وڪيل



صاحب ۽ ٻين دوستن جو ڀرپور تعاون رهيو. مان سگا جي سالياني ڪنوينشن ڪپرو ۾ شريڪ ٿيس، جيڪو وڏو معلوماتي هيو. سگا جي پليٽفارم تان وڏي ڄاڻ حاصل ٿي ۽ انساني خدمت ڪرڻ جو عاليشان موقعو هٿ آيو. ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، ولي محمد روشن ۽ ٻيا سگا جا روح روان آهن. شهدادڪوٽ جي دوري دوران سگا جي مرڪزي صدر جناب ڊاڪٽر محمد سيلمان شيخ تقرير ڪندي چيو تہ خدمت ڪرڻ ۾ اڳيرائپ ڪرڻ گهرجي ۽ پوئتي نہ پوڻ گهرجي.

پاڻهي ايندو هوت پر آنءُ بہ اڳيري ٿيان،

متان چوي خان بلوچ تہ هن ڪميٽي مان ڪجهہ نہ ٿيو.

- شهدادڪوٽ ۾ ادبي رجحان مرحوم گل محمد چنہ مئنيجر نيشنل بينڪ، مرحوم مهرالله خان شيخ، ڪامريڊ ولي محمد مڱڻهار، سيد گل محمد گل بخاري، مولانا حبيب الله مولوي محمد يوسف ڪوسو، مسٽر اظهارالدين قريشي، اڳوڻو سوشل ويلفيئر آفيسر، نظام الدين سومرو، گل حسن عباسي، مسٽر الهورايو قريشي، فدا شهدادڪوٽي، استاد پيرل، گل حسن گل شاد، گل حسن گل ٻرڙو، نهال الدين نهال خاصخيلي ۽ ٻين جي دلچسپي ڪري پيدا ٿيو.

ڪامريڊ ولي محمد مڱڻهار، مسٽر غلام مرتضيٰ پٺو، مرحوم عبدالرزاق اعواڻ، استاد علي بخش قريشي، امداد حسين منگي،، شهدادڪوٽ ۾ ملهہ ۽ ملاڪڙن، غفور شاهہ ۽ مصري شاهہ جي ميلن کي منظم ڪيو علاوه گهوڙن جون ريسون ٿينديون هيون، جنهن ڪري شهدادڪوٽ ۾ هر قسم جون تفريحون ٿيڻ لڳيون.

- مون پنهنجي ڪتاب شاداب شهدادڪوٽ جي هڪ اعزازي ڪاپي شهيد محترمہ بينظير صاحبہ وزيراعظم پاڪستان کي سنڌن دوري قبي سعيد خان دوران مسٽر اعجاز بروهي جي اوطاق تي پيش ڪئي هئي. پاڻ شهدادڪوٽ تي لکيل ڪتاب کي ڏسي خوشيءَ جو

Gul Hayat Institute

اظهار ڪيائون ۽ مونکي زبردستي پئسا ڏنائون. مون کين چيو تہ محترم! هيءُ اوهان لاءِ تہ اعزازي ڪاپي آهي. مگر سندن حڪم مطابق پئسا قبول ڪيم. جو مون ان نوٽ تي ئي سندن آٽوگراف وٺڻ چاهيو پر پاڻ ڪرنسي جي تقدس خاطر نوٽ تي آٽوگراف نہ ڏنو پر ٻي ڪتاب تي نوٽ لکيو. جيڪو مون وٽ اڄ بہ يادگار جي حيثيت سان موجود آهي. محترمہ مون کان معلوم ڪيو تہ ڇا هي ڪتاب بازار ۾ ملندو. جو مون کين دڪان جي ائڊريس ٻڌائي. جتان محترمہ منهنجو ڪتاب پئسن تي بہ گهرايو.

ـ شهدادڪوٽ ۾ مرحوم احمد يار خان کهاوڙ وڪالت جي ابتدا ڪئي. مرحوم ڪچهرين جو ڪوڏيو همت ۽ حوصلي وارو شخص هيو ساڻن منهنجون ۽ مسٽر محمد اسماعيل چانڊيہ PSI ۽ ٻين سان وڏيون ڪچهريون هونديون هيون. مگر سندس اوچتي وڇوڙي جو وڏو ارمان آهي.

”هنڌ اهي ئي ماڳ پر جت نہ پسان جوءِ ۾، ۽ بقول نواز علي نياز

اندر ڪي آسرو جن جو
دلين ڪي پروسو جن جو
اهي ويا ڇڏي ڪاڏي
شيرين زبان وارا.

ـ ڪو بہ شخص، ٻي شخص جي جاءِ نٿو پري سگهي. جيئن هر گل جو رنگ ۽ خوشبوءِ ٻي گل کان مختلف آهي. ائين انسان جو رنگ ڍنگ ۽ خوشبوءِ بہ ٻي انسان کان لڳ آهي.

**ـشاداب شهدادڪوٽ لکڻ جو تجربو:** انسان جو جڏهن شعور وڌي ٿو هو ازخود شين کي سمجهڻ لڳي ٿو مون پنهنجو پهريون ڪتاب ”شاداب شهدادڪوٽ“ شهدادڪوٽ جي تاريخ تي 1992ع ۾



شايع ڪرايو ان وقت آءٌ وڪالت ڪندو هيس. شهدادڪوٽ جي تاريخي مواد کي گڏ ڪرڻ لاءِ شهر جي بزرگن سان رابطا ۽ وڏي جاکوڙ ڪيم ”سڪندين کي سيد چوي، ڪين جهليندو جهنگ“ جو مونکي مواد هٿ ڪرڻ ۾ اٽڪل ٽي سال لڳي ويا. بقول شاهہ ڪريم

پندي پرينءَ سين، ويلا ڪندي وت
ڪٽي ملندءِ پورڙو، ڪٽي ملندئي پت.

هيءُ منهنجي زندگيءَ جو پهريون تجربو هيو جيڪو دلچسپي کان خالي ڪو نہ هيو. تجربو ٿيو تہ ڪتاب لکڻ لاءِ ڪيڏا نہ ڪشالا ڪيڏا پون ٿا. لکڻ هڪ لذت بہ آهي ۽ اذيت بہ. ڪم ڪرڻ جو جيڪڏهن طريقو هجي تہ اهو سولائي سان ٿي سگهي ٿو نہ تہ بيڪس سائين جي شعر وانگر:

ساندي پنهنجي ساهہ سان، سورن جي سوغات،
روئندي روئندي رات، بيڪس لکيو بيت.

ـ ان بهاني ڪيترن بزرگن ۽ دوستن کان انٽرويو ڪيم جو ڪڏهن ڪڏهن تہ تڪليف سان بہ منهن ڏيڻو پيو مگر هي بہ هڪ عشق هيو.

*یہ عشق نہیں آساں بس اتنا سمجھ لیجئے،*
*اک آگ کا دریا ہے اور ڈوب کے مرجانا ہے۔*

ـ ڪتاب جي مواد پوري ڪرڻ بعد ڪنهن عالم، اديب کان ان تي ٻہ اکر بہ لکرائڻا هيا. انڪري آءٌ ۽ مرحوم ڪامريڊ ولي محمد مگهڻهار فيصلو ڪيو تہ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ کي عرض ڪنداسون تہ هو ڪتاب بابت ڪجهہ لکي. پر ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ اسان جو واقف ئي ڪو نہ هيو. آخر سندس ائڊريس هٿ ڪري گل حيات انسٽيٽيوٽ خير محمد آريجا ڳوٺ پهتاسون. ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

Gul Hayat Institute

متعلق سوچيندو هيس تہ هيءُ الائي ڪھڙي مزاج جو انسان هوندو. بخيل يا فراخدل! پناڻ هئڻ سبب مون سوچيو تہ يا تہ هي اکروٽ بادامن وارن پناڻن مان هوندو يا اغوا ڪرڻ وارن پناڻن مان!! بھرحال ڊاڪٽر صاحب وٽ پھتاسون. پھريون دفعو ساڻس ملي ڏاڍي خوشي ٿي، ڳاڙهو ڳٽول، گوڏ گنجيءَ سان هڪ وڏي عاليشان لائبريري ۾ ڍير اخبارن مان بيانن کي ڪينچيءَ سان ڪٽي سٽي رهيو هيو. گرمي جي موسم ۾ پنکو بہ سندس ساٿ نہ پئي ڏنو. مگر سندس سنڌ جي تاريخ لاءِ جنون ۽ عشق جي حد هئي واه جو پنھنجي ڪم سان سچو ۽ وفادار آهي، سندس سنڌي قوم سان قول آهي تہ هو سنڌ بابت دنيا کي معلومات فراهم ڪندو.

اگر ہو جذبہ تعمیر زندہ،
تو پھر کس بات کی ہم میں کمی ہے

- ڊاڪٽر صاحب سنڌي روايتن مطابق مڪمل مھمان نواز نڪتو. وڏي مرحبائي ۽ مھمان نوازي ڪيائين سندس رويي ڏاڍي متاثر ڪيو. حال احوال ڏنا ورتاسين. مون ڪيس پنھنجو مواد پيش ڪيو. جو هن وٺندي وعدو ڪيو تہ هو پوسٽ ذريعي ڪجھ ڏينھن بعد پنھنجو تبصرو موڪليندو جيڪو ”شاداب شھدادڪوٽ“ ۾ هڪ اعزاز جي حيثيت رکي ٿو. بس 1992 کان ڊاڪٽر صاحب مونکي منھنجي ٻن پناڻ دوستن وانگر اغوا ڪري چڪو آهي ساڻس مريدي وارو منھنجو ۽ ڪامريڊ جو ناتو اڄ تائين رهيو آهي. ڊاڪٽر در محمد هميشہ لکڻ تي همٿائيندو آهي جو مون بہ چار ڪتاب لکيا ۽ مرحوم ڪامريڊ ولي محمد بہ ٽي چار ڪتاب لکيا آهن. سچ آهي تہ ڏيئي مان ڏيئو ٻرندو آهي. ڊاڪٽر صاحب وٽ وڏو ادبي مواد ۽ نسخا آهن، جو هميشہ چوندو آهي تہ من ڪو منھنجي خزاني مان لاڀ وٺي.



جسے نہ ملے آرام سارے زمانے میں،
وہ لے جائے تھوڑی خاک میرے آستانے سے۔

- ڪتاب جي شايع ٿيڻ بعد ان تي تبصرا ۽ تنقيدون وري هڪ نئون تجربو هيو. مڙني دوستن اصلاحي تنقيدون ڪيون، جائز تنقيدون اديب کي سنئين راهہ ڏيکارن ٿيون ۽ ڪيس اڳتي لکڻ جو رستو ٻڌائن ٿيون. ڪٿي پڙهيو هيم تہ هڪ مصور پنھنجي ڪا تصوير وڏي چوڪ تي رکي عوام کان تبصرا ۽ ان ۾ ترميمون حاصل ڪرڻ گھريون. هو وائڙو ٿي ويو تہ سندس تصوير تي ڪيتريون ئي ترميمون ٿيل هيون، وري هن ٻي دفعي ساڳي چوڪ تي وڏو خالي پنو ۽ قلم رکي عوام کان تصوير ناهڻ جي دعوت ڏني، مگر ڪيس حيرت ٿي تہ ڪنھن بہ شخص ان پني تي تصوير ئي نہ ناهي معلوم ٿيو تہ تنقيد ڪم سولو مگر تخليقي ڪم ڏکيو آهي. بھرحال تنقيد اديب جي حوصلي ۾ پختگي آڻي ٿي. علامہ اقبال جي شعر وانگر:

تندئ باد مخالف سے نہ گھبرائے اے عقاب،
یہ تو چلتی ہے تجھے اونچا اڑانے کیلئے۔

- پنھنجن مشاهدن ۽ تجربن کي لکڻ گھرجي دل اندر ڳالھين کي دفن ڪرڻ ڪنھن اديب، عالم ۽ ڏاهي کي نٿو سونھي، يوناني حڪيمن وانگر نسخا پاڻ وٽ لڪائي رکڻ سان نہ ڪا انساني خدمت ٿي سگھي ٿي ۽ نہ ئي وري فيض عام ٿي سگھي ٿو.

دل پہ مشکل ہے دل کی کہانی لکھنا،
جیسے بہتے ہوئے پانی پہ پانی لکھنا۔

Gul Hayat Institute

# وڪالت جو عرصو

- وڪالت دوران ڪيترن ئي جج صاحبان اڳيان پيش ٿيم. شهدادڪوٽ ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج ۽ سينيئر سول جج جي ڪورٽن جي قيام لاءِ وڏي جدوجهد ڪيم  مير نادر علي خان مگسي ايم پي اي جي تعاون سان مٿيون ٻئي ڪورٽون قائم ڪرايم. مون ڪي وڪيل دوستن شهدادڪوٽ بار ايسوسيئيشن جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو جو آءٌ مذڪوره بار ايوسيئيشن جو پهريون جنرل سيڪريٽري رهيس. ان دوران شهدادڪوٽ بار کي سنڌ بار ڪائونسل ۾ وڏي مخالفت ۽ تڪليفن باوجود رجسٽر ڪرايم. 1975 ۾ شهدادڪوٽ ۾ پنهنجي جاءِ ۾ وڪالت جي آفيس قائم ڪيم. سول قانون جي وڪالت ڪرڻ ۾ مون کي ڪافي پذيرائي حاصل ٿي، مون کي آڏي پڇا ۽ تقرير ڪرڻ ۾ مهارت حاصل ٿي، مان پنهنجي اصيلن جي ڪيسن جي پيروي ۽ انهن جي موقف کي ڀرپور نموني ڪورٽ ۾ پيش ڪندو هيس، ۽ مخالف ڌر ۽ سندن شاهدن کان بهتر سوال ڪندو هيس. از انسواءِ پنهنجي اصيلن کي مخالف وڪيل جي ممڪنہ سوالن جا جواب بہ ٻڌائيندو هيس. ان ڪري مون کي سول ۽ فوجداري جا ڪافي ڪيس ملندا هئا. ڪيسن ۾ دلچسپي وٺڻ ڪري اڪثر رات جو آرام ڦٽائي پنهنجي اصيلن جي حق ۾ ممڪنہ سوالن ۽ جوابن لاءِ آفيس کولي ان جي ڪيس تي ڪم ڪندو هيس.



وڪالت جي تجربي دوران مون کي مشاهدو ٿيو تہ هڪ وڪيل جو پنهنجي اصيل سان هڪ اعتبار وارو رشتو آهي. هر اهو وڪيل ڪامياب آهي، جيڪو پنهنجي اصيل جي ڪورٽ ۾ ڀرپور نمائندگي ڪري ۽ سندس حقن جو دفاع ڪري ٿو. منهنجا اصيل اڄ بہ منهنجا گهرا دوست آهن جن سان تمام سٺا تعلقات آهن. وڪالت هڪ عزت ڀرپور ڌنڌو آهي، جنهن وڪيل پنهنجي اصيل جي رازن جو تحفظ ڪيو اهو ئي ڪاميابي ماڻي سگهي ٿو. هر وڪيل کي ڪيس ڪٽڻ کان اڳ پنهنجي اصيل جي ڪيس جي مڪمل معلومات حاصل ڪرڻ گهرجي ۽  ان جي هر پهلوءَ تي سوچڻ کپي. جيترو مضبوط اعتماد اصيل جو وڪيل تي هوندو، اوترو هو ڪامياب ۽ نالي وارو وڪيل ٿي سگهي ٿو. ٿوري بہ بي اعتمادي يا لاپرواهي هن ڌنڌي کي نقصان ڏئي سگهي ٿي.

- 1975 کان مارچ 1995ع تائين ماتحت ۽ هاءِ ڪورٽ جي وڪيل جي حيثيت سان وڪالت ڪيم. ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻو سکر ڊويزنن ۾ ويندو رهيس. وڪالت جو بہ عجيب ڌنڌو آهي. ڪڏهن وڪيل وٽ جام پئسا هوندا آهن تہ وري ڪڏهن ٽڪو بہ نہ هوندو آهي. وڪالت هڪ هوائي پورهيو آهي جڏهن لڳي. هڪ دفعي مونسان بہ اهڙو واقعو ٿيو. وڪيشن ۾ اڪثر اهڙا ڏينهن وڪيل کي ڏسڻا پون ٿا.

- وڪيشن دوران هڪ سيد اصيل مون وٽ سول دعويٰ داخل ڪرائڻ لاءِ آيو. في طئي ٿيڻ بعد هن اڌ رقم ڏني مون ڪيس ٺاهيو. جڏهن ڪورٽ ۾ ڪيس پيش ڪرڻ جو ٽائيم آيو تہ مون ڪيس چيو تہ شاهہ صاحب پنهنجي وارثن جا نالا ڏيو ڪورٽ ۾ لسٽ پيش ڪرڻي آهي. شاهہ صاحب عمر رسيده هيو. هن کان رڙ نڪري وئي ۽

Gul Hayat Institute

مون کي چيائين تہ وڪيل صاحب ان جو مطلب اهو ٿيو تہ توهان سندس زندگيءَ ۾ انصاف ڏياري نہ سگهندوا! بس مون کي ڪيس داخل ناهي ڪرڻو. مهرباني ڪري في واپس ڪريو. مون شاهہ صاحب کي سمجهايو تہ اها قانوني تقاضا آهي تہ سول دعويٰ داخل ڪرڻ دوران وارثن جي لسٽ بہ ڏيڻي پوندي آهي، مون ڪيس دليل ڏئي مائل ڪيو ۽ چيو تہ پلي جج صاحب کي بہ اها ڳالهہ ڪجانءِ. جڏهن جج صاحب وٽ ڪيس پيش ڪيم تہ اتي شاهہ صاحب جج صاحب سان گهڻو بحث ڪيو نيٺ هو وارثن جي لسٽ ڏيڻ لاءِ راضي ٿيو ۽ ڪيس داخل ٿيو.

– سول ڪيس ۾ فريادي جي آڏي پڇا دوران منهنجي هڪ اصيل کان مخالف ڌر جي وڪيل صاحب گهڻي جرح ڪئي. مخالف ڌر جو وڪيل صاحب هندو هيو ۽ منهنجو اصيل مسلمان جڏهن جواب ڏئي ٿڪو تہ ڪورٽ ۾ مخالف ڌر جي وڪيل کي چيائين تہ ”قيامت ۾ توکان الله اڳيان پڇا ڪندم“ ان تي ٻي وڪيل چيس تہ ”هي هندو آهي“ تہ ان تي هڪدم چيائين تہ ”مرندو تہ باهہ نہ لڳندس.“

– هڪ دفعي مون کي ڪنهن ڪم سان وڃڻو هيو جو منهنجو منشي اجان آفيس کو نہ آيو هيو. ان ڪري مان پنهنجي ننڍي پٽ انجنيئر خان ڪاشف کي چيم تہ هو آفيس ۾ ويهي. مگر هو بضد هيو تہ هو مونسان گڏ هلندو. مون کيس چيو تہ ”ويهہ متان ڪو ماڻهو منهنجا ڪتاب چورائي نہ وڃي.“ چيائين تہ ”ڪير توهانجي وڪالت جا وڏا ڪتاب چورائي ويندو هنن ۾ ڪي ڦوٽو آهن ڇا!“ مون سوچيو واقعي قانون جا ڪتاب ڪير ڪٽي ويندو هي لڪيل آهن انگريزي ۾ جنهن کي وڪيل پڙهن ۽ نہ اٿن ڦوٽو جو ڪي ڏسن.

– لفظن جي ادائيگي بہ وڏي معنيٰ رکي ٿي، ان ڪري ڳالهائڻ



پيري لفظن کي سوچي سمجهي ڳالهائجي.

الفاظ و معنیٰ میں فرق نہیں لیکن،
ملاں کی اذان اور ہے، مجاہدین کی اذان اور۔

– منهنجي ڊائري ۾ شروعاتي نوٽس ۾ شعر هيٺين ريت آهن:

May God! bring happy memories of past,
Good fortune for future & new joys for present.

– جني ڏاند نہ ٻج، تنهي تنهنجو آسرو،
پوءِ اپارين سچ، اول ڏين انهن کي. (شاهہ)

– جن ريءَ سري نہ ساهہ، تن سان نہ رس رتي جيترو.

Friend in need, friend indeed

پیاسے کو گر ملے سمندر سے شبنم،
یہ بخیلی ہے فیاضی نہیں۔
آسمان تیری لحد پر شبنم افشانی کرے،
سبزہ نورستہ اس گھر کی نگھبانی کرے۔

وڪالت جي عرصي دوران هڪ دفعي مون کان منهنجي اصيل عجب مان پڇيو تہ ”سائين هي جيڪي ايترا ڪتاب اوهان جي لائبريري ۾ رکيل آهن. ڇا اهي ڪتاب سڀ پڙهي ڇڏيا اٿئي؟“ مون کيس چيو تہ باقي اهي مون اجائي رکيا آهن ڇا؟“ چيائين تہ ”سائين اسان تہ ڪتاب جو هڪ ورق بہ پڙهي نٿا سگهون.“ مون چيومانس تہ ”جي نہ پڙهندين تہ وڪيل نہ ٿيندين ۽ پنهنجا ڪيس بہ ٻين کي ڏيندين.“

وڪالت جي عرصي دوران شهدادڪوٽ کان لاڙڪاڻي سيشن ڪورٽ وڃڻو پوندو هيو. اڪثر اسين ويگن ذريعي ويندا هئاسون.

Gul Hayat Institute

اڳين سيٽ تي آءٌ ۽ مون سان گڏ هڪ ٻيو وڪيل دوست ۽ پوبان به ڪجهه وڪيل ويهندا هئا. هڪ دفعي جڏهن قمبر ريلوي اسٽيشن تي پهتاسون ته اتي ليويز وارن گاڏي روڪائي سيني کي هيٺ لاٿو ۽ چيڪنگ شروع ڪئي. اتي وڪيل صاحبان جي چيڪنگ پڻ ٿي. مون وٽ بريف ڪيس هيو جنهن ۾ فائيل ڊائري ۽ مٿان ڪارو گائون رکيل هيو. بريف ڪيس کولي هڪ سپاهي مون کي چيو ته "*يه برقعه کس عورت کا هے*" ته مون کيس چيو ته "*يه برقعه نهيں گائون هے*" هو گائون سمجهي ئي ڪو نه پيو. آخر مون کيس پائي ڏيکاريو. ان دوران هڪ ٻي ليويز جي گاڏي آئي جنهن ۾ انسپيڪٽر رينڪ جو عملدار وينو هيو. هو هن سپاهي جي حرڪت تي سخت ناراض ٿيو ۽ مون کان معذرت ڪئي ۽ چيائين تلاشي وٺندڙ کي چيائين ته آئينده وڪيل صاحبان جو احترام ڪري. ڪڏهن ڪڏهن اهڙا مرحلا ايندا آهن جڏهن گائون مان برقعا ۽ برقعن مان گائون ٿي ويندا آهن.

آءٌ وڪالت ڪرڻ دوران نوٽري پبلڪ ۾ رهيس. نوٽري ٽڪلين وٺڻ لاءِ هڪ دفعي پاڻ لاڙڪاڻا ڊسٽرڪٽ ٽريزري آفيس مان چالان ڀري ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر کي ڏنم. جنهن ڏسي مون کي واپس ڪيو ته سائين هن تي نوٽري پبلڪ جو ٺپو هڻو. مون چيومانس ته اهو ته مون اڄ ڪو نه آندو آهي ته هن چيو ته پوءِ چالان نه وٺي سگهبو. مون کيس سمجهايو ته نوٽري پبلڪ آءٌ پاڻ آهيان. مگر هن نه مڃيو ته ڪڏهن پاڻ کان وڌيڪ ٺپي جي به اهميت هوندي آهي.

- اسان جي شيخ برادري جو هڪ فرد جيڪو وڏو قومپرست ليڊر هيو. ان پنهنجي هڪ ويجهي عزيز سئوٽ جيڪو وڏو سرڪاري ملازم ۽ مالدار ماڻهو هيو. کي زرعي زمين خريد ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو جو هو سنڌس پرڪشش ۽ منافعي بخش ڳالهين مان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽



ڪيس پئسا ڏنا ۽ چيو جيئن ته هو سرڪاري ملازم آهي ان ڪري زمين جو ڪاتو پنهنجي نالي ڪري ۽ ان جي پئداش جو اڌ حصو پاڻ ڪٽي ۽ اڌ حصو ڪيس به ڏئي جيستائين هو رٽائرڊ ٿئي، پوءِ ڪاتو سنڌس نالي ڪري ڏئي جو شيخ صاحب ائين ئي ڪيو. ڪجهه سالن بعد شيخ صاحب پنهنجي سئوٽ کي پئداش ڏيڻ بند ڪئي ته زمين سنڌس آهي. هن چيس ته پئسا سنڌس آهن. ان تي شيخ صاحب چيس ته تو ايڏا پئسا ڪٿان آندا تون ته سرڪاري ملازم آهين. تنهنجي پگهار ته ايتري آهي جو تون مس مس گذر ڪري سگهين ٿو هاڻي جي تڪڙ ڪندين ته هو معاملو حڪومت ۾ آڻيندو سنڌس سئوٽ ڪيس ايلاز ڪندو رهيو ۽ دانهون ڏيندو رهيو مگر ڪجهه نه وريو. ائين شيخ صاحب سوين ايڪڙ زمين جو اڪيلو مالڪ ۽ پنهنجن آزاد واهن جو مالڪ آهي، ڪچهرين ۾ ٻين کي تلقيون ڪندو آهي ۽ سنڌي قوم جي يڪجهتي لاءِ جاکوڙ ڪندو رهي ٿو.

- شهدادڪوٽ ۾ سول قانون جي وڪالت ڪندو هيس ۽ ڪجهه سال اوٿ ڪمشنر به رهيس. هڪ ڏينهن هڪ ماڻهو مون وٽ آفيس ۾ قسم نامو ڪٽي آيو ۽ چيائين ته وڪيل صاحب منهنجا پئسا بينڪ ۾ رکيل آهن جو بينڪ وارا زڪوات ڪٽي رهيا آهن. مون کين چيو ته هو شيعه آهي، پر بينڪ جو مينجر بضد آهي ته توکان تصديق ڪرايان. هن عجب مان چيو ته سائين ڪيڏو نه انڌو قانون آهي. سني، شيعه سڏائي زڪوات ڪٽائين ٿا. مان ته اصل شيعه آهيان مونکي شهر جا سڀ نندا وڏا ماڻهو چڱيءَ طرح سڃاڻن پر جي تون منهنجي تصديق نه ڪندين ۽ ٺپو نه هڻندين ته ڄڻ مان شيعو ئي نه آهيان. مون کيس چيو ته هي قانون آهي ۽ سيني لاءِ هڪ آهي توهان زڪوات نٽا ڏيڻ گهرو ته ان لاءِ قسم نامو ضروري آهي. سو

Gul Hayat Institute

ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ پنهنجي تصديق ٻي ڪان ڪرائڻي پوي ٿي.

_ مرحوم قاضي فضل الله مسلم ليگ جو سربراهہ، سماجي ۽ سياسي شخصيت هئا. پاڻ سنڌ جي وڏي وزير جي مرتبي تي بہ رهيا ۽ ٻين اهم عهدن تي فائز رهيا. هڪ دفعي مون کين چيو تہ اوهان وڏا تجربيڪار سياسي سماجي شخصيت آهيو. پنهنجن مشاهدن ۽ تجربن تي نوجوانن لاءِ ڪتاب لکو. ان تي چيائون تہ ڪتاب لکڻ لاءِ سچ لکڻو پوندو ۽ سچيون سچيون حقيقتون ٻڌائڻيون پونديون. واقعي ڳالهہ برابر آهي. سچ لکڻ کانسواءِ ڪوبہ ڪتاب مقبوليت جو درجو ماڻي نٿو سگهي.

_ شهدادڪوٽ تعلقي جو هڪ شخص جيڪو وڏو زميندار هيو ڪيس سوين ايڪڙ زمين ۽ خاص خلاصا واهہ هئا. جنهن تي وڏي آبادي ٿيندي هيس، مگر هو مفلسانہ زندگي گذاريندو هيو. جسم تي پورا سورا گندا ڪپڙا، پيرين اگهاڙو مٿي اگهاڙو خيرات ۾ مليل ماني تي گذر ڪندو هيو. سندس زمين جي پئدائش مان ان جا پلاوٽا، دلال ۽ ٻيا ماڻهو پئسا ٺاهي ويا، جيڪي ڪيس فقط چانهہ، مانيءَ ڪارائڻ ۾ خوش ڪري ڇڏيندا هئا. بس اهو قدرت جو ڪمال آهي تہ پئسن هوندي بہ ڪو انسان رسوائيءَ جي زندگي گذاري. اهو حڪم آهي تہ الله جي ڏنل حلال جي رزق مان پاڻ تي، پنهنجي اولاد ۽ غريب غربن تي خرچ ڪريو.

_ هڪ سيٺ جو ذڪر ڪندس، جنهن وٽ دولت جا انبار هئا. جڏهن سڪرات ۾ هيو تہ سندس ڪيترا ڏينهن ساهہ ئي نہ پيو نڪري، آخر سندس اولاد کي ڪنهن ڏاهي چيو تہ توهان جي پيءُ تي ڏاڍا سخت ڏينهن آهن. هن سڄي زندگي جيڪا دولت جمع ڪئي



آهي. سي سڀ سندس اڳيان رکوس. سندس اولاد بہ ائين ڪيو. موت جي بستري تي پنهنجي گڏ ڪيل دولت مٿان هٿ رکي سمهي پيو. جو ائين ئي سندس روح پرواز ٿي ويو. سچ آهي دولت جي چوس خراب آهي. منهنجو هڪ دوست، دولت جي تشريح هئين ڪندو هيو تہ دولت ٻن لفظن جي ٺهيل آهي. دو معنيٰ ٻہ، لت معنيٰ لت. يعني دولت پنهنجا ٻہ روپ ڏيکاري ٿي. پهرين لت ۾ انسان دولت گڏ ڪرڻ ڪري غرور ۽ تڪبر ۾ اچي وڃي ٿو. پاڻ جهڙو امير، دولتمند، خوشحال، خوشنصيب ٻئي ڪي نٿو سمجهي. يعني سندس پيرزمين تي ئي نٿو رهي ۽ وري سندس زندگي ۾ ڪيس دولت ٻي لت هڻي ٿي، جڏهن هو لالچ ۾ اچي وڃي ٿو ۽ پئسن مان پئسا ڪمائي ٿو ۽ سندس دولت ڪي ٺڳ فريب ۾ هڙپ ڪري وڃن ٿا، پوءِ هو ديوانن وانگر رسوا ٿيندو رهي ٿو. ڪيترا ئي ماڻهو دولت ڪمائڻ جي آڙ ۾ وڏن وڏن ٺڳن ۽ 420 ماڻهن وٽ ڦاسي پيا. پاڪستان پينل ڪوڊ جو هي قلم عام مروج آهي. ڪي ماڻهو تہ پئسا ٻيڻا ڪري ڏيارڻ وارن جي دعويٰ ڪندڙن هٿان بہ ٺڳجي چڪا آهن، جن امير ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ پنهنجون موڙيون بہ وڃائي ويٺا آهن، انهن ٺڳن، ملن، مولوين ۽ فقيرن ڪي بہ نہ بخشيو آهي. هڪ سبق ۾ پڙهيو هيم تہ ”جتي لوڀي هجن اتي ٺوڳي بک نہ مرن“.

_ سيٺ قربان علي شيخ جي ڪجهہ ڪيسن ۾ مان وڪيل هيس، ان ڪري سيشن ڪورٽ لاڙڪاڻي ۾ حاضريءَ تي مونسان گڏجي هلندو هيو. ڳالهيون ڪندي مون هڪ دفعي ڪيس ٻڌايو تہ توکي خبر آهي تہ لاڙڪاڻي جو هڪ شيخ بہ وڏو نامي گرامي چور اٿئي ان تي هو حيران ٿي ويو ۽ دلچسپي ظاهر ڪيائين تہ مان ڪيس ان سان ملايان. آخر هڪ ڏينهن هو ڪورٽ جي ٻاهران هٿڪڙين ۾

Gul Hayat Institute

ٻين قيدين سان گڏ بينچ تي ويٺو هيو. مون کيس چيو ته هي اهو شيخ اٿئي. قربان علي ساڻس مليو جو قربان علي چيس ته مائٽ مون کي سڃاڻين! هن چيس ته هائو سائين چيائينس ڪيئن پلا- ان تي چيائينس ته شايد لاڙڪاڻي ڊسٽرڪٽ جيل ۾ گڏ هئاسي. ان تي قربان کلندي چيس ته اڃان نه سڃاتيئه، ته وري کيس چيائين ته پوءِ سکر سينٽرل جيل ۾ گڏ هئاسون. ان تي ڏاڍا کلياسين. اها حقيقت آهي هر ڏنڌي واري جي پنهنجيءَ ڏنڌي واري سان وڏيڪ دوستي ٿئي ٿي. چور مطابق هيءَ به هن وانگر چور هوندو.

- **نوابزاده مير نادر علي خان مگسي** جڏهن پهريون دفعو شهدادڪوٽ ۾ هڪ سياسي شخصيت جي حيثيت سان متعارف ٿيا ته مان ڪامريڊ ولي محمد، مسٽر عبدالجبار شيخ وڪيل ۽ ٻين دوستن ساڻس ملاقات ڪئي. هي خوبرو نوجوان همت وارو لڳو. اتان ساڻس ويجهڙائپ ۽ نيازمندي رهي. مير صاحب نرم مزاج انسان آهي. شهدادڪوٽ جي سياست جو سڄو رخ پاڻ ڏانهن ڦيرائي ڇڏيائين. اليڪشن مهم هجي، ٻوڏ، برسات يا شهرين مٿان ڪا تڪليف هن هڪ مانجهي مڙس وانگر خدمت ڪئي آهي. پيپلز پارٽي سان وفاداري ۽ سندن بلند حوصلو اڄ به قائم آهي. بحيثيت وزير لوڪل گورنمينٽ جي ڪيترن ئي بيروزگارن کي بنا ڪنهن لوڀ لالچ جي روزگار ڏياريو نه صرف ايترو مگر سندن نوڪرين جي بحالي لاءِ پنهنجن پئسن تي وڏا وڪيل ڪري ڏنا. مير نادر خان مگسي جي اليڪشن مهمن ۾ سياسي تقريرن ڪرڻ جو تجربو ٿيو. هڪ سياسي شخصيت کي ڪيئن مهم هلائڻي گهرجي، ڪهڙين ڪهڙين ڳالهين کي اهميت ڏني وڃي ۽ موقعي مطابق ڇا چوڻ ۽ ڪرڻ گهرجي، مون مير صاحب کي اليڪشن مهم دوران هڪ چيئمپئن طور



ڏٺو. سندن اڻٿڪ محنت ۽ ماڻهن کي پنهنجي ڪرڻ جي کيس وڏي مهارت حاصل آهي.

- شهدادڪوٽ ميونسپل ڪائونسل جي هڪ تڪ تان مون کي مرحوم عبدالجبار شيخ، صدر شيخ برادري ميمبر طور نامزد ڪيو هيو. مون لاءِ هي بلڪل نئين ڳالهه هئي. سياست ۾ مان ايترو پڙ ته ڪو نه هيس، مگر اليڪشن ۾ زو شور سان حصو ورتم، مخالف ڌر جو اميدوار ڪافي تجربيگار هيو. اليڪشن جي مهم دوران سياسي پيچن، عوامي رابطن، اليڪشن مهم هلائڻ، ووٽر لسٽن جي اهميت، ميل ملاقاتون، ووٽ حاصل ڪرڻ لاءِ سفارشون ۽ ٻيون ڪيترين ئي ننڍين وڏين ڳالهين جو مشاهدو ٿيو. مون اليڪشن ته ڪا نه کٽي مگر تجربو ضرور ٿيو. چوندا آهن ته تجربو هڪ سنگدل استاد آهي جيڪو پهريان امتحان وٺندو آهي ۽ پوءِ سبق ڏيندو آهي. اليڪشن هڪ راند آهي، ان ۾ شڪست جو ڏک ته ضرور ٿئي ٿو ۽ دشمني به وڌي ٿي مگر هن تجربي کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ حوصلي جي ضرورت آهي پر مان ته بقول پروين شاڪر

اس شرط پر کھیلوں گی پیار کی بازی،
جیتوں تو تجھے پاؤں، ہاروں تو پیا تیری۔

سماجي خدمت جي ميدان ۾ استاد مرحوم محمد يوسف سومرو، نازڪ نفيس، اڻٿڪ انسان، پيرسني واري عمر ۾ به مخير حضرات کان چندا گڏ ڪري غريب ماڻهن ۾ مفت عيد جا جوڙا ۽ مفت راشن تقسيم ڪندو هيو ۽ ان لاءِ عوامي ميڙاڪو ڪرائيندو هيو. جنهن ڪري هتان جي ماڻهن ۾ غريبن لاءِ احساس، سندن پرگهور ۽ جائز هنڌ تي خيرات ڏيڻ جو مادو پئدا ٿيو. مرحوم کي سندس چوڻ مطابق چندا ملندا هئا. ماڻهو کيس مدد ڪري خوشي محسوس ڪندا هئا ۽

کين يقين هوندو هيو تہ سندن خيرات مستحق ماڻهن تائين پهچندي.

– **ستاره سماج:** سماجي خدمتن جي سلسلي ۾ مون پاڪستان سوشل ايسوسيئيشن جو شهدادڪوٽ ۾ بنياد وڌو ۽ مون کي 9 مئي 1992 ۾ PSA پاران اسلام آباد ۾ ”ستاره سماج“جي اعزاز سان نوازيو ويو جيڪو ان وقت جي وفاقي وزير حڪومت پاڪستان مسٽر محمود علي خان جي هٿان مليو.

– شهدادڪوٽ ۾ هاري ڪاميٽي جي بزرگ اڳواڻ ڪامريڊ الاهي بخش قريشي، ڪامريڊ شاهہ محمد سيال، ڪامريڊ ولي محمد ۽ ٻين ڪامريڊن جو سياست ۾ ڪردار هيو. هارين نارين جي مسئلن کان علاوه شهدادڪوٽ جي مسئلن تي سيٺ گيانچند عريضي نويس جون ٽائيپ ٿيل درخواستون انتظاميہ کي لوڏائي ڇڏينديون هيون. ڪامريڊ قريشي، جناب ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جي بہ ويجهو رهيو ۽ سندن سياسي پاليسين تي تنقيد بہ ڪندو هيو. ڪامريڊ الاهي بخش سچ گو ۽ همٿ وارو ماڻهو هيو سندس ڪچهري شام جو ٻاهر ڇٽڪار ڪيل ايوان ۾ کٽن تي ٿيندي هئي جتي سياست تي ڪلم ڪلا سچو تبصرو ٿيندو هيو.

ڀلي محفل ڀلا ماڻهو ڀلي آيا،
اکيون آتيون جن لاءِ هلي آيا هلي آيا.

– **مارشل لا اچي وئي:** ڪيسن جي سلسلي ۾ لاڙڪاڻي جي ڪورٽن ۾ ويندو هيس. جنرل ضياءَ الحق جي مارشل لا جو دور هيو. هڪ ڏينهن مان بہ سيشن ڪورٽ ۾ ويٺو هيس جو ڪورٽ ۾ وڪيلن ۽ ماڻهن جي اندر ۽ ٻاهر ڪافي رش هئي. سيشن جج صاحب ڪيس ٻڌي رهيو هيو. ڪورٽ ۾ وڏي خاموشي هئي، جو اوچتو هڪ وڪيل صاحب مزدور سان ڪتابن جي هڪ ٻوري ڪٽائي ڪورٽ ۾ گهڙيو.



سيشن جج صاحب کي مخاطب ڪندي چيائين ”سائين وٺو پنهنجي قانون جا ڪتاب جو ملڪ ۾ مارشل لا اچي وئي آهي. هي ڪتاب هاڻي نہ منهنجي ڪم جا نہ توهان جي ڪم جا ۽ نہ وري وڪيلن جي ڪم جا آهن!“ سيشن جج صاحب خاموشي سان ٻڌو ۽ ڪيس ويهڻ جو اشارو ڪيو ۽ جڏهن چئمبر ۾ ويو تہ ڪيس گهرائي ورتو.

– مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪافي ڏاها ۽ وڏا انسان ڏٺا . جن جي عقل تي ريس ايندي آهي. هڪ دفعي شام جو پنهنجي وڪالت جي آفيس ۾ ويٺو هيس تہ ڪامريڊ ولي محمد مگڻهار وڪيل هڪ ماڻهوءَ کي وٺي آيو مون سمجهيو تہ ڪيس مون کي وڪيل ڪرڻو آهي. حالن احوالن کان بعد ڪامريڊ هن جو تعارف ڪرايو تہ هي شهدادڪوٽ جو وڏو رازو آهي، مهرباني ڪري هن کي فرانس جي سفير ڏانهن خط لکي ڏيو جو هي فرانس جي حڪومت کي ميسي ٽاور جي ٽيڙ کي سڌي ڪرڻ جو مشورو ڏيندو. هن چيو تہ سندس دعوي آهي تہ هن وٽ ان ٽاور کي سڌي ڪرڻ جو فارمولا آهي. مون سندس جرئت ۽ حوصلي کي داد ڏنو ۽ ڪائنس پڇيو ڀلا هو ڪيئن ڪندو. هن ٻڌايو تہ هو ٽاور جي پاڇي تي ان جي ليول جو جائزو وٺي سندس آيل ٽيڙي کي سڌو ڪري ڇڏيندو. مون سوچيو هن وٽ صلاحيت ۽ تجربو آهي. بحرحال مون ڪيس خط لکي ڏنو. هن بابت معلوم ٿيو تہ هي وڏا وڏا گنبذ ٺاهيندو آهي ۽ ٺاهڻ دوران جيڪڏهن مطمئن نہ ٿيندو آهي تہ سڄي ٺهيل گنبذن کي ڊاهي وري ٺاهيندو آهي. هن مٽيءَ مان هڪ ريل گاڏي ٺاهي ان کي ٻاڦ تي بہ هلائي تجربو ڪيو هيو جيڪا ريل گاڏي ان وقت جي وزيراعظم لياقت علي خان کي تحفي طور ڏني، جيڪا هن وقت بہ پاڪستان جي ميوزم ۾ رکيل آهي. هر ڪم ماڻهو پنهنجي ذهني صلاحيتن ۽ مشاهدن تي ڪندا آهن. چوندا آهن تہ

Gul Hayat Institute

”ڏات ناهي ذات جيڪو لهي سو وهي.“ دنيا جا سائنسدان، تجربيگار ۽ ڏاها ضروري ناهي تہ پڙهيل هئا. اڻ پڙهيلن ئي پنهنجن مشاهدن ۽ تجربن سان ڪيترين ئي تخليقون ڪيون آهن، تہ پوءِ هي اسان جو شهدادڪوٽي رازو دنيا جي ماهرن تجربيگارن کان گهٽ ڪو نہ آهي. پر شرط آهي تہ سندس تجربي مان فائدو ورتو وڃي ۽ کيس موقعو فراهم ڪجي مگر سندس جهڙي دعويٰ هت ڪنهن ٻي نہ ڪئي آهي.

_ **قمبر علي خان:** شهدادڪوٽ جي شاگردن لاءِ امتحانن جو مرڪز قمبر علي خان هوندو هيو جو آءٌ فائينل، اسڪالرشپ، ڊرائنگ، ميٽرڪ جو امتحان قمبر جي هاءِ اسڪول ۾ ڏنو. ان ڪري قمبر علي سان واسطو رهيو آهي. ڳوٺ ڇجڙا منهنجو ناناڻو ڳوٺ آهي ان سان ننڍپڻ کان ئي واسطو رهيو آهي، ان ڪري ڇجڙا ۽ قمبر علي خان اڪثر وڃڻ ٿيندو هيو.

_**منهنجو والد منهنجو استاد:** منهنجو والد مرحوم حڪيم حاجي رضا محمد شيخ پنساري، منهنجي والد جي حيثيت سان گڏ منهنجو حڪمت، طبابت ۽ يوناني دواسازي ۾ استاد بہ آهي. يوناني دوائن جي شناخت ۽ خاصيتن بابت ڪائنن ڪافي تجربو حاصل ڪيم. ابو سائين اول درجي جي دوائن ڪي استعمال ڪرائيندو هيو. چاهي اهي ڪيترين بہ مهانگيون ڇو نہ هجن، ور نہ دوا نہ ٺاهيندو هيو. دوا ٺاهي اڳ ۾ پاڻ استعمال ڪندو هيو. دوائن ڪي الڳ الڳ ڏٻن ۾ نالا لکي رکندو هيو. نسخن ۾ استعمال ٿيندڙ هر دوا ڪي چڱي نموني صاف ڪرائي ٺاهيندو هيو. منهنجي تعليم ۽ تربيت تي مڪمل توجهہ ڏيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ پڙهي پنهنجي زندگي آزادانہ ۽ سولي نموني گذارڻ گهرجي، ٻي تي ڪڏهن بہ نہ ٻاڙجي. زندگيءَ ۾ ڪس ڪائڻ گهرجي. ايماندارنہ زندگي ۾ برڪت آهي. شرافت ڪي هٿ کان ڪيڻ



نہ گهرجي. وڏن جي ڪچهرين ۾ وڃڻ گهرجي. منهنجو والد صاحب منهنجي جج ٿيڻ تي ڏاڍو خوش هوندو هيو ۽ دعائون ڪندو هيو. سندن دعائن ڪري الله تعاليٰ وڏين مهربانين سان نوازيو آهي. مان پنهنجي والد صاحب جي تجربي هيٺ آيل سيني نسخن کي گڏ ڪري هڪ ڪتاب ”طب سان تندرستي“ لکيو آهي. (جيڪو اڻ ڇپيل آهي.)

Gul Hayat Institute

# جمن فقير

ـ **جمن فقير**: جمن فقير تعلقي قمبر علي خان جو ويٺل هيو. پنهنجي منفرد طريقي سان فقيرانه زندگي بسر ڪندو هيو. ڀٽو صاحب فقير جمن کي گهڻو پسند ڪندو هيو ۽ المرتضيٰ جو دروازو هن لاءِ کليل هوندو هيو. ڪڏهن به ڪهڙي به وقت ڀٽي صاحب سان ملندو هيو. ڀٽو صاحب ڪيس ڏسي خوش ٿيندو هيو ۽ خيرات ڏيندو هيس. هڪ دفعي جڏهن ڀٽو صاحب وزيراعظم چونڊجي پهريون دفعو لاڙڪاڻي جي دوري تي شاندار استقباليه جلوس سان المرتضيٰ اچي رهيا هئا ته جمن فقير به پنهنجي گڏهه تي فوٽ پاٿ کان وڃي رهيو هو. ڀٽي صاحب کين پري کان ايندو ڏسي ڪيس گهرايو ۽ خيرات ڏيندي چيائين ته ”فقير جمن دعا ڪجانءِ! جو فقير جمن کين چيو ته سائين جي اجا خوش نه آهين تو پوءِ مونسان هل“! فقير به بادشاهه آهن. ڪا روايت پڙهي هيم ته هڪ دفعي سڪندر بادشاهه سير ڪندي پري کان نظر ايندڙ هڪ جهونپڙي بابت پڇا ڪئي ته اهو ڪنهن جو مڪان آهي، ڪيس ٻڌايو ويو اهو هڪ درويش فقير جو آهي. سڪندر ان سان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي ۽ اوڏانهن ويا. جڏهن ويجهو آيا، ڏٺائون ته هڪ فقير اس ۾ ويٺل هيو جو ڪيس ٻڌايو ويو ته سڪندر بادشاهه وٽس آيو آهي، جيڪو گهرڻو اٿئي گهر!. ان



تي فقير وراڻيو ته منهنجي هڪ گهر آهي، اها ته مون کان پرتي ٿي بيهو جو توهان جو پاڇو مون مٿان اچي رهيو آهي ۽ مون کي سيءُ پيو ٿئي. فقيرن جي به پنهنجي دنيا آهي. گوتم ٻڌ هڪ بادشاهه جو پٽ هيو شيشي جي محل ۾ لاڏڪوڏ سان پليل هن شهزادي جڏهن فقيري جو روپ اختيار ڪيو ته شاهي محل، سهڻي زال، مال ملڪيت، نوڪر چاڪر، عهدا ۽ نت ناٽڪ، ذهني انقلاب سبب ڇڏي وڃي جهنگ ۾ الله جي عبادت ڪرڻ لڳو ۽ دنيا جي ٻڌ مذهب جو روحاني پيشوا عظيم ”گوتم ٻڌ“ ٿي ويو.

ـ جمن فقير هندن جي مندر ۾ به رهيو. هڪ دفعي مندر ۾ جهيڙي جو واقعو پيش آيو. پوليس ايف.آءِ.آر داخل ڪئي، جنهن ۾ جمن فقير کي شاهد ڪيو ويو. جڏهن ڪورٽ پاران شاهديءَ لاءِ ڪيس نوٽيس مليو ته هو لاڙڪاڻي ڪورٽ ۾ پيش ٿيو مگر ڪيس نه هليو ۽ ڪيترين پيشين تي ڪائنس پڇا نه ٿي، ان ڪري هن وري ڪورٽ ۾ وڃڻ بند ڪيو مگر وارنٽ ذريعي ڪورٽ ۾ پيش ٿيو جو ڪائنس ضامن جي گهر ڪئي وئي، هن جج کي عرض ڪيو ته سائين هو ڪورٽ ۾ سندس اڳيان ڪيترائي ڀيرا حاضر ٿيو آهي، جو ڪيس لاڙڪاڻي ۾ توهان کان وڌيڪ ڪير سڃاڻي. پر حڪم ٿيس ته سڃاڻي ضامن وٺي اچي شاهدي ڏئي نه ته ڪيس جيل موڪليو ويندو. جيل جي پوءَ کان هو ڪورٽ جي ايوان ۾ سمهي پيو ۽ ڪلارڪن کي چيائين ته جڏهن سڏ ٿئي ته اٿارجو. هن جي ايتري سادگي ڪري ڪورٽ ڪيس شاهديءَ کان فارغ ڪري ڇڏيو.

ـ **آهي ڪو پڙهيل**: هڪ دفعي شهدادڪوٽ کان ڪراچي لاءِ ڪوچ ۾ سفر ڪري رهيو هيس جو ڪوچ هڪ اسٽاپ تي بيٺي، هڪ اخبار فروش ڪوچ ۾ آيو ۽ وڏو واڪو ڪندي چيائين ته ”آهي

Gul Hayat Institute

ڪو توهان مان پڙهيل "، سندس لفظ ٻڌي سڀ ڪلياسين مگر سواءِ هڪ يا ٻن مسافرن جي ٻي ڪنهن بہ اخبار نہ خريد ڪئي. مون سوچيو تہ اخبار وارو وڏو پيغام ڏئي هليو ويو. مون نوٽ ڪيو تہ سڄي ڪوچ ۾ اهي ٻئي اخبارون ڦري رهيون هيون.

- منهنجو هڪ دوست پراڻن ڪتابن جي جائزي وٺڻ لاءِ ريڙهي واري وٽ بيهي ڪتاب ڏسي رهيو هيو ۽ ڪيس چيو تہ *"بھائی کوئی سندھی کتاب بھی ہے"*، ان تي هن چيس تہ *"آپ سندھی نہ کتابیں خریدتے ہیں نہ پڑھتے ہیں، تو وہ کب پرانی ہو کر میرے پاس بکنے آئینگیں۔"* سو ڳالھ بلڪل صحيح آهي، امر جليل جي چوڻ مطابق تہ اسين ٻن هزارن وارا بوٽ تہ وٺي پايون ٿا، مگر ٻہ سو روپين وارو ڪتاب خريد ڪري نٿا سگهون، سچ آهي اسان ڪتابن جا خريدار نہ آهيون. جيڪڏهن اسان پنهنجا ڪتاب نہ خريد ڪنداسون ۽ نہ پڙهنداسون تہ پيو ڪير اسان جي ادب کي پڙهندو. اسانجا سنڌي ڪتاب خريد ڪندو ۽ اهي وري پراڻا ٿي ريڙهين وارن وٽ وڪري لاءِ ايندا.

- **شريعہ ڪورس**: سال 2006ع ۾ منهنجي سرڪاري طرح بين الاقوامي يونيورسٽي ۾ اسلامي شريعہ ڪورس لاءِ نامينشن ٿي. مان ۽ مسٽر محمد بخش پنگوار سنڌ مان ٻہ ڄڻا جج مقرر ڪيل تاريخ تي اسلام آباد وياسين ۽ يونيورسٽي جي هاسٽل ۾ قيام ڪيوسين. اسان سان گڏ پنجاب، آزاد ڪشمير، بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي جا پراسيڪيوٽر بہ هيا. هاسٽل ۾ سڀني صوبن جي آفيسرن سان گڏجي رهڻ جو موقعو مليو. مون کي 47 گروپ جو ليڊر چونڊيو ويو. روزانہ صبح جو منجهند تائين ليڪچرز ٿيندا هئا ۽ شام جو اسلام آباد ۽ ان جي پسگردائي جي ماڳن کي ڏسڻ لاءِ يونيورسٽي پاران انتظام ٿيل



هئا. هاسٽل ۾ رهڻ دوران سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ پاڻ ۾ دوستيون ۽ ڪچهريون ڪندا هئا ۽ وري ٻي طرف پنجابي ۽ ڪشميري دوست پاڻ ۾ دوستيون ۽ ڪچهريون ڪندا هئا. روزانہ صبح جو سوير نماز فجر کان بعد ۽ شام جو واڪ ڪرڻ لاءِ ويندا هئاسون. شروعاتي ٻہ ٽي ڏينهن صبح جي واڪ پوءِ کان نہ ڪئي هيم، ڇاڪاڻ جو صبح جو پولا وڏي ڪٽڪ سان اسان جي هاسٽل جي رستي جي ٻنهي پاسن قطارن ۾ ويهندا هئا. ڪي پولا وڻن وڻن وٽن ۾ لڙ ڪندا هئا، ٽپا ڏئي، ميوا کائيندا هئا. ٻہ ٽي پولڙا منهنجي هاسٽل جي ڪمري پنيان شيشي تي پڻ ايندا هئا، جو آءٌ ساڻن مسخريون ڪندو هيم ۽ ڪين بسڪيٽ بہ کارائيندو هيس، ان ڪري هو صبح جو سوير اچي ويندا هئا. هڪ دفعي صفائي ڪرڻ واري ملازم مون کي ڪين بسڪيٽ کارائيندي ڏٺو جو رڙ ڪري چيو تہ سائين انهن پولن سان ايتري لھ وچڙ نہ ڪريو هو وڏا شرارتي آهن جو مون کي تنگ ڪري وجهندا ۽ ننڊ حرام ڪري ڇڏيندا. مون پڻ اها ڳالھ نوٽ ڪئي هئي تہ ڪيترائي ننڍا وڏا پولا اسان جي سڄي هاسٽل مٿان نينگ ٽپا ڏئي گوڙ ڪندا هئا. بورچي خاني مان سامان چوري ڪري ويندا هئا، مگر هو ڪنهن سان وڙهندا نہ هئا، ان ڪري هر ڪو خاموشيءَ سان هليو ويندو هيو جو هو بہ انهن ڏانهن توجهہ نہ ڏيندا هئا، پر جيڪو ڪو ڪين تنگ ڪندو هيو تہ ان جي پويان پئجي ويندا هئا. صبح ۽ شام واري واڪ ۾ وڏو مزو هيو. ڪيترائي ماڻهو گروپن جي صورت ۾ ڪچهريون ڪندا پسگردائي جي ساوڪ، ٽڏڙي هير ۽ فيصل مسجد جي سونهن مان مزا ماڻي واڪ ڪندا هئا. فيصل مسجد ۾ مغرب جي نماز ۽ جمعي جي نماز تي وڏو مزو ايندو هيو ماڻهن جي رش سبب ميلي جهڙو منظر هوندو هيو.

Gul Hayat Institute

اسلام آباد ۾ رهڻ ڪري پشاور ۽ راولپنڊي وڃڻ جو موقعو مليو. اسان جي گروپ کي پوري ملڪ جي وڏن شهرن جو سير بہ ڪرايو ويو جن مان لاهور، پشاور، مالجما، مٽا ۽ ٻيا شهر ڪراچي وغيره. پشاور، مردان، سوات سرسبز، وڏُن جبلن جو چوٽيون، سلائيڊنگ ۽ قدرتي نظارن روح کي خوش ڪري ڇڏيو. قدرت ڪي، پي، ڪي کي ڏاڍو حسين ڪري ڇڏيو آهي. هتي جنت جو سمان نظر اچي رهيو آهي، ويتر سندس پٿريلي ڌرتيءَ مان چشما ۽ واهہ وڏي زور شور سان وهي رهيا آهن. قدرت جي حسين منظرن کي ڏسي ڏاڍو مزو آيو. ٽرائوٽ مڇي هتان جي بهترين مڇي آهي جنهن جي کائڻ ۾ مزو آيو. سوات، مٽا، مالم جمبا ۽ ٻين وادين جي حسن ڏاڍو متاثر ڪيو. مگر اتان جي ماڻهن جي حالت مون کي سٺي نہ لڳي معلوم ٿيو تہ شايد اتي وڏيڪ غربت آهي.نہ تہ هتي جيڪا موسم پرڪشش قدرتي نظارا، ميووا، ساوڪ ۽ منظر آهن تہ هتان جا رهاڪو پاڪستان جي ٻين صوبن کان وڏيڪ خوشحال، طاقتور ۽ خوش هجن ها پر ائين نہ هيو.

_ اسان دوست جبلن جي سوڪڙي ماڪي، هڏبند ۽ سلاجيت وٺڻ لاءِ بازار ۾ وياسين. مگر اتي بہ ملاوت ۽ ٻيو نمبر شيون عام هيون. مهانگائپ گهٽي هئي، تلاون ۽ چشمن ۾ خوب تڙ ڪياسون، چشمن جو صاف شفاف، "پاڻي قدرتي منرل واٽر" پي ڏاڍو سير ٿياسون. ويتر جهڙالي موسم، سنهڙي بارش ۽ ڪڏهن ڪڏهن سج نڪرڻ ڪري حسين سرسبز منظر جنت جو ڏيک ڏيئي رهيو هيو. اسان دوستن اتي رات قيام ڪيو خوب گهمياسون، تصويرون ڪڍيون سين ۽ وڊيون ڪڇريون ڪري پنهنجي يادن کي محفوظ ڪيوسين.

Gul Hayat Institute

# متفرقات



Gul Hayat Institute

# جج شپ جو زمانو

– اپريل 1995ع ۾ منهنجي پهرين نوڪري سيوهڻ ۾ بحيثيت جج جي ٿي، جو آءُ ٽي سال اتي خدمت انجام ڏني. جج جي نوڪري انتهائي سنجيده ۽ عام ماڻهن جي ميل جول کان پري رهڻ واري آهي. هي شهر لال سائين جي آخري آرامگاهه ڪري جڳ مشهور آهي، مون کي هن شهر ۾ روحاني سڪون ميسر ٿيو. سيوهڻ جي تاريخي حقيقتن کي قلمبند ڪرڻ ۽ ان جي پسگردائي، تاريخي ماڳن مڪان ڏسڻ جو موقعو مليو. موڪل وارن ڏينهن تي فيملي سميت ان جي سير ۽ سياحت لاءِ نڪري ويندا هئاسون. بابو سائين منهنجي هتان جي نوڪريءَ کي مون لاءِ انعام سمجهندا هيا، ۽ چوندا هئا ته بزرگن جي پير ۾ ويهڻ سان نصيب سنا ٿيندا آهن.

هججي پرين سان گڏ، يا ڪجي پرين جي پچار،
انهن ٻنهي کان ڌار، قادر ڪنهن کي نه ڪري.

– روزانو عشاءَ جي نماز بعد، درگاهه شريف جي زيارت ۽ دعا لاءِ ويندو هيس. هت مون ڪيترائي ماڻهو فقيرانه روپ ۾ ڏٺا. هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ جا جج صاحب بغير ٻڌائي فقيرانه انداز ۾ ايندا هئا، جو بعد ۾ خبر پوندي هئي ته فلاڻو جج صاحب آيل هيو. وري ڪڏهن ڪڏهن جج صاحبن جو رٿيل پروگرام ٿيندو هيو جو مان سندن لاءِ سيوهڻ جي قلعي واري ريسٽ هائوس ۾ سرڪاري طرح انتظام



ڪرائيندو هيس ۽ لال سائين جي دربار ۾ حاضريءَ لاءِ ڪين وٺي ويندو هيم.

– هڪ دفعي هاءِ ڪورٽ جي هڪ جج صاحب ڪي سيوهڻ جي معلومات ڪرائيندي قلعي مٿان وٺي سيوهڻ جو چوطرف نظارو ڪرايو ۽ توجهه ڏياريندي چيو ته سائين ڏسو لال سائين جي دربار مٿان گنبذ سون جو ٺهيل آهي، جنهن جي ماليت به ڪروڙ روپين کان مٿي آهي. الله تعاليٰ سندس ڪيڏي نه وڏي عظمت ڪئي آهي، جو ايڏو سون اس، گرمي ۽ برسات ۾ ٻاهر بغير ڪنهن پهري جي جڙيل آهي. هونئن عام ته ٽي تولا سون به لڪائي سانڍي رکجي ٿو. مگر هن فقير اڳيان ان جي ڪا به حيثيت ڪا نه آهي.

– لال سائين جا عقيدتمند/زائرين هر مهيني لکين روپيه نذرانو پيتين ۾ وجهن ٿا سون ۽ چانديءَ جون چادرون چاڙهين ٿا.

– سيوهڻ ۾ هڪ بزرگ کان پڇيم ته ”لال جا آرسي“ چاڪي چئبو آهي؟ هن ٻڌايو ته حضرت لال شهباز قلندر رحه جا ڪي اهڙا مريد به هئا جيڪي پنهنجي مستي ۾ گم هوندا هئا. ميخاني تي ويٺل ڏاڍا سست هوندا هئا. لال سائين ڪي پري کان ويٺل ڏسي چوندا هئا ته سائين سان پوءِ ملي وٺنداسين انهيءَ سست تولي کي لال جا آرسي چئبو هيو.

– **شڪارپور ۾ سروس دوران:** مون وٽ پٽيسن جي واپسي وياج سميت واري اپيل هلي رهي هئي، مون فيصلي ڪرڻ کان اڳ فريادي جيڪو هڪ هندو سيٺ ۽ جوابدار ٻروچ هيو کي چيو ته هو پاڻ ۾ ٺاهه چو نٿا ڪن، جو فريادي چيو ته سائين پيلي ڪير به ٺاهه ڪري. ان بعد جڏهن جوابدار کان چيم ته هن چيو ته سائين منهنجو عرض آهي. مون سندس ڳالهه ٻڌي. هن چيو ته سائين هن واڻي سيٺ

Gul Hayat Institute

جا پئسا برابر مون ڏي آهن مگر مون کي هن جو ڏاڍ ڏک آهي، سيٺ صاحب ننڍي هوندي کان منهنجو دوست آهي، اسين ساڻس وهنوار ڪندا آهيون. هڪ دفعي مون تي ڪو ڏکيو وقت اچي ويو مان سيٺ ڏي ويم ۽ ڪائنس قرض تي رقم گهريم جو ڏيڻ لاءِ تہ تيار ٿي ويو پر چيائين تہ ”رقم وڏي آهي.“ ان ڪري هن پنهنجي ڳاڙهي ڊگهي بنديءَ تي ڪجهہ لکي، مون کي چيو تہ ”هن تي صحيح ڪر. مون ڪيس چيو تہ هو اڻ پڙهيل آهي، جو چيائين ڀلا هن تي آڱوٺو هڻ. مان سندس چوڻ تي آڱوٺو هنيون جو هن مون کي رقم اوڌر تي ڏني. سو جج صاحب هن منهنجي زبان تي ڀروسو نہ ڪيو پر منهنجي آڱوٺي تي ڀروسو ڪري پئسا ڏنا. هاڻي جڏهن هن منهنجي آڱوٺي تي ڀروسو ڪيو تہ رقم بہ وڃي آڱوٺي کان وڃي وٺي!“ سو ڳالهہ آهي زبان ۽ آڱوٺي جي، جيڪو جنهن تي اعتبار ڪري.

– **جيڪب آباد ۾ سروس:** جيڪب آباد سروس دوران هر هفتي شهدادڪوٽ ويندو هيس ۽ وري سومر ڏينهن صبح جو ڊيوٽي تي موٽي ايندو هيس. هڪ دفعي ڪوچ ۾ ويس، جيڪا ڪراچي کان ڳڙهي خيرو ويندي هئي. ڪراچي کان آيل ڊرائيور شهدادڪوٽ، ڳڙهي خيرو جي وچ رستي تي لهي پنهنجي ڳوٺ ويو ۽ باقي مفاصلو سندس منشي ڊرائيونگ ڪئي. هي رستو سوڙهو ۽ هڪ پٽي وارو هيو ، پريان ڪو ٽريڪٽر اچي رهيو هيو. منشي ان کي رستي ڏيڻ لاءِ جيئن گاڏي کي سائيڊ تي ڪيو تہ اوچتو گاڏي جو هڪ اڳيون ٽائر ڪناري کان هيٺ لهي ڪڏ ۾ هليو ويو. جو گاڏي آهستي آهستي ڊرائيور سائيڊ تي مٿي ٿيڻ لڳي. ائين سڄي ڪوچ ۾ مسافرن جون رڙيون، روڄ راڙو شروع ٿيا. ماڻهو ۽ مٿي رکيل سامان اسان مٿان ڪرندو رهيو مگر الله جي قدرت سان ڪوچ جا ويل گپ ۾ ڦاسي پيا.



ان ڪري ڊرائيور سائيڊ وارو پاسو هيٺ ۽ ٻيو پاسو مٿي تي بيهي رهيو. راهگيرن جلدي جلدي سڄي ڪوچ جي ماڻهن کي مون سوڌو ٻاهر ڪڍيو، جو اسين الله جو شڪر ادا ڪيوسين. چوندا آهن تہ جنهن کي الله بچائي ان کي ٻيو ڪير ماري، بچائڻ وارو مارڻ واري کان ويجهو آهي. هي وڏو دردناڪ منظر هيو جيڪو صرف ۽ صرف ڊرائيور جي لاپرواهي ۽ نااهلي سبب ٿيو.

– منهنجو هڪ عزيز ڳالهين جو ڳهير آهي. سياست هجي، دنياداري يا ديني معاملا، وڏا وڏا مثال ڏيندو آهي. پاڻ هوائي پورهيو ڪندو آهي. ڪٿي بہ ويهي ڌنڌو نہ ڪري سگهندو آهي. جڏهن بہ ڪيس ڪنهن ڌنڌي جو مشورو ڏبو آهي تہ هو ان جي نفعي ۽ نقصان جون ڳالهيون ٻڌائيندو آهي. دنيا جي هر ڌنڌي ۾ ڪيس نقصان نظر اچي ٿو. ڪنهن بہ ماڻهو جو ذڪر ايندو تہ ان جي مال ملڪيت بابت تفصيل ٻڌائيندو آهي تہ فلاڻي ماڻهو وٽ هيتري ملڪيت آهي پر نصيب ڪجهہ بہ ڪونهيس وغيره. مون کي حيرت ٿيندي آهي تہ هن جي شهر جي سڀني ماڻهن جي ملڪيتن تي نظر آهي. بلڪل سچ چيو اٿن تہ تاڙڻ وارو قيامت جهڙي نظر رکندو آهي.

Gul Hayat Institute

# سيوهڻ سنديون يادون

– سيوهڻ جي سرسبز سرزمين درياهه سنڌ جي اولهه ڪپ مٿان واقع هڪ جزيره نما خطو آهي، جنهن جي ڏکڻ ۾ لکي جبل، سنڌس اولهه ڏکڻ ڪنڊ ۾ ايشيا جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ منڇر ڍنڍ آهي، جيڪا 207 چورس ميلن ۾ روان دوان آهي.

– سيوهڻ قدرتي مناظرن جو گهوارو آهي، جنهن ۾ زميني، ڪوهستاني ۽ آبي علائقو اچي ٿو. هن شهر جي اتر اولهه ڪنڊ تي "چرپٽ راجا" جو ڦٽل قلعو ۽ ويران ڳوٺ موجود آهي، جيڪو روايتن مطابق چرپٽ راجا جي ظلمات جو شاهڪار آهي.

– سيوهڻ کي قديم زماني ۾ سوي واهڻ، سيوستان، شيشتان به چيو ويندو هيو. هي هڪ اوائلي تاريخي خطو آهي ۽ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ به رهيو آهي. مهراڻ جي ڪناري قديمي آباد هيءَ سرزمين قدرتي جي هر نعمت سان سرشار ۽ مالامال آهي. سيوهڻ جي سڄي هٽ تي درياهه سنڌ ۽ ڪبي پاسي جبلن جون قطارون آسمان سان ڳالهيون ڪن ٿيون، سيوهڻ درياهه ۽ جبلن جي وچ ۾ جڻ هڪ ماٿري آهي.

مهراڻ جون مست موجون هٿان جي ملاحن، مهاڻن ۽ ماڇين کي مايا مهيا ڪن ٿيون. درياهه سنڌ ۾ مڇي وڏي مقدار ۾ ملي ٿي ۽ وڪري لاءِ ٻاهر موڪلجي ٿي. مهراڻ جڏهن موج ۾ اچي ٿو ته ڪچي کي ٻوڙي جمن ستي جتيءَ سان مقابلي لاءِ تيار ٿئي ٿو. هوڏانهن هو به درياهه بادشاهه کي اڳتي وڌڻ نٿو ڏئي، اهڙيءَ طرح درياهه بادشاهه ۽ جمن



بادشاهه ۾ صدين کان جنگ جاري آهي. مهراڻ سيوهڻ کي هر سال سوڙهو ڪندو رهي ٿو هي مستيءَ جي عالم ۾ ڪڏهن کهڙي پاسي ته ڪڏهن کهڙي پاسي، وهي ٿو ۽ مستيءَ ۾ لٽ لٽي موٽي ٿو. مهراڻ جي ان دلچسپ بادشاهي انداز کي سيوهڻ جي اوپر ڪناري بندر محلي کان ڏسي سگهجي ٿو. مهراڻ جون کان نومبر مهيني تائين سمنڊ لڳندو آهي ۽ ويندي ويندي لٽ ۽ ڦاٽ نشاني طرح ڇڏي وڃي ٿو. هي لٽ ۽ ڦاٽ به ٺاهوڪن واهن جهڙا هوندا آهن. جن ۾ ٻيڙيون هلن ٿيون، هوڏانهن سيوهڻ جا هاري درياهه جي نرم پيٽ تي هر هٽي آبادي ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح سندس پيني پيني سيني تي سرسبز ۽ ساوڪ اپري ٿي ۽ هن ڌرتي تي سائي چادر جو غلاف چڙهي وڃي ٿو.

سيوهڻ ۾ ڪيترائي ٻيلا آهن، جيڪي تمام گهاٽا ۽ ساوا آهن. قدرت هن ڌرتيءَ جو مان ۽ مرتبو وڌايو آهي. هي اوائلي زماني کان پنهنجو مثال پاڻ رهيو آهي. واپاري لحاظ کان وڏي حيثيت ۽ چال چلت وارو ملڪ رهيو آهي. سيوهڻ جي پراڻي تاريخ جي روگرداني ڪندي اهو معلوم ٿئي ٿو ته مهراڻ جي ڪناري واقع هي علائقو وڏي آبادي، ناٽي ۽ خوشحالي وارو علائقو رهيو آهي. هتي وڏو وڻج واپار ٿيندو هيو از ڪانسواءِ سير، تفريح، سياحت، علم ادب، حڪمت ۽ جراحت کان علاوه روحانيت، حاڪميت جو به مرڪز به رهيو آهي. هت جيڪو آيو ان وري منهن نه موڙيو. هن علائقي جي اصلاح خاطر هڪ مرد الست سخي شهباز قلندر جي روپ ۾ جلوه گر ٿيو جيڪو سيوهڻ قسمت تي چوڏس تي اپريو ۽ سندس تقدير کي بدلائي ڇڏيو. لال شهباز هن کي پنهنجو مسڪن بڻايو. اسلامي تعليمات جو گهر، ماڻهن جي توجهه، روحانيت ۽ عقيدت جو مرڪز تي نروار ٿيو سيوهڻ مان سيوهڻ شريف ٿي پيو چرپٽ راجا ۽ حنود ڪاسائي جي برخلاف قلندر جي بستي مشهور ٿيو جنهن کي اج به سندس نسبت ڪري بين القوامي حيثيت حاصل آهي. هي اسلامي تبليغ، ڪافين، مسجدين،

Gul Hayat Institute

امام بارگاهن ۽ مدرسن جو گهر ٿي ويو. راڳن ۽ ڌانسن مان وري ”الله هو“ جون ڌمالون ۽ رقص ٿيڻ لڳا. قلندر جي نگاهه ڪرم سان هت روحانيت ۽ وحدانيت جا نعرا گونججڻ لڳا. فقيرن ۽ عاشقن جا امبار اچڻ لڳا. اهڙيءَ طرح صدين کان جاري براين جي هن خطي تي هن وليءَ جي نظر ٿي،

نگاہ ولی میں وہ تاثیر دیکھی،
بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی۔

**شهباز قلندر**: اڄ سيوهڻ جي نالي کڻڻ سان قلندر جي برگزبرده شخصيت اڀري اچي ٿي ۽ نه چرپٽ ۽ حنود اڳيان اچي ٿو.

سيوهڻ ۾ بيشمار عظيم بزرگ، اولياءَ ۽ صوفي فقير مدفون آهن، چوڻي موجب هي 1,25000 فقير ۽ درويشن جو آرامگاهه آهي. گويا سيوهڻ باب الفقراءَ ۽ باب الفيض آهي. هتي سيوهڻ جا اصل مقامي باشندا تمام گهٽ رهائش پذير آهن، هتان جي ماڻهن جو مزاج خشڪ ۽ پنهنجي ڪم سان ڪم رکندڙ وارو آهي. اڪثريت مختلف ذاتين وارا رهن ٿا. هتان جي مجموعي آبادي غريب گهراڻن آٿين ۽ چاڙهين ڏٿ ڏهاڙي سومرا وانگر آهي. سيد خاندان جي اڪثريت آهي، جيڪي بااثر ۽ صاحب حيثيت آهن. هتان جي عوام جي زندگيون رحم جوڳيون آهن. معيار زندگي ٻين شهرين جي مقابلي ۾ پوئتي آهي. غربت، گندگي ۽ سادگي جام آهي. هتان جا آسودا ۽ اوائلي باشندا اعليٰ تعليم حاصل ڪري حيدرآباد، ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ رهائش پذير آهن، تن هتان جي عوام جي ڪا به خدمت ڪو نه ڪئي آهي ۽ نه ئي پنهنجي حصي مطابق ڪو خدمت جو حق نباهيو آهي، ان ڪري هن شهر ۽ هتان جي ماڻهن ڪا به ترقي ڪو نه ڪئي آهي. سياسي سماجي، صنعتي لحاظ کان ٻين جي رحم ڪرم تي آهي. سيد عبدالله شاهه وزيراعليٰ سنڌ ڦيرين دفعو سيوهڻ جي ترقيءَ لاءِ بهترين



قدم کڻي رهيا آهن. جن مان مزار قلندر جي نئين سر تعمير، هوائي اڏي جي قيام کان علاوه زائرين لاءِ ريسٽ هائوس، ڪشادا روڊ، رستا، سيوهڻ کان حيدرآباد تائين روڊ ۽ ٻيون سهوليتون مهيا ڪيون آهن.

سيوهاڻي سرڪار جي طفيلي هن شهر جي اقتصادي حالات نيڪ آهي. هتان جا مقامي تاجر قلندر سرڪار جي زائرين جي آمد جا منتظر هوندا آهن ۽ وڻج واپار به درگاهه جي زائرين تي ٻڌل آهي، هوڏانهن تاجر ماڻهن کي مهانگين اگهن تي شيون وڪڻي ڦري فقير ڪرڻ ۾ ماهر آهن. هتان جا مقامي ماڻهو ميلي جي موقعي تي پنهنجون جايون ۽ دوڪان، زمينون خالي ڪري وڏي رقم حاصل ڪن ٿا ۽ اهي ڏينهن پاڻ ٻي هنڌ منتقل ٿي وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح هو پنهنجي سال جي بچيت ميلي جي آمدني تي ٿاهن ٿا. مطلب ته زائرين قلندر هن شهر جي آمدني جو وسيلو آهي.

**پنّاڻ جي ڪافي**: زائرين کان علاوه غريب سيوهاڻين ۽ مسافرن لاءِ پرجهلو آهي، جت هر روز مفت لنگر جو اهتمام هوندو آهي، جنهن جو سهرو ڊاڪٽر سيد عارف شاهه جي سر آهي، جيڪي تمام فقير ۽ درويش آهن ۽ درگاهه حضرت سيد نادرشاهه جا گادي نشين آهن. ان کان علاوه لال داس جي ڪافي ۽ ٻيون ڪيترون ئي ننڍيون وڏيون ڪافيون موجود آهن.

- سيوهڻ ۾ نه آهي ڪو ڪاروبار نه ادارو ۽ نه ڪو ڪارخانو *بس چلی جارہی ہے خدا کے سہارے* وانگر لال سائين جي آسري آهي. سيوهاڻين کي عزت ۽ مرتبو دربار قلندري ڪري ميسر آهي. هن شهر کي شايد اها به دعا آهي ته خوشين، ڌمالن ۽ ميلن جي کوٽ ڪو نه آهي. دنيا جو هر ماڻهو هر رنگ نسل، فقه، مذهب ۽ عقيدت وارو حاضر ٿئي ٿو. هن شهر جي ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ ۾ مزارني ڪو نه ڪو ميلو هوندو آهي. سيوهڻ جي ڏاڪڻي ڪنڊ تي هڪ ٻيو ولي الله حضرت چتو هميراڻي جي

Gul Hayat Institute

درگاهه پڻ آهي، جيڪا دربار قلندري جي آمهون سامهون آهي.

- هت پراڻو تاريخي قبرستان، معصومن جو مقام پڻ آهي. ريلوي لائين جي هن پار ڏکڻ اولهه ڪنڊ تي چوٽنبي نالي هڪ تاريخي ماڳ آهي، جنهن لاءِ مشهور ته ات لال سائين پنهنجن يارن سان ڪچهري ڪندا هئا ۽ چار يار اتي ويهندا هئا چوٽنيپي هڪ ٽڪريءَ تي واقع آهي، جنهن مٿان چڙهي وڃڻ سان سيوهڻ ۽ سندس چوگرد نظارو ٿئي ٿو. چوٽنيپي جي هينان هڪ چر آهي، جنهن ۾ هڪ مخصوص جاءِ جو نشان آهي، جنهن لاءِ روايت آهي ته لال شهباز ات عبادت ڪئي آهي. ان چر ۾ ٻن رستن جا نشان آهن. اولهه پاسي وارو پاسو سوڙهو لنگهه آهي ۽ جتان روايتن مطابق لال سائين حج لاءِ ويا ۽ ڏکڻ پاسي کان واپس آيا. هن چر ۾ روزانو چراغ روشن ڪيا وڃن ٿا. جت زائرين حاضري ڀرين ٿا ان سان لڳ وري ٻي ٽڪري لاءِ چيو وڃي ٿو ته لال سائين جي دلدل جي سنبن جا نشان آهن، جيڪي گهرا آهن.

- چوٽنبي جي چوڌاري وارياسو ميدان آهي ۽ ڪا به آبادي ڪو نه آهي.

سيوهڻ شهر جي اتر پاسي داخل ٿيڻ سان هڪ تاريخي باغ لعل باغ جي نالي مشهور آهي، هي اڙل واهه ۽ جهانگارا باجارا روڊ جي ڏکڻ پاسي واقع آهي، جت گهاٽا وڻ ۽ ساوڪ آهي. هت هڪ قديمي ٻڙ جو وڻ آهي، هي باغ لال سائين جي آرامگاهه رهيو آهي. مگر هي اوائلي باغ اجڙيل آهي. هتان فقيري قافلا ڪري لاهوت لامڪان لاءِ روانا ٿين ٿا ۽ لاهوتي ٿي موٽين ٿا. هتان بڊو جبل لاءِ رستو پڻ آهي.

## سيوهڻ جي جاگرافي بيهڪ:

- سيوهڻ ضلعي دادو جو هڪ تعلقو آهي ۽ سب ڊويزنل هيڊڪوارٽر پڻ آهي.



اتر ۾: ضلعو دادو ۽ جوهي اٿس

اوڀر ۾: سنڌو درياهه

ڏکڻ ۾: تعلقه ڪوٽڙي

اولهه ۾: ڪيرٿر جبل

- سيوهڻ جي چوڌاري بچاءُ بند ڏنل آهي. بچاءُ بند اوڀر کان درياهه سنڌ کي ڏنل آهي. ڏکڻ کان چنبڻ کان بچاءُ بند اولهه کان منڇر جي پاڻي کي اتر کان اڙل واهه کي بچاءُ بند آهي.

- سانوڻي جي موسم ۾ سيوهڻ کان ٽن طرفن کان پاڻي هوندو آهي ۽ بچاءُ بندن کان محفوظ هوندو آهي. هتي زميني پاڻي کارو آهي. البت ڪن جاين تي مٺو پاڻي ملي ٿو.

موسم:- گرمي ۾ سخت گرم ۽ سردي ۾ سخت سرد.

## سيوهڻ جو اوائلي تاريخي منظر:

- ويدڪ زماني ۾ قديم سنڌ جي جن شهرن جا نالا يونانين جي التماس ۾ ڏنل آهن انهن ۾ سيوستان پڻ شامل آهي.

- 325 ق. مسيح ۾ سڪندر مقروني سنڌ تي ڪاهه ڪئي هئي. سنڌو مائينر (سيوستان، موجوده سيوهڻ) جو بادشاهه سڪندر جو ٻڌي جبلن ۾ لڪي ويو ته جيئن خون خرابو نه ٿئي.

- سيوستان، سيدي آرين تعمير ڪرايو ۽ يونانين مٿس سڊونيا نالو رکيو (تايخ سنڌ ڀاڱو پهريون سنڌ جي تاريخ از مولوي نور محمد نظاماڻي)

- سنڌونديءَ جي الهندي ڪپ تي سيوستان جو مشهور قلعو ۽ راجا ڏاهر جي حڪومت جو صدر شهر هيو. (قديم سنڌ جا مشهور ماڻهو ۽ شهر صفحو 28 از مرزا قليچ بيگ) وڏيڪ ڪتاب دربار قلندر از عنايت الله ٽيبو 28 تاريخ سنڌ ڀاڱو 2 ۽ 3 عبدالغني، عبدالله.

عجائب الاستعار- سفرنامه ابن بطوط

Gul Hayat Institute

شاهه سچل سامي_ محمد ابراهم جويو_35
تاريخ مظهر شاهجاهاني_ سيد حسام الدين 2
تاريخ سنڌ_ مترجم ابن حيات ۽ شمشير الحيدري 800
سنڌ صدين کان_ غلام محمد لاکو 56
تحفته الڪرام_ 259
تاريخ سنڌ_ اعجاز قدوسي 599
تذڪره شهباز_ عبدالمجيد سنڌي_65
تاريخ معصوم بکري, 53_ سيد حسام الدين راشدي

_ **تاريخي قلعو**: روايت آهي ته هي قلعو 325 ق_م ۾ به موجود هيو. سڪندر اعظم به هن قلعي ۾ آيو هيو. هن قلعي تي راجا ڏاهر جي حڪومت به رهي آهي. چيو وڃي ٿو ته هن قلعي کي فتح ڪرڻ لاءِ محمود غزنوي به پنهنجي وزير عبدالرزاق کي لشڪر ڏئي موڪليو هيو.

_ سمن جي دور حڪومت ۾ ڪوهستان ۾ سيوهڻ جو قلعو هڪ مضبوط قلعو هيو.

_ همايون بادشاهه هڪ وڏي لشڪر سان 7 مهينن تائين هن قلعي تي حملو ڪيو پر ناڪام ٿيو.

_ هي قلعو اتر اولهه جي ڪاهن کان سنڌ لاءِ بچاءَ بند هيو.

_ اڪبر بادشاهه جي سپهه سالار خان خانا به ڪيترن مهينن تائين هن قلعي کي گهيري ۾ رکيو هيو پر ناڪام ٿيو پر جڏهن خود مقامي ماڻهن قلعي جا دروازا کولي هٿيار ڦٽا ڪيا تڏهن فتح ٿيو. ان مان ثابت آهي ته هي قلعو ڪيڏو نه مضبوط هيو. هي قلعو سنڌ جي چاٻي هيو ان ڪري سنڌ کي فتح ڪرڻ لاءِ پهريائين هن قلعي کي فتح ڪرڻ ضروري هيو. علامه فيضي اقبال نامه اڪبري ۾ لکيو آهي ته سيوهڻ وچ سنڌ ۾ آهي, هي مهراڻ جي الهندي ڪپ تي مکيه قلعو



آهي, جنهن جون ديواريون 40 گز بلند ۽ 7 گز ويڪريون هيون. سيوهڻ کي اهو به اعزاز حاصل آهي ته اڪبر بادشاهه جي نون رتن مان به رتن ابوالفضل ۽ فيضي جو تعلق سيوهڻ سان هيو. قدرت جو اهو ڪمال آهي ته سنڌ جي سرزمين ابو الفضل, فيضي ۽ اڪبر بادشاهه جهڙن انسانن کي پنهنجي نسبت ۽ ناءُ ڏنو ۽ انهن ٽنهي شخصن هندوستان جي تاريخ ۾ لافاني حيثيت ورتي.

**مشهور ڍنڍون:**

منڇر
ڪٽياڻ (قاضي احمد جي ويجهو)
جتوئي (ملڪن)
سامتين, ڪلهوڙن جون, هيسباٽي پراٽو بڪار (سانگهڙ)
ڪينجهر, پراٽو راڄڙي مانجهند لڳ.
پراٽو هالن وارو, محرابپور چنڊ سڪرنڊ لڳ.
سڳيون, هاليجي, مزار پور ڍنڍ.
ڍنڍ سکپور.
ڍنڍ شڪارگاهه, وغيره.

**مشهور ٻيلا:**

ڪونداهه ٻيلو (سيوهڻ کان اوير ۾)
راڄڙي (ڪانوٽ کان)
لس ٻيلو (ڏوڪري اڳيان)
اڏيرو ٽيپاٿه شهر ۾ لڪي پرسان.
لاڪاٽ (سڪرنڊ سامهون)
ڪوٽ ٻاروچو (سن کان سامهون)
گڏيڙجي ٻيلو گڏڙجي ٻيلو وغيره.

Gul Hayat Institute

# قاهره (مصر) ۾ ٽريننگ ۽ مصر جو دورو

- سڄي ملڪ جو دورو ڪري 29 سيپٽمبر 2006 تي مصر جي گادي واري هنڌ قاهره پهتاسون. مصر جي حسن جي تعريف، قلوپطره، حسين شهزادين جو ملڪ، احرام مصر، فرعون، نيل درياهہ، اسڪندريہ، مسجد امام حسين عہ ۽ بين الاقوامي الاظهريونيورسٽي وغيره بابت تہ اڳ ۾ ئي ڪجهہ خبر هئي، پر انهن کي هاڻي ڏسڻ جو موقعو مليو. قاهره جي ايئرپورٽ کان نڪري منسٽري آف جسٽس جي طرفان آيل وفد سان ملاقات ٿي، جن اسان کي الفرعونہ هوٽل ۾ قيام ڪرايو. نيل ندي، قاهره جي وچ ۾ وهي رهي هئي. جو اتي لاڙڪاڻي جي رائيس ڪئنال ياد آئي. خوبصورت قاهره سٽي صاف سٿرو، ڪشادو ۽ سهڻو ٺهيل آهي. هتان جا مرد قداور، ٿلها ۽ سانورا پر عورتون حسين جميل لڳيون. هتي سياحن جي وڏي اچ وڃ آهي. سڄو يورپ هتي نظر اچي رهيو هيو. هتان جي آبهوا ڄامشوري واري محسوس ٿي. ماڻهن ۾ خوشحالي نظر آئي پر وڏا ڳالهر لڳا. اسان کي ڏسي پڇڻ لڳا انڊين. پر اسين کين پاڪستاني ٻڌايو جو ٻڌي هڪدم چوڻ لڳا پٽو پٽو، لاڙڪاڻو اسين کين جڏهن ها ڪئي تہ وڏي پيار سان مليا. ڀٽو صاحب جي شخصيت ۽ سندس مصر جي عوام سان



سهڪار جو پتو پيو. قاهره ۾ ڀٽي صاحب ۽ لاڙڪاڻي جي نالي ٻڌڻ سان وڏو فخر محسوس ٿيو. مصر ۾ قيام دوران قاهره کي خوب ڏٺوسين. ڪلب، پارڪ، ميوزم، هوٽل، ادارا، بازارون پسند آيون پر ماڻهو ڏاڍا چالاڪ ۽ زبان دراز ۽ تڪڙا ماڻهو لڳا.

- نيل جي ٻنهي ڪپن تي وڏيون وڏيون ڪلبون آفيسرن، وڪيلن، واپارين ۽ هر طبقي جي ماڻهن لاءِ مخصوص ٺهيل هيون. نيل درياهہ ۾ وڏا وڏا ٻيڙا خوبصورتي سان سجايل، جن ۾ ڪلبون، هوٽل هئا تن ۾ ميوزڪ جو اهتمام ٿيل هيو. ماڻهو شام کان دير رات تائين سير ڪري تفريح ڪندا آهن. شام جو وري جوڙا ٻانهن ۾ ٻانهن وجهي گهمندا نظر آيا. هتي ماڻهو نيل ۾ مڇي جو شڪار بہ ڪن ٿا. اسين بہ درياهہ نيل ۾ هڪ ٻيڙي تي ويهي تفريح ڪئي. وڪٽوريا بگين ۾ ويهي قاهره جو سير ڪيوسين، الاظهر يونيورسٽي،خانہ خليلي بازار ۽ مسجد امام حسين عہ ڏانهن وياسون. مسجد امام حسين عہ ۾ روحاني وڏو مزو آيو. الاظهر يونيورسٽي جو دورو ڪيوسين.

- بازار لاءِ اسان کي روڪيو ويو تہ اوڏانهن نہ وڃجي ڇاڪاڻ تہ اتي Pick Pocketing ٿئي ٿي، مگر اسان پنهنجي جوابداري تي وياسين هيءَ تمام سوڙهي بازار آهي جتي شاپنگ بہ ڪئي سون. هر شئي تي فرعون جا ڦوٽو نقش ٿيل هئا. هتان جا ماڻهو پاڻ کي فرعون مان سڏائڻ تي فخر محسوس ڪن ٿا. سندن مطلب هڪ شاهوڪار ۽ دنيا جي وڏي تهذيب يافتہ، حڪمران ۽ خوشحال قوم آهي. هو فخر محسوس ٿا ڪن تہ سندن بادشاهہ فرعون اڄ بہ موجود آهي.

اسين فرعون جي ميوزيم قاهره ۾ وياسين. يورپ جي مردن ۽ عورتن سان ٺمٽار هي ميوزم وڏي رنگيني پيش ڪري رهيو هيو. هن ميوزم جي ذري ذري کي خوب ڏٺوسيين. فرعون جي تهذيب، سندس استعمال هيٺ شين، رهڻي ڪهڻي جو مشاهدو ڪيوسين. سندس

Gul Hayat Institute

ممي کي ڏٺوسين. هڪ وڏي شيشي جي پيتي نما باڪس ۾ پيل بندري قد جو شخص جنهن جا ڪجهه وار نئيڙا نظر اچي رهيا هيا. سندس بانهن جو آپريشن ٿيل هيو ۽ پٽي ٻڌل هيس. ٻڌايو ويو ته هي فرعون بادشاهه آهي جنهن جو لاش سمنڊ/درياهه مان مليو هيو. مگر مختلف روايتون ٻڌڻ ۾ آيون. ڪي ان جي تصديق پيا ڪن ته ڪي وري شڪ پيا ظاهر ڪن. بحرحال اڪثريت جي ماڻهن ان کي فرعون سمجهن پيا. ايڏي وڏي رش ڏسي عجب ٿيو ته دنيا جا ماڻهو هن ممي کي ڏسڻ ۽ ميوزم ۾ اچن ٿا. مصر سياحت سبب دنيا ۾ مشهور آهي. هن ميوزم ۾ ڪيترائي ٽرانسليٽر مرد ۽ نوجوان ڇوڪريون هيون جيڪي گائيڊ طور پنهنجون خدمتون في وٺڻ سان انجام ڏئي رهيون هيون. هت گائيڊ مرد يا عورت ڪرڻ جو رواج آهي.

-جامع الاظهر ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي جيئن ته مان پاڪستان جي وفد جو گروپ ليڊر هيس ان ڪري هر تقريبات ۾ تقرير ڪرڻ جو موقعو مليو. مون تقرير دوران ائين به چيو ته الاظهر يونيورسٽي جا شاگرد خوشنصيب آهن! جو هو هن عظيم بين الاقوامي اداري مان تعليم حاصل ڪري ڊگريون وٺن ٿا. ڪاش مان به هن يونيورسٽي جو شاگرد هجان ها. منهنجي تقرير بعد الاظهر يونيورسٽي جي ناظم جواب ۾ اهو به چيو ته هو اڄ به الاظهر يونيورسٽي ۾ اعزازي داخلا ڏئي سگهن ٿا. هن منهنجي جذبات ۽ احساسات جو شڪريو ادا ڪيو.

- مسجد امام حسين ع بابت روايت هئي ته امام حسين ع جن جو مقدس سرمبارڪ نيزي تي هن جاءِ تي هڪ رات لاءِ رکيو ويو هيو. مگر اسان سان گڏ بين الاقوامي يونيورسٽي جا استاد هن روايت کي ڪمزور روايت چئي رهيا هئا. بحرحال امام حسين ع جي نسبت ڪري وڏو روحاني سڪون محسوس ٿيو.

- قاهره ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي سفير صاحب پاران اسان



پاڪستاني وفد جي اعزاز ۾ عاليشان دعوت هئي. پاڪستاني سفير پشاور جو هيو هن وڏي مرحبائي ڪئي. هي سفارتخانو هڪ عاليشان جڳهه ۾ هيو جيڪا جڳهه پرنس آغا خان پاڪستان حڪومت کي وقف ڪئي هئي.

- مصر جي اڳوڻي صدر جمال عبدالناصر جي پاڪستان سان دوستانه تعلقات، صدر انورالسادات ۽ صدر حسني مبارڪ جا پاڪستان سان دوستي ۽ گهرا ناتا هئا. انور سادات جو گهر ڏسڻ جو موقعو مليو. مصري مناڻ ڪائڻ، ڪهوه ۽ شيشا پيئڻ جا شوقين لڳا، چوڪ چوڪ، گهٽين، گلين ۾ ڪهوه جا اسٽال ۽ شيشه جون ڪيفي عام هيون. قاهره مان مصري وائل ورتم جيڪا اعليٰ قسم جي ڪپهه مان تيار ٿيل خالص هئي، جيڪا بهترين رنگن ۾ موجود هئي، مصرين جا لباس ۽ سبائي انگريزي ۽ عربي فيشن ۾ هئا تاهم ڪجهه جوڙا خريد ڪيم جيڪي هتي وري پنهنجي درزين کان ٺهرايا سون.

- هر روز ليڪچر منسٽري عدل ۽ انصاف ۾ ٿيندو هيو. هتان جي پراسيڪيوشن مضبوط هئي. هت فرينچ جڊيشل سسٽم رائج آهي. جسماني سزا کان وڌيڪ ڏنڊن وجهڻ جو تصور آهي، ان ڪري ماڻهو ڏنڊن کان بچڻ خاطر قانون جي احترام ۾ يقين ڪري رهيا هئا. جهيڙي جهڳڙي کان پري عوام امن پسنداڻه زندگي سفر ڪري رهيا هئا.

- مصر جي آخري الوداعي ڏينهن تي هڪ تقريب مصر جي سپريم ڪورٽ بلڊنگ ۾ ٿي. مصر جو چيف جسٽس عمر رسيده هيو. مصر جي سيني جج صاحبان عربي ۾ تقريرون ڪيون. اسان جي ٽرانسليٽر اردو ۾ ترجمو ڪيو. اسان جي ٽريننگ دوران ڪنهن به ليڪچرر انگريزي ۾ نه ڳالهايو. مگر جڏهن اسان کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا ته ان تي جج صاحبن جون صحيحون انگريزي ۾ ٿيل هيون. جو ڏسي عجب ٿيو ته مصر وارا عربي ۾ ڳالهائين ٿا ۽ آيل ماڻهن کي عربي

Gul Hayat Institute

سکڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا. هو انگريزي سمجهن ته پيا مگر ڳالهائين عربي ۾ پيا. ڪاش اسان جي ملڪ ۾ به پنهنجي زبان کي ٻين زبانن کان اهميت هجي. اسان جي زبانن اردو، سنڌي، پنجابي، بلوچي ۽ پشتو زبان کي به اهڙو اعزاز حاصل هئڻ گهرجي. ته جيئن ٻاهريان ماڻهو به اسانجي زبان سکن ۽ ڳالهائين.

- قاهره جي الفرعونه هوٽل جي جنهن ڪمري ۾ مان رهندو هيس. صبح جو نڪري ويندا هئاسون ۽ رات جو اچڻ ٿيندو هيو هميشه منهنجي بيڊ تي نانگ ۽ نانگڻ ٽوال سان ٺهيل وچ تي رکيل هوندا هئا. جو آءٌ اهو سمجهي نه سگهيس. هڪ دفعي مئنيجر کان نانگ ۽ نانگڻ بابت پڇيم....! جنهن چيو ته هيءَ مصر جي روايت آهي، خوش بختي ۽ سلامتي جو نشان آهي. جو فرعون جي حفاظت ڪرڻ ۾ نانگ ۽ نانگڻ جو ڪردار رهيو آهي.

- مون قاهره ۾ پنسار جي دڪانن ۾ جڙيون ٻوٽيون ۽ جواهرات جو جائزو ورتو. حڪمت ۽ يوناني دوائن جو استعمال هتي به عام هيو.

16 آڪٽوبر 2006ع تي قاهره کان سرڪاري وفد طور احرام ٻڌي عمره جي سعادت لاءِ روانه ٿياسون. مڪي جي سرزمين تي قدم رکي خانه ڪعبه ۾ پهتاسون جتي عمري جي سعادت ماڻي سون. پهريون دفعو الله تعاليٰ پنهنجي گهر جي زيارت ڪري، ايمان تازو ٿيو ۽ دل سان دعائون گهريون سين. آنحضور جي زيارت واسطي مدينه وياسين، اسان جي ڪوچ تيزيءَ سان صحرائي ريگستاني علائقي مان هلي رهي هئي، زبان تي درود و سلام پڙهندا منزل تي پهتاسون. اکيون مانديون گنبذ خضرا ۽ آنحضور جي ديدار ويهڻ نه پئي ڏنو. آخر حرم ۾ پهتاسون ۽ حضور جي زيارت نصيب ٿي. دل جا بار جهڪا ٿيا. مديني کي گهمي ڦري خوشي محسوس ٿي.



# زندگي

- الله تعاليٰ انسان کي جيڪا زندگي عطا ڪئي آهي، سا ڪنهن به مقصد کان خالي ڪو نه آهي. انساني زندگي جو ڪو نه ڪو مقصد آهي. جن ماڻهن ان جي حقيقت کي پرکيو ۽ پروڙيون آهي، اهي ڪامياب ۽ سرخرو ٿي ويا آهن. مگر جن ان جي مقصد کي ڪو نه ڄاتو سي ائين ئي رهجي ويا آهن. زندگي گذارڻ جا کي طريقا ۽ ڍنگ آهن. اچو ته ڏسون ته زندگي بابت ڏاهن جو ڪهڙو خيال آهي. هڪ شاعر جو خيال آهي ته

ہے زندگی کا نام مگر کیا ہے زندگی
تنہا تھی اور تنہا ہے زندگی۔

ابن عربي جو چوڻ آهي ته زندگي تحرڪ جو نالو آهي تحرڪ ئي انسان جي زندگي کي وڌائي ٿو ۽ بگاڙي ٿو.

- زندگي بابت ڪن جو خيال آهي ته، زندگي کي گذارڻ لاءِ

گاتے چلو، مسکراتے چلو،
زندگی کے سفر میں مسکرائے چلو۔

- عام طرح اهو چيو ويندو آهي ته زندگي اها آهي، جيڪا ٻي جي ڪم اچي.

Gul Hayat Institute

- فقيرن ۽ درويشن جو خيال آهي ته زندگی بے بندگی، شرمندگی۔

- گوتم ٻڌ کان پڇيو ويو انسان ۽ جانور ۾ ڪهڙو فرق آهي. هن جواب ڏنو جيڪو پاڻ لاءِ جيئي ٿو اهو جانور آهي پر جيڪو ٻين لاءِ جيئي ٿو اهو انسان آهي.

- انسان پنهنجي زندگي ۾ پنهنجي ۽ پنهنجي اهل عيال لاءِ ته سڀ ڪجھ ڪري ٿو مگر اهو زندگي جو ڪمال آهي ته انسان پاڻ سان گڏ ٻي جي زندگيءَ جي لاءِ به سوچي. زندگي گذارڻ تمام اوکو ڪم آهي. ڪي ماڻهو پنهنجي زندگي کي زهر ڪري وجھندا آهن، جنهن ڪري ٻين جي زندگين کي به تباهه ۽ برباد ڪرڻ ۾ دير ڪو نه ٿا ڪن. اهڙا ماڻهو سخت مزاج ۽ سوڙهن خيالن وارا هوندا آهن. جيڪي نه پاڻ کي سهن ۽ ٻين کي سهن. سياڻن چيو آهي ته.

"ننڍي سوچ ۽ پير جي موچ انسان کي اڳتي وڌڻ نه ڏيندي آهي."

-خود جیئو اور دوسروں کو جینے دو واري عمل تي جيڪڏهن انسان گامزن رهي ته هوند هي زندگي زندهه جاويد ٿي پوي.

یہ یہی ہے عبادت یہی دین ایمان،
کہ آئے کام دنیا میں انسان کے انسان۔

- هڪ مفڪر جو خيال آهي ته زندگي روشني ۽ ڪچهري جو نالو آهي.

- منهنجي خيال مطابق پنهنجي زندگي کي آسان ڪرڻ خاطر زندهه دلي جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي پنهنجي خوشين سان گڏ ٻين جي خوشين کي به دوبالا ڪرڻ گهرجي. زندگي کي کلندي مسڪرائيندي ٻين جي ڪم ايندي گذارڻ گهرجي ته جيئن چئي سگهجي ته زندگيءَ ۾ ڪجھ نه ڪجھ ڪري سگهياسين.



مانا کہ اس جہاں کو گلشن نہ بنا سکے،
کانٹے تو ہٹادیئے گذرے تھے جدھر سے ہم۔

- حضرت علي ع جو قول آهي ته دولت، طاقت ۽ اقتدار ملڻ سان انسان ۾ ڪا تبديلي نٿي اچي پر هو انهن شين جي حاصل ڪرڻ سان بي نقاب ٿي پوي ٿو.

- ارسطو چيو هيو ته زندگي حوصلي ۽ مردانگيءَ جو نالو آهي سندس قول آهي ته

"یہ کوئی بڑی بات نہیں کہ انسان زندگی کے سفر میں کبھی گرا نہیں، لیکن مردانگی اس بات میں ہے کہ انسان گر کر بھی حوصلا سنبھالے۔"

(نوٽ: 1993 ۾ لکيل)

Gul Hayat Institute

# افسانو (ياد)

جڏهن توکان دل مايوس ٿي توتي افسانو لکڻ شروع ڪيم
ڪجھ لکڻ بعد پين کي ٽوٽيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيم.
سال گذري ويا، مون سمجهيو هيو تہ هاڻي ان جي مس بہ سڪي وئي هوندي، تنهنجو ڏنل اهو گل جيڪو مون تنهنجي اڌ افساني ۾ رکي ڇڏيو، سمجهيو هيم تہ اهو بہ هاڻي سڪي سڙي ويو هوندو.مگر توکي جڏهن ڏسندو آهيان منهنجي من ۾ وري مستيءَ جون لهرون اڀرنديون آهن. اڄ جڏهن ڳالهايو اٿئي تہ اها ياد تازي ٿي آهي. سالن کان رکيل پين کي کولي ڏٺم ان ۾ مس اڃا بہ تازي هئي. افساني ۾ پيل تنهنجو گل سڪل هيو مگر ان ۾ تنهنجي تصوير اڪريل هئي. منهنجي پين رواني سان تنهنجي افساني تي لکندي رهي ۽ هٿ ٿڪجي پيا. هي افسانو الائي جي ڪڏهن ختم ٿيندو، مون کي هاڻي تہ ڪورٽ بہ وڃڻو آهي. تنهنجي ياد ائين چو ٿي ستائي. پنهنجون يادون مون کان موٽائي وٺ! (نوٽ: 1991 ۾ لکيل)



# ملھ فقير يا سينڌو

- مون اڳيان ڪيس جي پيروي دوران هڪ جوابدار ڏکن جي ڪيس ۾ پيش ٿيو. مون کي ان جو ڪيس پڪو ڪري هلائڻو هيو. سندس وڪيل بہ ڪورٽ ۾ موجود هيو. ٻئي پاسي کان فريادي بہ موجود هيو جيڪو هر حاضري تي پنهنجي وڪيل سان ايندو هيو ۽ هر دفعي اچي جوابدار جي دانهن ڪندو هيو تہ هي ظالم آهي. هن کي سزا ڏيو. هن مون کي لٺيون هڻي زخمي ڪيو آهي. مون ڪيس ڇيو تہ ڪيس پڪي ڪرڻ بعد توکي گهرائي ڪيس هلائيندس. آخر مون هڪ تاريخ تي جوابدار کي ڪٺهڙي ۾ گهرائي ڪيس سندس مٿان لڳايل الزامن جي چارج پڙهي ٻڌائي، جنهن تي فريادي هڪدم مداخلت ڪندي چيو سائين بلڪل سچ آهي، سورنهن آنہ سچ آهي. مون ڪيس روڪيو تہ بابا هي پڇا مونکي جوابدار کان ڪرڻي آهي، تون تہ خاموش ٿيءُ. جوابدار چارج کي غلط قرار ڏيندي ڏوھ قبول نہ ڪيو ۽ ڪيس هلائڻ لاءِ چيو. مون کي فريادي چيو سائين ڏسو هي جوابدار ڪيڏو نہ پهلوان آهي. جوابدار ٿلهو متارو، ڊگهو ڪاري رنگ جو هيو سندس ڏورا ۽ باڊي مضبوط هئا. هن چيو تہ سائين آءٌ هڪ فقير صوفي ملھ آهيان، مان ڇا ڄاڻان، لٺيون هڻڻ ۾! فريادي منهنجو سهرو آهي. هن منهنجي زال کي پنهنجي گهر ۾ روڪي ڇڏيو آهي، مون ڪيس منٿون ڪيون تہ مون کي زال جي موڪل ڏي. هن ڪراڙي

Gul Hayat Institute

مون کي لٺيون هڻيون آهن ۽ وڙهندي وڙهندي پاڻ فرش تان ترڪي پيو آهي جو ڪيس پنهنجو ئي ڏک لڳو آهي. فريادي مون کي مخاطب ٿيندي چيو تہ سائين ڏسو هي پاڻ کي ملهہ چوي ٿو. سائين هن مون کي لٺيون هڻيون هونديون يا مون کيس لٺيون هڻيون آهن! بس فيصلو هاڻي ئي ڪر. مون سوچيو تہ هڪ ئي وقت ملهہ جو ٻہ معنائون سامهون آيون آهن. فريادي جي نظر ۾ ملهہ معنيٰ سيندو ويڙهاڪ ۽ ڏاڍو ماڻهو. مگر جوابدار جي نظر ۾ ملهہ معنيٰ فقير، صوفي يا سنت. انگريزي قانون ۾ جي جوابدار الزامن کي غلط چئي ٿو ۽ ڏوهہ نٿو مڃي تہ پوءِ ڪيس هلڻو آهي. جڏهن وڃي ثابت ٿئي، مون فريادي کي ڪيس مڪمل ڪرڻ تائين صبر جي تلقين ڪئي. مگر هو آهہ پريندو مروج قانون کي پاراتا ڏيندو ڪورٽ مان نڪري ويو تہ پلا ڪورٽ مون کي لڳل لٺين جو پلئو ڪڏهن وٺي ڏيندي.

(نوٽ: 1996 ۾ لکيل)



# پيار جو پرڙو

ـ هڪ دفعي صبح سان ئي ڪورٽ ۾ معصوم ٻار جي روئڻ جو آواز اچي رهيو هيو. هڪ ٻار پنهنجي نوجوان ماءُ ۽ نوجوان پيءُ سان ڪورٽ ۾ حاضري تي آيل هئا. جو هر شنوائي تي ايندا هئا. سندس ماءُ ٻار جي کير جو فيڊر ۽ ضروري شيون بہ شاپر ۾ آڻي ڪورٽ جي بينچ تي ويهي رهندي هئي ۽ ننڍڙيءَ جي رڙين جو آواز بہ ايندو هيو. آءُ هميشہ ان ڪيس کي اڳ ۾ ڪڍندو هيس تہ جيئن ڪين جلد فارغ ڪري ڇڏجي. پر اڄ هو ٻار تمام گهڻو روئي رهيو هيو. هي زنا جو ڪيس هيو. جيڪو هڪ ڪراڙي پيءُ پنهنجي ڌيءَ جيڪا ان ننڍڙي جي ماءُ هئي ۽ سندس پيءُ تي داخل ڪيو هيو. هن جوان جوڙي پيار جو پرڻو ڪيو هيو. جنهن مان هو ٻار ڄائو هيو. جنهن اڪ ڪولڻ سان ئي ڪورٽ جو منهن ڏٺو. هن کي تہ خبر ڪو نہ هئي تہ سندن پيءُ ماءُ پيار جو پرڻو ڪري ڪيس رلائي ۽ دربدر ڪندا. مون ريڊر کي چيو تہ هيءَ عورت ٻار کي پنهنجي گهر چو نہ ٿي ڇڏي اچي. هن چيو تہ سائين ان ڪري جو هوا ڪيلا رهن ٿا. ٻنهي ڌرين جا والدين ان رشتي تي راضي نہ آهن. ان ڪري ڇوڪريءَ جي پيءُ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي پيءُ ڇوڪري کي لاتعلق ڪيو آهي. هاڻي هو پنهنجي زندگي دربدر گذارين ٿا. ڪيس ۾ هر تاريخ تي جوابدارن سان گڏ ڪراڙو فريادي بہ ايندو هيو. جيڪو هميشہ وڏيڪ ڳالهائي چوندو هيو تہ

Gul Hayat Institute

سائين هيءُ زنا جو سچو ڪيس اٿئي، مون سان انصاف ڪجانءِ! آءٌ ڪيس هڪ دفعو سڏ ڪري پرسان بيهاريو ۽ چيو تہ بابا! تنهنجي ڌيءَ تہ جوابدار سان پنهنجي پنهنجي مرضيءَ مطابق شادي ڪئي آهي. بهتر ٿيندو اوهين پاڻ ۾ معاملو طئي ڪريو. ان تي سندس جوابدار ڌيءَ وچ ۾ مداخلت ڪندي چيو تہ سائين منهنجو پيءُ وڏو ظالم ماڻهو آهي، هي منهنجو هاڻي پيءُ نہ آهي.

– مون کي اختيار آهي، آءٌ پنهنجي مرضيءَ سان شادي ڪريان ۽ پنهنجي مستقبل لاءِ سوچيان. مون کي جوابدار نہ ڀڄايو آهي ۽ نہ لالچايو آهي، اسين پنهنجي خواهش مطابق شادي ڪئي آهي جيڪو منهنجو قانوني حق آهي. ان تي ڪراڙي رڙيون ڪندي چيو تہ، سائين هي زنا آهي. مون پنهنجي ڌيءَ کي اجازت نہ ڏني هئي. مون ڪيس ڄڻي پالي وڏو ڪيو ۽ هن وڃي هن جوابدار سان شادي ڪئي، ڇا قانون والدين سان انصاف نٿو ڪري! ڀلا پيءُ جي رضامندي شاديءَ لاءِ ڇو ضروري آهي!

– مون جوابدار کان معلوم ڪيو. هن چيو سائين اسين پنهنجي مرضيءَ سان شادي ڪئي آهي. هاڻي اسان کي فريادي پريشان ڪري رهيو آهي. ننڍڙي معصوم جي رڙين بہ مون کان انصاف جي تقاضا پئي ڪئي. مون سوچيو اسان جو معاشرو اڃان ترقي جي راهہ تي ئي ڪو نہ پهتو آهي، اسان جا ذهن اڄ بہ پراڻين رسمن، رواجن ۾ جڪڙيل آهن. اسين پڙهيل تہ آهيون مگر پنهنجي زندگيءَ کي وقت جي ضرورتن ۽ گهرجن موجب ڪو نہ ٿا هلايون. ان ڪري پاڻ ۾ پنهنجي اولاد لاءِ مسئلا پيدا ڪريون ٿا. يورپ ڪافي عرصو اڳ معاشري کي آزاد بڻائي ڇڏيو آهي. تهذيب يافتہ، سڏيا وڃن ٿا ۽ اسين انهن ڳالهين کي سمجهيو بہ ديوار ٻڌجون ٿا. جنهنڪري معاشري ۾ وڏا مسئلا ٿي



پون ٿا. مون ڪيس جي هر پهلو جوابدارن جي سزا يا آزاديءَ ٻار جي مستقبل تہ هو حلالي اولاد آهي يا حرامي اولاد سڏبو. فريادي ڪيس هلائڻ لاءِ بضد هو. هو هر بحث ۽ دليل کي رد ڪري رهيو هو. آخر ڪيس پنهنجي منزل پوري ڪئي. سوال آهي تہ ڇا هڪ عاقل، بالغ ۽ پڙهيل عورت هڪ ٻار جي ماءُ جنهن پنهنجي نفعي نقصان کي سمجهندي جوابدار سان نڪاح ڪري شادي ڪئي آهي ڇا اهو سندس حق نہ آهي؟ ۽ ڇا پيءُ کان شادي جي اجازت نہ وٺڻ ڪري سندس ڌيءُ، پيءُ، ڏوهتي ۽ نياڻي جو رشتو نہ رهيو؟ عورت، جوابدار کي پنهنجو حقي مڙس ڪيو آهي. رڪارڊ تي ان کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. مذهب، قانون، معاشرو ۽ اخلاق عورت کي مرضي جي شادي جي اجازت ڏئي ٿو. مگر والد جي مرضي جنهن بغير شادي رسمن غلط سمجهي وڃي ٿي. هي پيءُ، ان جي مرضيءَ جي تشريح ڪرائڻ گهري ٿو. مگر قانون ۾ سندس رضامندي ائين آهي. جيئن ڪير ۾ ڪنڊ، جي هو راضي نہ آهي تہ هي شادي غير قانوني بہ نہ آهي. مون عورت جي حق ۾ فتويٰ ڏئي ٻنهي جوابدارن کي آزاد ڪيو. مون ڏٺو هو خوش ٿيندا. ڪورٽ مان هليا ويا. مگر فريادي سونڌ پائي ڏسندو رهيو تہ هو اپيل ڪندو ۽ جوابدارن کي نہ ڇڏيندو. مون سوچيو معاشري جا هي ننگاوتي مسئلا اڳ تہ اسان جا بزرگ پنچائتن ۾ حل ڪندا هئا، مگر هاڻي ڪورٽن ۾ اچن ٿا. اسان جي عقابرن ۽ انسان دوستن کي اڳتي وڌي هن مسئلن کي حل ڪرڻ گهرجي نہ تہ اسان جون ڪورٽون صرف انهن مسئلن سان ڀرجي وينديون.

(نوٽ: 2001 ۾ لکيل)

Gul Hayat Institute

# پناهه ڏني وڃي

– صبح سان ڪورٽ ۾ ڪيسن ٻڌي رهيو هيم جو ريڊر هڪ نئون ڪيس ڪڍي آيو. چيائين سائين هڪ نوجوان عورت ٻن ننڍڙن نياڻين سان دانهون ڪري رهي آهي ته هو سر بچائي گهر کان ٻاهر نڪري آئي آهي، ڪيس پناهه گهرجي. مون ٻين ڪيسن کي روڪي ان عورت کي ڪورٽ ۾ گهرايو. مون ڏٺو ته هڪ نوجوان ٻهراڙي جي عورت پگهر ۾ شل، پيرين اگهاڙي وار ڪليل ۽ رئو لٽل. ٻن معصوم نياڻي هڪ کي ڪلهي تي ۽ ٻي کي ٻانهن تي کڻي دانهون ڪندي ڪورٽ ۾ گهڙي. ڪورٽ ۽ وراندو ماڻهن سان ڀرپور هيو. مون ڪائنس پڇيو تون ڪير آهين. ۽ ڇا ڳالهه آهي. هن ٻڌايو ته سندن ڀائرن ڪيس ڪارنهن جو الزام هڻي مارڻ پي گهريو جو هو سر بچائي ڪورٽ ۾ آئي آهي، ڪيس تحفظ گهرجي. مون ڪيس ڪورٽ ۾ ويهاريو ۽ پوليس جو بندوبست ڪري ضروري ڪارروائي بعد دارالامان موڪليو. ڪجهه ڏينهن بعد سندس درخواست ملي ته هو پنهنجي ٻي ڀاءُ وٽ وڃڻ گهري ٿي. جون مون ڪيس گهرايو ۽ معلوم ڪيو. هن منٿون ڪيون ته ڪيس دارالامان مان ڪڍي ڀاءُ حوالي ڪيو وڃي. مون سندس منشا مطابق سندس ڀاءُ کان ضامن وٺي آزاد ڪيو. مون سوچيو اسان جو معاشرو ڪيترو نه ظالم آهي، جنهن جو بنياد ئي شڪ تي ٻڌل آهي. اسان جي اتر سنڌ ۾ هر سال شڪ جي بنياد تي ڪيتريون ئي عورتون ۽ مرد بيگناهه قتل ڪيا وڃن ٿا. ان شڪ جي



بنياد تي غلط فيصلا ٿين ٿا. هن معاشري ۾ سيٺ کي نوڪر تي اعتبار نه آهي ته هو سندس ڪم ٺيڪ نٿو ڪري ۽ چور آهي. پوليس کي ماڻهن تي شڪ آهي ته هو بيگاهه وقت تي ڏوهه ڪرڻ جي ارادي سان نڪتل آهن. آفيسر کي پنهنجي اسٽاف تي شڪ آهي ته هو رشوت وٺن ٿا. استادن کي شاگردن تي شڪ آهي ته هو محنت نٿا ڪن ۽ ڪاپي ڪري پاس ٿين ٿا. والدين کي اولاد تي، ۽ وري اولاد کي والدين تي شڪ ۽ شبها آهن ته ساڻن انصاف نٿا ڪن. انهن شڪن تي معصوم رشتن جو قتل ڪيو وڃي ٿو. شڪ بري بلا آ هي، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته شڪ جو علاج لقمان حڪيم وٽ به ڪو نه آهي.

– مون هن نوجوان عورت کي سندس مرضي مطابق رهڻ جي آزادي ۽ تحفظ جو ضامن وٺي آزاد ڪري سڪون حاصل ڪيو مگر ڪجهه ڏينهن بعد منهنجو هڪ ڪلارڪ اخبار کڻي چيمبر ۾ آيو ته سائين ان ساڳي عورت کي سندس ڀاءُ ڏيئرن سميت قتل ڪري ڇڏيو. مون کي هن دردناڪ خبر تي افسوس ٿيو ته هڪ ڀاءُ پنهنجي معصوم ڀيڻ جو بيگناهه خون ڪري خوشي محسوس ڪئي. هن ساڻس ناانصافي ڪئي ۽ ٿي خون ڪري نعرا هڻي فرار ٿي ويو. پنهنجي غيرت ۽ عزت وڌائي. سنڌ ۾ ذهني تبديلي الائي ڪڏهن ايندي ۽ ڪير آڻيندو! هت شڪ سچ ۽ حقيقت آهي. چڱا، ڀلا، متعبر ۽ معزز اڄ به شڪن ۾ مبتلا آهن. ڪير آهي جيڪو اڳتي وڌي ان کي روڪي!

(نوٽ: 2005 ۾ لکيل)

– **قائد عوام جي شهادت**:مون پنهنجي زندگيءَ ۾ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي عروج ۽ زوال کي ويجهڙائيءَ سان ڏٺو آهي. ذوالفقار علي ڀٽو سر شاهنواز جو فرزند يورپ مان اعليٰ تعليم

Gul Hayat Institute

حاصل ڪري جواني جي زندگي ۾ سنڌ ۾ اچي وڪالت شروع ڪئي. قانون جي استاد جي حيثيت سان پڻ ليڪچرر ڏنا. جوانيءَ ۾ ايوب خان جي حڪومت ۾ وفاقي وزير ۽ وزير خارجه رهيا. ايوب خان جي آمريت خلاف بهادري ۽ دليري سان سياست جو آغاز ڪيائون. پاڪستان پيپلزپارٽي جو بنياد وڌو ۽ ان جا باني چيئرمين چونڊيا. هڪ جاگيردار، خاندان سان تعلق رکندي جاگيرداري خلاف جدوجهد ڪئي. عوامي جدوجهد عوامي جاڳرتا، عوامي انقلابي آڻي عام ماڻهوءَ جي حيثيت کي اڀاريو ۽ کين پنهنجن حقن جي حصول لاءِ شعور پيدا ڪيو. ملڪ جي سيني صوبن جي شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ وڃي فوجي آمريت جمهوريت لاءِ آگاهي ڏني. سنڌن عظيم قيادت، صلاحيت ۽ سياسي حڪمت عملي ڪري کين قائد عوام، فخر ايشيا ۽ باباءِ جمهوريت جهڙن عوامي انقلابي خطابن سان نوازيو ويو. ڀٽي صاحب جي غريبن لاءِ جدوجهد **"روٹی، کپڑا اور مکان"** جي نعري عوام ۾ نئين اميد پيدا ڪئي. عوامي مقبوليت ۽ عوامي ليڊر هئڻ جي ناتي ايوب خان کي سر تسليم خم ڪرڻو پيو. ملڪ جو هي پهريون سويلين ليڊر فوج جو چيف مارشلا ايڊمنسٽريٽر مقرر ٿيو. اليڪشن ۾ ڪاميابي ۽ عوامي تعاون سان ملڪ جو وزيراعظم بڻيو. سندس عوامي فلاحي پاليسين ڪري پاڪستان کي دنيا ۾ هڪ جمهوري ملڪ طرح سڃاڻپ ٿي. هي دنيا جي وڏن رهبرن ۾ ليکيو ويو. پاڪستاني فوجين کي باعزت طرح انڊيا جي قيد مان آزاد ڪرايو. انڊيا سان طاس معاهدو ۽ ٻيا ڪيترائي اهم معاهدا خارجا پاليسي ۽ تجارتي ترقي وٺرائي. مسلمان ملڪن کي متحد ڪيو سندس وڌندڙ مقبوليت ۽ بين القوامي مڃتا کي ڏسندي هڪ بين القوامي سازش تحت سندن نامزد ڪيل فوجي جنرل ضياءَ الحق هٿان، ڪورٽ

Gul Hayat Institute



معرفت ڪيس ڦاسي ڏياري وئي.

الله تعاليٰ ڪنهن مظلوم جو خون رائيگان نٿو ڪري. بل آخر جنرل ضياءَ الحق ۽ ڦاسي ڏيندڙ ججن جو برو انجام ٿيو. ضياءَ الحق جو هڏو به نه بچيو سڙي خاڪ ٿي ويو ججن تسليم ڪيو ته ڀٽي جو عدالتي قتل ڪيو ويو. وڏي جج جي لاش تي ماکيءَ جي مکن جو حملو ٿيو ۽ تاريخ ثابت ڪري ڏيکاريو ته ذوالفقار علي ڀٽو بي قصور، مظلوم ۽ شهيد هيو. مون کي مشاهدو ٿيو ته خون ۽ ڪستوري لڪي نٿا سگهن. عظيم ذوالفقار علي ڀٽو اڄ به زنده آهي ۽ زنده رهندو.

# لاڙڪاڻي جي ترقيءَ ۾ شهدادڪوٽ جو حصو

– شهدادڪوٽ، لاڙڪاڻي ڊويزن جو سرحدي علائقو آهي، شهدادڪوٽ کان اولهه طرف کيرٿر جبلن جي گود ۾ واقع هي خوبصورت تعلقو لاڙڪاڻي ڊويزن جي ٻين تعلقن کان وڌيڪ اهميت جو حامل آهي، لاڙڪاڻي تعلقي کان بعد ٻي نمبر تي اهم تجارتي، ڪاروباري، صنعتي ۽ زرعي علائقو آهي. هي سنڌ صوبي جي اولهه طرف کان آخري چيڙو آهي جيڪو هڪ پل جي حيثيت سان صوبي سنڌ ۽ صوبي بلوچستان کي ملائي ٿو. صوبي بلوچستان جي عوام جو رابطو ۽ بلوچستان سان ڪاروبار شهدادڪوٽ کان ٿيندو رهي ٿو. لاڙڪاڻي جي معيشت ۽ ترقي جو دارومدار شهدادڪوٽ تي ٻه منحصر آهي.

– شهدادڪوٽ سنڌ ۽ بلوچستان جي گڏيل تهذيب ۽ ثقافت جو گهوارو آهي، هتي سنڌي بلوچي، بروهي ۽ سرائيڪي زبانون ڳالهايون ۽ سمجهيون وڃن ٿيون.، ان ڪري لاڙڪاڻي ڊويزن کي گهڻ ڳالهائيندڙ زبانن جي ڊويزن سمجهيو ۽ شمار ڪيو وڃي ٿو.

– شهدادڪوٽ جي زمين نرم ۽ وارياسي آهي. سال 1933ع کان اڳ هتان جي زراعت جو دارومدار ڪور ڏاتو تي هيو جيڪو لاڙڪاڻي جي گهاڙ واهه کان نڪتل هڪ وڏو واهه هيو. ڪور ڏاتو هتان جي



مقامي باشندي، بزرگ حضرت ميان ڏاتو خان کهاوڙ جي هڪ وڏي انقلابي اسڪيم هئي، جنهن جي ڪوٽجڻ سان شهدادڪوٽ ۾ وڏو زرعي انقلاب آيو ۽ هتان جو علائقو سرسبز ۽ شاداب ٿي پيو. ميان ڏاتو خان شهدادڪوٽ جو معمار هيو ان ڪري ضلعي جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي کي اناج جي لحاظ کان زبردست آمدني ٿيندي رهي. شهدادڪوٽ اناج جي ڪاروبار جي لحاظ کان اڄ ٻه سنڌ جي ٻيو نمبر زرعي منڊي آهي، هن علائقي ۾ سندس آسپاس کان وڏو اناج اپجي ٿو جنهن ۾ ڪڻڪ، چانور، سرنهن، جوئر، تر وغيره قابل ذڪر آهن. شهدادڪوٽ ۾ هن وقت سارين ڇڙڻ جا 100 کن جديد شيلر پلانٽ موجود آهن، جن مان لکين ٽن چانور پوري سنڌ ۾ وکرو ڪيا وڃن ٿا. علاوه لکين ٽن ڪڻڪ جي آبادي ٿئي ٿي جيڪو لاڙڪاڻي جي خود ڪفالت ۽ ترقيءَ جو وڏو ثبوت آهي، ان ڪانسواءِ ڪثيرالمقدار جنسون سرنهن ۽ ٻيا تيلي ٻج وڪرو ٿين ٿا. شهدادڪوٽ تعلقو مجموعي طرح لاڙڪاڻي ضلعي کي هر سال 30 لک روپيه ڍل ادا ڪري ٿو جنهن سان سنڌ جي آمدنيءَ ۾ زبردست اضافو ٿئي ٿو. شهدادڪوٽ مان لاڙڪاڻي کي هر سال عشر ۽ زڪوات مان تقريبن 5 لک روپيه وصول ٿين ٿا، هتان جي عشر زڪوات جو چيئرمين حاجي منظور احمد خان ڪوکر آهن جيڪي دلچسپي سان ڪم ڪري رهيا آهن.

– شهدادڪوٽ ۾ مارڪيٽ ڪاميٽي جي اي گريڊ ڪاميٽي آهي جنهن کي لکين روپيه هر سال بچت ٿئي ٿي. شهدادڪوٽ، لاڙڪاڻي جو اهم صنعتي شهر آهي. هتان واپڊا کي هر سال لکين رپيه وصولي ٿئي ٿي. هن وقت جڏهن آئون هيءُ مضمون لکي رهيو آهيان واپڊا جو ايس ڊي او مسٽر نذير احمد سومرو آهي جيڪو وڏي

Gul Hayat Institute

منظم طريقي واپڊا جي وصولي جي نگراني ڪري رهيو آهي.

ـ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ شهدادڪوٽ جي ميونسپل ڪاميٽي هڪ پراڻي ميونسپل ڪاميٽي آهي، جنهن کي سال 95ـ1994ع دوران لک روپيه آمدني ٿي، هن ميونسپل ڪاميٽي جو ايڊمنسٽريٽر جناب خادم حسين خان لانگاهه صاحب آهن جن جي ڪاوشن سان شهر ۾ صفائي، روشنيءَ ۽ ٻيو ترقياتي ڪم ٿي رهيو آهي.

ـ لاڙڪاڻي جي صنعتي ميدان ۾ شهدادڪوٽ جو وڏو حصو آهي. هت شهدادڪوٽ ٽيڪسٽائل ملز (پ) لميٽيڊ جيڪو PIDC جو هڪ عظيم ڪپڙي جو ڪارخانو آهي. سال 1981ع کان شهدادڪوٽ ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. هن ڪپڙي جي صنعت کي قائد عوام جناب ذوالفقار علي ڀٽو صاحب اڳوڻو وزيراعظم پاڪستان جي هدايتن تحت لڳايو ويو هيو. اهي ايشيا جي جديد ترين ڪارخانن مان هڪ آهي جيڪو خاص ڪپهه کي ڌاڳي ۾ بدلائي مڪمل رنگائي ۽ ڇپائي سان آٽوميٽڪ طور طريقي سان ڪپڙو تيار ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. هن مان جهلڪ لان ۽ ٻيو پوليسٽر وارو ڪپڙو تيار ڪيو ويو آهي، جنهن پاڪستان جي پارچاجات ۾ وڏو انقلاب برپا ڪيو. هي ڪارخانو ڪجهه وقت بند رهيو، مگر ٻيهر قائد جمهوريت محترم بينظير ڀٽو صاحبه وزيراعظم پاڪستان ۽ ايم پي اي شهدادڪوٽ جي حڪم تي ٻيهر هلايو ويو آهي، جنهن ڪري هتان جي بيروزگار پورهيت عوام ٻيهر روزگار فراهم ڪيو ويو آهي. هن مل مان في الحال اعليٰ قسم جو ڌاڳو تيار ڪيو وڃي ٿو جيڪو پاڪستان جي مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿئي ٿو. هن مل ۾ 25 هزار اسپنڊل آهن هتي ويس ڪوس ۽ پوليسٽر جو ريشمي ڌاڳو 65 ۽ 36 ڪائونٽ ڪمپيوٽرائيزڊ طريقي سان تيار ڪيو وڃي ٿو. هن وقت هن مل ۾ 660



ملازم ڪم ڪري رهيا آهن ۽ سندس ڪپڙي ناهڻ ۽ رنگائي وارا شعبا بند آهن.

ـ زراعت خاطر هت سيف الله مگسي ڪئنال عوامي حڪومت جو هڪ انقلابي ۽ يادگار قدم آهي، هي ڪئنال ڪيرٿر برانچ جي گڙنگ ريگيوليٽر جيڪو سنڌ ۽ بلوچستان جي بارڊر کان نڪري ٿو ان جي ڊيگهه 42 ميل آهي. هي ڪئنال سال 1974ع کان وهڻ شروع ٿيو جيڪو هتان جي 5 لک ايڪڙ زمين کي آباد ڪري ٿو. هي ڪئنال قائد عوام جناب ذوالفقار علي ڀٽو وزيراعظم پاڪستان جي هدايت تي منظور ڪيو ويو هيو. سال 1994ع ۾ محترم بينظير ڀٽو صاحبه وزيراعظم پاڪستان هن ڪئنال کي ٻيڻو ڪيو آهي ۽ سندس 15 Remolding ڪروڙ رپين سان ڪرائي هتان جي وڏيڪ لکين ايڪڙ بنجر ۽ غير آباد زمين کي قابل ڪاشت بڻايو آهي، جنهن سان لاڙڪاڻي جي زراعت تي اثر ٿيندو ۽ هتان جا آبادگار وڌيڪ سکي ۽ خوشحال ٿيندا ۽ ملڪ کي اناج ۾ خودڪفيل بڻايو ويندو. هن ڪئنال جو افتتاح اڳوڻي وزيراعليٰ سنڌ جناب غلام مصطفيٰ جتوئي صاحب ڪرڻ فرمايو. هن ڪئنال جو نالو شهيد نواب سيف الله خان مگسي، ايم پي اي شهدادڪوٽ ۽ والد جناب ذوالفقار علي مگسي، وزيراعليٰ بلوچستان، جناب مير نادر علي خان مگسي وزير بلديات سنڌ، سينيٽر عامر علي مگسي، سينيٽر طارق علي مگسي ۽ مير خالد احمد خان مگسي جي نالي منسوب ڪيو ويو. لاڙڪاڻي ضلعي ۽ صوبي سنڌ جي عوام کي ملڪي ۽ بين الاقوامي سطح تي ملائڻ خاطر بينظير ايڪسپريس وي Benazir Express Way جي ڪروڙن رپين جي اسڪيم بين الاقوامي شاهراه تي تيزيءَ سان ڪم جاري آهي. هي شاهراه اسلام آباد، راولپنڊي کان هلي ٿي

جيڪا شهدادڪوٽ کان وايا خضدار ۽ پسني گوادار بندر سان ملي ٿي جتان سامونڊي رستي ذريعي ايراني نار Persian Gulf، وسطي ايشيا جي تازو روس کان آزاد ڪرايل رياستن سان ملائي يورپ ۽ آفريڪا کنڊ سان وڃي ملي ٿي. اهڙيءَ طرح لاڙڪاڻي کي شهدادڪوٽ ذريعي دنيا سان ملايو ويو آهي جيڪو هن عوامي حڪومت جو تاريخي قدم آهي ۽ ان سان سفر جي وڏي سهولت ملي ٿي. علاوه شهدادڪوٽ کان وايا غير ملڪي ايئر لائينز جا جهاز دنيا ڏانهن ايندا ويندا رهن ٿا.

_ شهدادڪوٽ جي زمينن کي آباد ڪرڻ خاطر هتان سيف الله مگسي ڪئنال وهي ٿو ۽ پڻ کيرٿر برانچ، شهدادڪوٽ برانچ، بيگاري ڪئنال، عيدن واهه، نورپور شاخ، گل شاهه شاخ، سونهارو شيخ، مستوئي شاخ، سنجر مائينر، لغاري مائينر، مقصودو مائينر، ڪور ٻيڙو پتوجا شاخ، قبو شاخ، ڍوري شاخ، شهبيگ شاخ، گنداخا ليف ۽ رائيٽ، چونڪي مائينر وغيره جون ٽيلون آهن. جنهن ڪري پاڻيءَ جي اڻاٺ آهي تاهم سيف الله جي ريمانڊلنگ ڪري هي تڪليف دور ٿيندي ۽ آبادگارن کي وڏيڪ فائدو رسندو. ضلعي لاڙڪاڻي جي تاريخي ۽ قديمي ماڳ مڪانن مان شهدادڪوٽ جي سيني تي اهم تاريخي اهڃاڻ جهڙوڪ بگودڙو، غفور شاهه جو دڙو، سون ٿرڙو دڙو، ڪرڪ دڙو، ڏنگ جو دڙو، ٿرڙي دڙو، وڪي جي ماڙي ۽ پرو سوداگر جي سرنگهه، ميهر جو دڙو، سعيد خان جمالي قبر، مريءَ جو قبو، تجر مقام، اسپتال قبو سعيد خان (جنهن جو سنگ بنياد جناب سر شاهه نواز خان ڀٽو سابق پريزيڊنٽ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ لاڙڪاڻا)، کيرٿر جبل، اين پي بند، شهدادڪوٽ ميونسپل هاءِ اسڪول موجود گورنمينٽ پروانشلائيزڊ هاءِ اسڪول نمبر 1، (جنهن جو افتتاح جناب ذوالفقار علي ڀٽو وزير خارجه



1963ع ۾ رکڻ فرمايو). درگاهه شريف حضرت ميان غلام صديق شهدادڪوٽي، مين پرائمري اسڪول، مدرسه حليميه، پريم منڊلي، چانڊين ۽ مستوئين جا قبا، بهادر جمالين جا قبا، ميان مراد جو قبو حافظ ناٿي جو قبو شڪل جمالي، سنجر خان جمالي، ميان حيات چٽي ڪوسي جا قبا ۽ ٻيا تاريخي ماڳ موجود آهن. هن علائقي ۾ کيرٿر جبل جو ڪافي حصو موجود آهي. جت مٽي ۽ گرم پاڻي جا چشما ۽ ٽڏيون جايون قابل دير آهن.

_ لاڙڪاڻي جي سماجي دنيا ۾ شهدادڪوٽ به پاڳي پائيواري آهي، هت عوامي سماجي بهبود جا ڪيترائي رفاعي ادارا سرگرم عمل آهن جن مان قابل ذڪر سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن، پاڪستان سوشل ايسوسيئيشن، عوامي سماجي بهبود تنظيم، انسان همدرد سنگت، يونائيٽيڊ سوشل ويلفيئر ڪائونسل پاڪستان گريجوئيٽس ايوسيئيشن وغيره. لاڙڪاڻي وانگر شهدادڪوٽ به ادب جي ڪيتر ۾ وڏي ترقي ماڻي آهي، هتان جا شاعر اديب به ضلعي ۽ ملڪي سطح تي ڪاوشون ڪندا رهن ٿا. شهدادڪوٽ جي مرحوم بزرگ شاعر اديب ۽ دانشورن مان مرحوم نواب گل محمد خان، زيب مگسي، مرحوم محمد چٽل، فدا شهدادڪوٽي، مرحوم حبيب الله جيسر، مرحوم نذير احمد نذير جروار، مرحوم قمر الدين مهيسر، استاد پيرل قمبر جا مجموعه ڪلام ۽ ديوان عام آهن جن مان نئين ٽهيءَ جا اديب ۽ شاعر مستفيض ٿي رهيا آهن.

_ شهدادڪوٽ مان ڪيترين اديبن جا ڪتاب منظر تي آيل آهن، جن مان مرحوم مهر الله خان، مهر شيخ جو لکيل عبدالضحيٰ، مرحوم فيروز خان کهاوڙ جو لکيل شڪار تي ڪتاب، موجوده دور ۾ جناب گل محمد گل بخاري جا ڪتاب، محمد اسلم شيخ وڪيل (راقم) جو

Gul Hayat Institute

تاريخي ڪتاب شاداب شهدادڪوٽ، جناب احمد علي صابر چانڊيو شاعري مجموعو، جناب فضل عمراڻي جو لکيل ڪتاب جناب ڪنعيالال ناگپال جا انگريزي گرامر وغيره تي لکيل ڪتاب.

- اڻ ڇپيل ڪتابن جا مصنف جناب ڪامريڊ ولي محمد مگڙهار ولي محمد جا واڪا، مرحوم نذير احمد نذير ڪلام، مولانا حبيب الله حبيب ڪلام، مرحوم فدا شهدادڪوٽي، ديوان، جناب ڊاڪٽر محمد مراد ڪتياڻ جي ٿيسز وغيره.

- لاڙڪاڻي ضلعي جي سياست ۾ شهدادڪوٽ جي اهم سياسي حيثيت رهي آهي. تحريڪ خلافت دوران هتان جي ڪيترن سياسي ورڪرن حصو ورتو. جن مان مرحوم غلام محمد خان شيخ، جناب غلام حسين پٽي، جناب غلام الرسول ڊڪڻ وغيره.

- هاري تحريڪ مان ڪامريڊ مولانا الاهي بخش قريشي، جناب ڪامريڊ عزيز الله جروار، جناب شاهه محمد سيال، مرحوم محمد عثمان شيخ، جناب محمد مراد سيال، ڪامريڊ راجلداس، سرڳواسي گيانچند، جناب نور محمد پروانو ايڊيٽر هفت روز ايلم مستونگ، جناب مولانا حبيب الله حبيب، ڪامريڊ ولي محمد مگڙهار، مرحوم رشيد الله جمالي وارهه وارو، حڪيم غلام محمد هڪڙو ۽ ٻيا ڪيترا.

- هن وقت شهدادڪوٽ ۾ پاڪستان جي مڙني سياسي ۽ مذهبي پارٽين جا دفتر ۽ ورڪر موجود آهن. تاهم شهدادڪوٽ جي سياست ۾ محترم بينظير ڀٽو صاحبه وزيراعظم پاڪستان هتان جي ايم اين اي آهن جيڪي پنهنجي خداداد قابليت ۽ ذهنات سان ملڪ ۽ عوامي جي خدمت ۾ مصروف آهن ۽ مسلسل 3 دفعا ڀاري اڪثريت سان ايم اين اي چونڊجي وئي آهي ۽ ٻه دفعا شهدادڪوٽ جي سيٽ اين اي 166 تان وزيراعظم پاڪستان جو رتبو ماڻيو آهي جيڪو



شهدادڪوٽ لاڙڪاڻي جي سياست ۾ وڏو اعزاز آهي.

- محترم نوابزاده مير نادر علي خان مگسي وزير بلديات سنڌ هتان جا ايم پي اي صاحب آهن، جيڪي جوان، باصلاحيت ۽ عوامي درد رکندڙ انسان آهن جيڪي ڏينهن رات عوامي خدمات لاءِ وقف آهن. ڪين ٻه 3 دفعا وڏي اڪثريت سان ايم پي اي چونڊيو ويو ۽ ٽئين دفعي بنا مقابلي چونڊيا ويا آهن جيڪو سندس مقبوليت جو وڏو گراف آهي.

- محترم مير عامر علي خان مگسي سينيٽ آف پاڪستان ۾ سينيٽر آهن جيڪي باهمت ۽ نڊر قيادت سان سينيٽ ۾ آواز اٿاريندا رهن ٿا.

- لاڙڪاڻي جي هنر ۾ شهدادڪوٽ جي هنرمندن ۽ پورهيتن جو ٻه هڪ حصو آهي، دين محمد لاشاري جيتوڻيڪ بنيادي طرح جاين جو رازو آهي، هن پنهنجي صلاحيتن سان سال 1950ع ۾ ٻاڦ تي هڪ مشين ايجاد ڪئي جيڪا ريل گاڏي طرح هلندي آهي، دين محمد اها مشين 1950 ۾ قائد ملت شهيد لياقت علي خان اڳيان سندن لاڙڪاڻي ۾ آمد دوران منعقد ڪرايل نمائش ۾ هلائي ڪانئن انعام ۽ داد حاصل ڪيو. لاشاري صاحب سنڌ اندر قبن، گنبذن ۽ اهم ڪمن ڪرڻ جو ميجيل ماهر ڪاريگر آهي.

- شهدادڪوٽ ۾ گهريلو هنر ۽ دستڪاري جو ڪم عروج تي آهي، هٿ سنڌي ٽوپ، گج، ڀرت، رليون، ٽڪ ۽ ٻيو گهريلو دستڪاري جو اعليٰ ڪم ٿئي ٿو.

- شهدادڪوٽ ۾ ڪنڀارڪو ڪم اعليٰ طريقي سان ٿئي ٿو هٿ چاڇڙي ڳوٺ جا دلا ۽ مٽ پنهنجو مثال پاڻ آهن.

- لاڙڪاڻي ضلعي جي تاريخي گراف تي شهدادڪوٽ جو

Gul Hayat Institute

تعليمي معيار ۽ خدمت مشهور آهي. حضرت ميان نور محمد ميکڻ رحہ، حضرت ميان گل محمد ميکڻ رحہ جن جي تعليم ۽ تدريس ڪيترن طالبن کي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪيو سندن شاگرد سنڌ، بلوچستان، ايران، عراق، افغانستان ۽ هندوستان ۾ موجود آهن. علاوه حضرت ميان عبدالحليم رحہ، حافظ رضا محمد مستوئي، ميان نصير الدين ميکڻ رحہ، ميان عبيدالله، استاد علي مراد چانڊيو، مولوي برڪت علي چانڊيو مولوي شاهہ محمد هڪڙو مولانا حبيب الله، استاد شهباز ڏنو شيخ، استاد محمد صفر ٻبر، استاد دولت خان پٽي، مولوي قمر الدين مهيسر، پروفيسر ڪنعيا لال ناگپال، استاد الهورايو قريشي، نظام الدين سومرو مسٽر ستيلداس، مسٽر عبدالرزاق اعواڻ، استاد محمد يوسف سومرو، مسٽر محمد حسن پناڻ، الله ڏنو عباسي، استاد محمد بخش عمراڻي، استاد پيربخش شيخ، رجب علي ٽونيہ، ميان تاج محمد ميکڻ، استاد عطا محمد منگي، الاهي بخش منگي، محمد يونس پٽو استاد عبدالستار پٽي، استاد غلام مرتضيٰ پٽو مسٽر محمد حسن شيخ، استاد لال، مسٽر سجاول خان وڌو استاد غلام مصطفيٰ وڌو وغيره. ماهر تعليم جي حيثيت سان ضلعي لاڙڪاڻي ۽ سنڌ اندر مڃيا وڃن ٿا.

- شهدادڪوٽ جي اولهہ طرف کيرٿر جبلن مان قدرت جون ڪيترين ئي انمول جڙين ٻوٽين ۽ قيمتي پٿر ملن ٿا. ان نباتات مان لاڙڪاڻي جو عوام فائدو وٺي ٿو ۽ هي قيمتي شيون ملڪ اندر وڪرو ڪيون وڃن ٿيون. هت اعليٰ قسم جو پٿر سيمينٽ ناهڻ لاءِ ملي ٿو جنهن لاءِ حڪومت پاڪستان هت ڪارخانہ ناهڻ لاءِ اسڪيمون رٿي رهي آهي.

- لاڙڪاڻي جي ضلعي جي بار جي شاخ شهدادڪوٽ بار



ايسوسيئيشن رجسٽر ٿيل آهي. هتان جا وڪيل حضرات پنهنجي پيشي کان علاوه هتان جي سياسي ۽ سماجي تنظيمن سان سهڪار ڪندا آهن. هن وقت شهدادڪوٽ بار جو صدر جناب گل محمد جروار ۽ جنرل سيڪريٽري راقم محمد اسلم شيخ وڪيل آهن. هت ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن ڪورٽ، سينيئر سول ڪورٽ، ڪورٽ سول جج ۽ Fcm کان علاوه جڊيشل مئجسٽريٽ ۽ ٻيون ڪورٽون مصروف عمل آهن.

- شهدادڪوٽ ۾ سياري جي موسم ۾ سائبيريا ۽ روس کان تلور، ڪونج، آڙيون، تور، پيڻ، نيرڳ، تگوش وغيره اچن ٿا جيڪي سنڌ ۾ تحفي طور موڪليا وڃن ٿا. (نوٽ: 1993 ۾ لکيل)

Gul Hayat Institute

# "اگھاڙا پير ٿاڌن تي"
# تنقيدي نوٽ

اگھاڙا پير ٿاڌن تي، استاد پيرل قمبر جي ڪلام جو مجموعو آهي، جنھن جو سندس ورسيءَ جي موقعي تي مھورت ڪرائي منظرعام تي آندو ويو. هي ڪتاب بزم پيرل قمبر شھدادڪوٽ پاران ڇپرايو ويو آهي. ڪتاب جو انتساب پيرل قمبر جي محبوب جي نالي ڪيو ويو آهي، جنھن استاد کي عشق، مزاج مان عشق حقيقي جي منزل تي رسايو. استاد پيرل قمبر پنھنجي هڪ شعر ص نمبر 119 ۾ پنھنجو تعارف ڪرائيندي چيو:

منھنجي آ واقفي، هي منھنجو آهي تعارف،
جگ اڳيان هان جيئرو محبن اڳيان مئل.

اجان وڌيڪ چيو اٿس.

ڪيڏو بچائي برھ کان دل جسم بچايان،
بس باھ جي جر تي وينو پاڻ پچايان.

استاد عشق ۾ رچيل هيو ۽ عشق جي باھ ۾ وينو ڪاٽيون سوريندو هيو ۽ ان ۾ جوت پيدا ڪندو هيو صفحي نمبر 2174 ۾ چيو اٿس ته:



تون چوين ته دل جھڪايون،
تون چوين ته سر جھڪايون،
آ عشق توکي ٻيھر آزمايون.

هي ڪتاب 232 صفحن تي مشتمل آهي ۽ 9 اضافي صفحا اٿس. هن ڪتاب جي قيمت 60 روپيه آهي. سندس ٽائيٽل ٻه رنگو آهي.

ڪتاب جو نالو "اگھاڙا پير ٿاڌن تي". استاد پيرل قمبر پنھنجي سندس شعر تان ورتو ويو آهي.

جدائي جا جيئڻ صدما سھڻ ڏاڍا ڏکيا آهن،
اگھاڙا پير ٿاڌن تي رکڻ ڏاڍا ڏکيا آهن.

هي شعر صفحي 26 تي آهي. ڪتاب جي نالي پڙهڻ سان في الحال سڪتو طاري ٿي وڃي ٿو ۽ هڪ ظلم جو منظر اڳيان اچي ٿو. عنوان دهشت ناڪ ۽ ڏماڪي وارو آهي، جنھن مان محسوس پيو ٿئي ته هن شاعر سان ڪيڏو نه عشق ۾ ڪيس ٿيو هوندو.

هن ڪتاب جا پيش لفظ مرحوم پروفيسر گل حسن گل ٻرڙو جا لکيل آهن، جنھن استاد جو تعارف ڪرائيندي ڪيس صوفي صفت، حسن جو پوڄاري ۽ سخن نواز شاعر چيو آهي. هن مطابق هو فردوس برين ۾ ڪا وڏي محفل مچايون وينو هوندو ۽ اتي روزانو ڏاڍا داد حاصل ڪري رهيو هوندو. هن ڪيس دعا به ڪئي آهي ته

شاد ۽ آباد رھ پيرل سڄڻ،
سچ ۽ زندھ آباد رھ پيرل قمبر.

ان بعد بزم پيرل قمبر جي عهديدارن جي لسٽ ڏنل آهي ۽ استاد سان لاڳاپيل دوستن جي. ڪامريڊ ولي محمد پنھنجي پاران استاد جي زندگي جو مختصر تعارف ۽ ڪتاب لاءِ تعاون ڪندڙن جا نالا ڏنا آهن. شيخ سرفراز علي ڪامريڊ ولي محمد لاءِ چيو آهي ته تيمور

Gul Hayat Institute

لنگ ۾ محمود غزنوي جيان ورائي ورائي ڪوشش ڪرڻ وارو عمل دهرائيندي هن استاد پيرل جو ڪتاب شايع ڪرايو آهي. هن استاد جي دوستي ۾ سنگت جو ڀرم رکيو ۽ سندس فرض نڀايو آهي. هن استاد سان ڪوڙيون هامون هڻندڙن ۽ سندس نقلي پرستارن تان پڻ نقاب هٽايو آهي.

پيرل قمبر سان پيار ڪري تون گهٽ وڌ ۾ گهبراءِ نه پوءِ،

جس آهي انهن جوانن کي جن هڙئون وڙئون استاد سان مهل ملهائي ۽ ڪيس سرخرو ڪيو آهي. اڄ استاد پيرل قمبر ته موجود ڪو نه آهي مگر بزم پيرل جي ڪاوشن ڪري زنده رهندو. ڪامريڊ ولي محمد ۽ سندس دوستن مڙس ٿي ڪم ڪيو آهي ۽ اميد ته استاد جو باقي ڪلام به سندس دوست شايع ڪندا. چيو اٿن ته بار ڪٽندا باري ناهي ڪم ڪچن جو. ڪامريڊ ولي محمد مگٿهار کي دهل ڳچي ۾ آهي هو ڏونڪو به هڻي ٿو ۽ هوڪو به ڏئي ٿو يعني واٽي وانگر ڏڪ به هڻي ٿو ۽ دانهن به ڪري ٿو. ڪامريڊ ولي محمد کي مان به سڃاڻان جي هي ائين نه ڪري ته پلا استاد پيرل قمبر جا ڪتاب ڪيئن ڇپبا. ڪامريڊ ولي محمد دوستن جو دوست آهي، مڙس مانجهي آهي، مڃيندڙ مڃيندا. ڪتاب جي ابتدا حمد سان ڪئي وئي آهي.

الله ته اهڙو ڏيندڙ آ نڪي دان ڪٿي نه ڪي نان ڪٿي.
سو سال حياتي انسان جي پر ان جو نٿو احسان ڪٿي.

ان بعد نعت شريف، مولود، قصيده حسيني، قصيده الشهباز لطيف لات، غزل، وايون، گيت، قطعات، چئوسٽا ۽ قومي نغما شامل آهن. استاد پيرل قمبر جي زندگي جو مختصر خاڪو ۽ تعارف ڪامريڊ ولي محمد ڀرپور نموني ڪرايو آهي، جنهن مان استاد جي ٻچپن کان سندس وفات تائين جو سفر تحرير ٿيل آهي. استاد پيرل



قمبر سنڌ جي هڪ پوئتي پيل ڀهراڙي جي فضا ۾ جنم ورتو عشق جو متوالو ٻڏيو سندس ڪتاب جي صفحي نمبر 166 تي آهي:

قلم ورتم قضا ڪان ۽ پنو مس محبت ڪان،
لکان ٿو غور سان ڪنهن تي غزل آهستہ آهستہ.

۽ واقعي هو آهستي آهستي مها شاعر، صوفي، فقير منش، پريمي ۽ الله لوڪ انسان ٿي پيو. صفحي نمبر 41 مطابق.

مان اٽڪ نيڪ ارادو هان،
مان تازن ڪان پي تازو هان.
مان جيئرو هان نه جنازو هان،
هي چاهہ جو سودو سادو هان،
مان پنهنجو نڪ نه ٻوڙيندس.

صفحي نمبر 173 تي:

اکڙيون روز روئن ٿيون يار،
ياد پوي ٿو دلبر درد اٿن ٿا هزار.

صفحي نمبر 169 تي:

جاگير جسم جي چيري ئي ڏس دل جو پلي دورو پي ڪري،
تو هڪڙي رڳو محبوب سوا ٻي نه مفلس جي ملڪيت آ.

هن ڪتاب جا پنا سادا مگر عمده ڪلام ائين لڳو جيئن گدلي ڍنډ مٿان ڪنول جا گل ٽڙيل هجن. ٽائيٽل ۾ ڪا به ڪشش ڪو نه آهي ۽ نه ئي استاد جي خيال جي ترجماني ٿئي ٿي علاوه استاد جي تصوير به ڪتاب جي عنوان جي ترجمان ڪو نه آهي. ڪتاب ۾ ڪٿي فني غلطيون ۽ شعرن ۾ ڪي جهول پروف جون غلطيون لڳيون، هي ڪتاب جلدي شايع ٿيڻ ڪري ٻاڙو لڳي ٿو جنهن لاءِ ڪامريڊ

Gul Hayat Institute

ولي محمد لکيو آهي تہ ”اسان سمجھون ٿا تہ ڪتاب ”اگھاڙا پير
ٽانڊن تي“ بہ دستور موجب گھڻي يا ٿوري تنقيد ضرور ٿيندي پر ان
کي برداشت ڪرڻ لاءِ اسان ذهني طور تيار آهيون ۽ تنقيدي معيارون
جھولي پائي جھلينداسون.“

ڪامريڊ ولي محمد جيڪو هن ڪتاب جو سھڻيندڙ ۽ بزم جو
جنرل سيڪريٽري آهي تنهن پنهنجي پاران، پنهنجن ڏکن ۽ سکن جو
احوال اوريو آهي. استاد جي شاعري ۾ پرين جي پيار جي تڙپ ۽ ڪيس
ملڻ جي جستجو ٻڌائي آهي، جيڪا هينئين شعر مان پئي معلوم ٿئي.

سر جا سٽي سپ سانگ
ڪوڙين اڏايم ڪانگ.

استاد جي زخمن جي کھڙي ڳالھ ڪجي بس پاڻ پنهنجي شعر
صفحي نمبر 194 تي چيو اٿن:

جو زخم جاڳن مان ٿو سمهان، جو زخم ٿا ننڊ ڪن مان ٿو اٿان،
هن لوڻ ملم جي مسئلي کي مان پيرل نيايان ڪنهن جي ڪري.

استاد جون آهون هينئينءَ ريت هيون:

چو جيئڻ پي نٿو ڏين، چو مرڻ پي نٿو ڏين،
حياتي کي پنهنجي منهن سان هلڻ پي نٿو ڏين.
ڇڏي ديس پنهنجي آيس پکي پيار جو مان،
مون کي اج آکيري تائين اڏڻ پي نٿو ڏين.

صفحي نمبر 185 تي:

ڪاٽان ڳولهيان پاٽي چوليان،
سِيرَ ۾ اڇليو سڪون تي.

صفحي نمبر 172 تي:



اٿي ٻيھ تنهنجي مران روبرو ٿو،
ميڙيون ماس جسم ۽ هڏيون وچ.

صفحي نمبر 181 جي شعر موجب:

دوست هو هتي ڏاريا بہ ٿيندا،
پنهنجا هتي هو پراوا بہ ٿيندا.

استاد پيرل جي شاعريءَ جي مجموعي کي پڙهندي محسوس ٿئي
ٿو تہ استاد جا خيال مضبوط هئا. الفاظ سادا ۽ نيٽ سنڌي آهن. عام
واهپي وارا اکر استعمال ڪيا اٿس جن کي سمجھڻ ۾ دقت نٿي ٿئي.
استاد جي ڪلام ۾ رواني آهي. مون سندس شعر سندس واتان ٻڌا
آهن سندس ادائگي ڪمال جي هئي ۽ رواني سان چوڻ ۾ وڌيڪ
لطف ايندو هيو. استاد پيرل جي دانهن ۽ آهن ۾ جيڪو اثر آهي اهو
عيان ٿئي ٿو. استاد پيرل قمبر کي ايتريون تہ عشق ۾ چوٽون آيون جو
هن صفحي نمبر 172 تي هينئنءَ ريت چيو آهي.

سفر ۾ نہ هتڙا خالي ڪنيون وچ،
کي زخم منهنجا ڳنڍ ۾ ٻڌيون وچ.

استاد عشق کي مخاطب ٿيندي 117 صفحي تي
چيو آهي:-

لڳئي شل باھ پڙڪي، اڙي او عشق جو تو لئہ.
بسر تي رات آ ساري، اوجاڳن ۽ اڌمن ۾.

Gul Hayat Institute

# محمد اياز سومرو

_ هر انسان کي پنهنجي نالي جي لغوي معنيٰ سمجهڻ جي خواهش هوندي آهي، هڪ چوڻي آهي ته هر انسان تي سندس نالي جي چالهين حصي جو اثر پوي ٿو. ارشاد به اهو آهي ته پنهنجا نالا سٺا رکو پوءِ انسان پنهنجي نالي مطابق پاڻ کي پرکيندو آهي. ستارن ۽ برجن جو حساب به نالي سان ڪڍيو ويندو آهي. نالا ۽ ذاتيون انسان جي شناخت ڪرائين ٿيون. ڪي ڪي نالا ته پاڻ ئي پنهنجي معنيٰ ٻڌائيندا آهن. جيئن سچڻ، مصري، ممتاز، ارشاد، عاشق، سهڻو وغيره وغيره. ته ڪي وري تاريخي نالا هوندا آهن. جهڙوڪ اڪبر، جهانگير، ايوب، حيدر، ابراهيم وغيره. اهڙيءَ طرح اياز سلطنت غزنوي جي وفادار ۽ همدرد انسان جو نالو آهي. محمود ۽ اياز_ محمود بيشڪ غزنوي جو بادشاهه هيو مگر سندس پذيرائي ۾ اياز جو به حصو هيو. اقبال خوب چيو آهي،

ایک ہی صف میں کھڑے ہوگئے محمود و ایاز،
نہ کوئی بندہ رہا نہ کوئی بندہ نواز۔

مونکي اياز جي معنيٰ کي سمجهڻ جي ضرورت ان ڪري ڪا نه پئي، ڇاڪاڻ ته هي تاريخي نالو هڪ وفادار ۽ سچار جو آهي. اهڙن پيارن اياز مان اسانجو هڪ اياز محمد اياز سومرو صاحب به آهي، جيڪو ايم پي اي (لاڙڪاڻا) کان علاوه صوبي سنڌ جو وزير قانون، پارليامينٽري معاملات ۽ انساني حقوقن جو وزير آهي، جنهن کي مان سندس ٻچپن کان



سڃاڻان. شهدادڪوٽ جي نرم، گرم وارياسي سرزمين تي جنم وٺندڙ سنڌي، سرائيڪي، بلوچي تهذيب سان سرشار سياسي ۽ سماجي حيثيت جو مالڪ آهي. وڪالت جي پيشي سان وابسطه آهي. هن ابتدائي تعليم ۽ تربيت پنهنجي والد ماجد استاد خدابخش خان سومرو کان حاصل ڪئي. شاگرديءَ واري زماني کان هن وقت تائين پاڪستان پيپلزپارٽي لاڙڪاڻي جا سرگرم ڪارڪن ۽ جيالا آهن. قائد عوام ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو کان سياست جي تربيت ورتائون سخت ڏينهن ڏٺائون ۽ جيلن ۾ پڙ رهيا، جابر حڪومتن پاران کين تشدد جو نشانو بڻايو ويو مگر هن نڊر شخص ان جو مردانگيءَ سان مقابلو ڪيو بحيثيت وزير قانون ۽ مختلف کاتن جي وزير هوندي عوام جي خدمت ڪئي. عوامي مسئلن جي حل ۽ بيروزگارن کي روزگار فراهم ڪرايو آهي. جيئن هر استاد کي پنهنجا شاگرد پسند هوندا آهن، ائين منهنجو پيار ۽ لڳاءُ به اياز سان رهيو آهي، ۽ مون کي ڪيس ڏسي دلي خوشي ٿيندي آهي، جيئن منهنجا استاد به مونکي ڏسي خوش ٿيندا آهن. ويتر خوشي تڏهن ٿيندي آهي جو اهي پنهنجن استادن ۽ سندن اولاد جي ڪم ايندا آهن. ماضيءَ جا استاد اڄ ڪراڙا ۽ بيوس لڳن ٿا. الله تعاليٰ جڏهن ڪو موقعو ڏئي ته ٻين سان گڏ پنهنجن استادن تي پڻ توجهه ڏيڻ گهرجي ته جيئن سندن چهرن جا گهنج خوشيءَ وچان لهي وڃن ۽ سندن دلين مان دعائون نڪرن، پر هيءَ ذات آهي هر ڪنهن جي پڙ نٿي پوي. مگر اياز سومرو صاحب وٽ پرک آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو هي جوان عمر انسان ترقيءَ جي اڄ بلندين تي آهي. مون ساڻس ڪم ڪندي محسوس ڪيو ته اياز صاحب ۾ عوامي ڪم ڪرڻ جو شوق ۽ جذبو موجود آهي، همت ۽ بيباڪي سندن اصول آهي. حق سچ چوڻ ۾ سڀ کان اڳيرو آهي.

(نوٽ: 2012 ۾ لکيل)

Gul Hayat Institute

# اشرف کھاوڙ سان شام

هلو تہ هلون ڪورئين نازڪ جن جو نيهہ،
ڳنڍين سارو ڏينهن، چنڊ مور نہ سڪيا.

اشرف کھاوڙ سان اڄ جي رهاڻ مون لاءِ خوشيءَ جو باعث آهي ڇاڪاڻ تہ اشرف کھاوڙ کي جيترو مان سڃاڻان ايترو شايد اڄ جي محفل ۾ ڪير بہ ڪو نہ سڃاڻي. اشرف صاحب منھنجي ڳوٺ شھدادڪوٽ جو رهاڪو آهي ۽ منھنجي مھربان ۽ بزرگ مرحوم خانصاحب امداد حسين خان کھاوڙ جو فرزند آهي، سندن والد بزرگوار منھنجو وڏو بہ هيو ۽ ساڻس ويجھڙائپ ڪري دوست بہ هيو. منھنجي ننڍپڻ کان ئي بزرگن، عالمن، اديبن ۽ استادن جي ڪچھرين ۽ صحبت ۾ مزو ايندو آهي ، جن کان ڪيتري ئي معلومات، ادبي رجحان، اخلاقيات، همدردي، دوستي ۽ انسان شناسي جا سبق مليا آهن. خانصاحب امداد حسين خان مرحوم هڪ دفعي پنھنجي پٽ اشرف کھاوڙ سان ملاقات ڪرائيندي چيو تہ ”هي منھنجو پٽ سلڇڻو با اخلاق، باصلاحيت ۽ انسان دوست اٿئي. هي هڪ ڏينھن وڏي ماڻھو جي حيثيت سان ڄاتو سڃاتو ويندو.“ اهڙا جملا هڪ پيءُ جا پنھنجي پٽ لاءِ وڏو اعزاز رکن ٿا. ان ڏينھن کان منھنجي دوستي ۽ چاهت اشرف کھاوڙ سان رهي آهي.

اشرف کھاوڙ هڪ نازڪ مزاج، همدرد، هڏڏوکي ۽ دوستن جو



دوست آهي. سماجي بھبودي جي ڪمن جو ڪوڏيو آهي. سنڌ گريجوئيٽس ايسيوسيئيشن جي بنيادي ميمبرن مان هڪ آهي جو سندس ناتو سگا سان اڄ ڏينھن تائين هليو پيو اچي. گويا سگا جو تبليغي آهي. سڄي سنڌ ۾ سگا، ۽ سندس شاخن کي قائم ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو اٿس. اشرف کھاوڙ کي سگا جي سڪي جو هڪ پاسو جي ڇئجي تہ بہ وڌاءُ نہ ٿيندو. سر چٽ مال نيلام واري پاليسي تحت ۽ جھولي فنڊن سان سگا جي اوسر ڪئي اٿس. سگا جي پليٽ فارم تان انساني ڀلائي جون ڪيتريون ئي خدمتون سرانجام ڏنيون اٿس. مشڪلاتن ۽ پابندين باوجود سگا جو سچو ساٿي ٿي رهيو آهي. ساٺ سدائين سلامت سگا جي نعري تي پورو لهندڙ هڪ انسان سردين گرمين ۾ جدوجھد ڪندو رهيو آهي. سندس ڪم ڪرڻ جو جذبو ۽ همت ايتري آهي جو جنھن ڪم ۾ هٿ وجھندو آهي ان کي پايہ تڪميل تي پھچائيندو آهي. پاڻ کان وڏيڪ ٻي جي عزت ڪرڻ ڄاڻي، جنھنڪري ڪير عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويجي ٿو. سماجي ۽ رفاعي ڪمن ۾ هڪ اڳواڻ جي حيثيت رکي ٿو.سندس مضبوط ارادن ۽ پختي حوصلي ڪري ڪيتري مخالفت بہ ٿيندي اٿس مگر هي هڪ نڊر ماڻھو وانگر ميدان فتح ڪري وٺندو آهي. هي گروهہ بندي ۽ گروهي بندين خلاف آهي. ان ڪري اليڪشن هجي يا پاليسين تي عمل ڪرائڻ جو مرحلو هجي سيئي دوست ڪيس موٽ ڏيندا آهن يا ائين ڇئجي تہ جيئن اشرف صاحب فيصلو ڪري ٿو ڪيس سندس دوست ڀرپور مدد ڪن ٿا.

ڪو بہ سماجي، رفاعي منصوبو جوڙيندو تہ ان جو سھرو دوستن تي رکندو آهي. پاڻ کي پوئتي رکندو آهي ان مان سندس ٻي کي عزت ڏيڻ جي خبر پوي ٿي. اشرف کھاوڙ ادب، سياست، قوم پرستي تعليم ۽

Gul Hayat Institute

معاشري جي تربيت لاءِ جدوجهد ڪري ٿو. پنهنجي شخصيت ۾ هڪ اداري جي حيثيت رکي ٿو. معاشري جي بهبوديءَ لاءِ سندس جذبو پڙڪي پوندو آهي.

اشرف کهاوڙ ڪچهرين جو ڪوڏيو راڳ، رنگ جي نشستن ۾ ڀرپور حصو وٺندو آهي گويا هي سندس ڪمزوري آهي جو پنهنجي بجيٽ مان ڪافي حصو ان ۾ خرچ ڪندو آهي.اشرف صاحب جي سٺين خوبين مان هڪ خوبي، جيڪا مون کي گهڻو متاثر ڪندي آهي اها هن جي دوستن جي تعريف ۾ انهن سان همدردي جو رويو آهي. شل نہ سندس ڪنهن دوست مٿان ڪا مشڪل اچي پنهنجيون سڀ صلاحيتون ۽ وسيلا استعمال ڪري ان جي تڪليف ڪي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. (نوٽ: 2016 ۾ لکيل)



# منهنجا ڪجهه هم ڪلاسي

تعليم دوران منهنجا ڪي هم ڪلاسي Class Fellows دوست جن جا نالا هيٺينءَ ريت آهن. جن سان منهنجو اڄ ڏينهن تائين رابطو ۽ دوستي قائم آهي پر ڪي دوست سنڌ کان ٻاهر آباد آهن. بس جتي هجن شل شاد ۽ آباد هجن. رئيس الاحرار وانگر تہ:

جس نے مجھے مدتوں سے فراموش رکھا،
میں اس کو یاد کرتا ہوں دعا کے ساتھ۔

درشن لال، عبداللطيف سيلرو، صفر مل، اصغر علي شيخ، سريچند ڊاڪٽر، علم الدين، قاضي خالد احمد، رميش لال، چندر ڪمار، عبدالرسول مگسي، ورندمل، موهن داس، نند لعل، احمد علي بروهي، نرمل داس، انند مل، آسومل، الاهي بخش سومرو، مقبول احمد کهاوڙ، سليم رضا کهاوڙ، گل محمد بروهي، ميڊم شالني، ميڊم پشپا، رامچند، بشير احمد علوي، منظور علوي، عبدالغفار شيخ، الله بخش مگڻهار، روپچند، غلام الرسول بروهي، رگهومل، ڪنعيا لال، پرسرام، سردار علي، لياقت علي، غلام مرتضيٰ جمالي، عزيز الله پٽي، غلام النبي شيخ، علينواز شيخ، الطاف قادر اعواڻ، اختر علي شيخ، محمد عظيم چانڊيو (لاڙڪاڻو)، سعيد احمد چانڊيو (لاڙڪاڻو) وغيره. منهنجي اها مجبوري چئجي يا خوشنصيبي تہ مان ڪنهن بہ دوست

Gul Hayat Institute

ڪي نہ وساريندو آهيان. ان ڪري منهنجو ساڻن رابطو رهي ٿو ساڳي ڳالهہ مان پنهنجن سڀني دوستن ۽ عزيزن ۾ ڏسڻ گهران ٿو. ڀلي ڪيترا بہ اختلاف ڇو نہ هجن، رشتو ختم نہ ٿيڻ گهرجي هڪ چوڻي آهي تہ جي ننهن وڏا ۽ خراب ٿي وڃن تہ انهن کي ڪٽڻ گهرجي ۽ نہ آڱرين کي، اهڙيءَ طرح جي دوستي يا مائٽي ۾ ڪو اختلاف ٿي پوي تہ غلط فهمين کي دور ڪرڻ گهرجي ۽ نہ دوستي يا رشتيداري کي.

آءٌ بي جي خوشيءَ کي پنهنجي خوشي سمجهندو آهيان.

ہاں ملے غیر کو بھی سکوں کی دولت یا رب
ایک میرا ہی بھلا ہو مجھے منظور نہیں



# جي نہ وسريا مُور

_ ڪجهہ فوت ٿي ويل عزيزن ۽ دوستن جون سدا بهار يادون هيٺين ريت آهن.

_ مرحوم غلام دستگير عرف محرم ولد الله بخش شيخ شهدادڪوٽ مان تعليم حاصل ڪري ريلوي جي ٽڪيٽ سيڪشن ۾ نوڪري ڪئي. ننڍپڻ کان ئي محنتي هيو ۽ پنهنجي قابليت سان زندگي بسر ڪئي، ڪل مک ۽ ڪچهرين وارو ماڻهو هيو. زندگي جي ڏکن، سکن ۽ لاهن چاڙهن مان گذريو. تبليغ، تعليم ۽ حج جي سعادت ماڻيائون. سندس رهائش گلشن حديد هئي جو مان اڪثر ساڻس ملڻ ويندو هيس سندس ڪچهري ۾ ڪلڻ ۾ مزو ايندو هيو.

_ مرحوم محرم علي مير جت شهدادڪوٽ ۾ بيڙين ٻڌڻ وارو ڪاريگر هيو. هڪ ذهين، ڪچهرين جو ڪوڏيو ۽ انقلابي ماڻهو هيو. دل جو صاف، پورهيتن جي ٻڌي ۽ ايڪي لاءِ جدوجهد ڪيائين ۽ شهدادڪوٽ ۾ پورهيتن کي متحد ڪيو. پورهيت ليبر گل محمد بروهي، ملا مسافر خاراني، ديوان لڪميچند، لياقت علي ڪوسو، گل محمد عرف گلڻ، استاد يار محمد پياسي، عبدالفتاح مرڪنڊ، ڪامريد محمد عرس سيلرو ۽ ٻين جي جدوجهد قابل ذڪر آهي.

_ سرڳواسي گوڪومل پوڳڙي، منهنجو هم ڪلاسي صوفي سنت، سٺن خيالن وارو ماڻهو هيو. سندس والد پڳڙن جو ڪاروبار

Gul Hayat Institute

ڪندا هئا.

- **مرحوم غلام مصطفيٰ ميمڻ**، مشتاق سنڌ جو وڏو محقق، اديب، ليکڪ ۽ شاعر جي حيثيت سان ڄاتو ۽ سڃاتو وڃي ٿو. سنڌي ادب جي ڪافي خدمت ڪئي اٿس. پاڻ اصل شڪارپور جا وينل هئا جو لاڙڪاڻي ۾ تعليم کاتي ۾ نوڪري ڪيائون. ڪين وڏي لائبريري هئي. ميمڻ صاحب ڪچهرين جو ڪوڏيو ۽ مجلسن جو مور هيو. ادبي محفلين ۽ مشاعرن جو اهتمام ڪندو هيو. دل جو ڪليل، نيڪ نيت، هڏ ڏوکي ۽ همدرد انسان هيو. منهنجي ساڻن وڏي نيازمندي رهي آهي. مرحوم جي خلا اڃ به پرجي نه سگهي آهي.

- **مرحوم محمد يوسف سومرو**:- پاڪستان پيپلزپارٽي شهدادڪوٽ جي باني ورڪرن مان هڪ هيو. مزاحيه ۽ سٺي تنقيد ڪندڙ دوستن جي جان هيو جتي ويندو هيو ڪل پوڳ سان محفلين کي گرم ڪري ڇڏيندو هيو ان ڪري سندس دوستي وسيع هئي.

- **مرحوم حاجي عبدالغفور ولد جمع خان شيخ**:- برف ڪارخاني ۽ اناج جا واپاري هئا. نيڪ نيت ۽ نيڪ بخت انسان دل، من اندر جو اڇو اجرو هيو. دوستن، عزيزن ۽ احبابن سان همدردانه رويو هين ان ڪري ڪيس عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هيو. واپارين ۽ پاڻيپي جي مڙني مسئلن کي حل ڪندا هئا.

- **مرحوم الطاف حسين ولد مرحوم عبداللطيف شيخ**، اسلحي بارود جو ڪاروبار ڪندا هئا . پنهنجي ڪاروبار کان علاوه دوستن سان وقت گذر ڪندا هئا. صلاح ۽ مشورن جو ماهر هيو. تجارت ۽ واپار جي هنر ۾ سٺو تجربو هين.

- **مرحوم حاجي حضور بخش ولد محمد بخش خان**



**شيخ** شهدادڪوٽ ۾ برف ۽ اناج جو ڪاروبار ڪندا هئا. حاجي صاحب پنهنجي ڪاروبار ۾ ڪافي مهارت رکندڙ هئا. واپارين ۽ برادري جي مسئلن تي پڻ توجهه ڏنائون.

- **مرحوم الله بخش ولد خدابخش خان شيخ**:- ذهين ۽ واپاري ماڻهو هئا. شهدادڪوٽ ۾ ڪپڙي جي ڪاروبار کان بعد حيدرآباد ۾ دوائن جو ڪاروبار ڪيائون. پنهنجي اعليٰ صلاحيتن محنت ۽ تجربي سان زندگي بسر ڪيائون. مرحوم شيخ برادري ۽ واپارين جي ترقي ۽ بهبودي لاءِ ڪافي ڪم ڪيو آهي.

- **مرحوم محمد عثمان ولد سيٺ محمد آچر خان شيخ**، شهدادڪوٽ ۾ سبزي ۽ فروٽ ڪميشن جو ڪاروبار ڪندا هئا. شهدادڪوٽ جي سياسي، سماجي ۽ واپاري سرگرمين ۾ دلچسپي وٺندا هئا. قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي سياسي جدوجهد ۾ شريڪ ٿيا. شهدادڪوٽ ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جو بنياد رکيو ۽ ڀٽي صاحب سان شانا بشانه رهيا. سندس نيڪ نيتي ۽ عوام سان سهڪار ڪرڻ تي ڪيس پ پ پ جو صدر مقرر ڪيو ويو. شهدادڪوٽ جي شيخ برادري کي منظم ڪيائون ۽ برادري جي غريب شاگردن کي وظيفا پڻ ڏياريا. شهدادڪوٽ واسين جي مسئلن کي ڏينهن رات هڪ همدرد جي حيثيت سان حل ڪرايائون. آر سي ڊي ڪائونسل شهدادڪوٽ پاران سندن ياد ۾ مفت ٽائيپنگ سينٽر قائم ڪيو ويو هيو جتي ڪيترن شاگردن ٽائيپ سکڻ جي سکيا ورتي.

- مرحوم سيٺ محمد آچر شيخ جي خاندان مان محمد عمر ۽ محمد صديق شيخ پڻ سنا ڪاروباري رهيا آهن.

- **سرڳواسي سيٺ مدن لال**، شهدادڪوٽ جا مشهور اناج جا

Gul Hayat Institute

واپاري هئا. نواب محبوب علي خان مگسي سان ساڻن واسطو رهيو آهي. پاڻ صاف گو محنتي ۽ همدرد انسان هئا. اناج جي ڪاروبار ۾ پيش ايندڙ واپارين جي هڙني مسئلن کي حل ڪندا هئا. بخشارام ياءُ سندن سربراهي ۾ ڪاروبار ۽ سياست ۾ دلچسپي ورتي. شهر جي سماجي ۽ رفاعي ڪمن ۾ سندس ڀرپور ڪردار رهيو آهي.

- **مرحوم محمد سچل ولد محمد حسن شيخ** خيرپور ناٿن شاهه جا وينل هئا. ڪپڙي جو ڪاروبار ڪندا هئا. قداور ۽ مضبوط ارادي جا مالڪ هئا. مان اڪثر خيرپورناٿن شاهه سندن وٽ ويندو هيس. ماسڙ محمد سچل خيرپورناٿن شاهه جي ميلي لاءِ سيني عزيزن کي دعوتون ڏئي گهرائيندو هيو. مونسان گهڻي پيار ڪري پنهنجي ويجهو رکندو هيو ڪچهرين جو ڪوڏيو ۽ منهنجي تعليمي نصاب تي سوال جواب ڪندو هيو. مرحوم نثار احمد ولد جمع خان شيخ جيڪو سندن عزيز ۽ منهنجو گهاٽو دوست هيو. اسان کان ڪافي نصاب تي سوال ڪندو هيو ۽ نه ايندڙ سوالن جا جواب ٻڌائيندو هيو. مرحوم محمد سچل دستر خاني جو ڪشادو ۽ توڪل ڪرڻ وارو ماڻهو هيو.

- **مرحوم گل محمد ولد بلاول خان شيخ** خيرپور ناٿن شاهه جا رهاڪو هئا. محنت ڪش ۽ جفاڪش انسان هيو. پنهنجي ڪاروبار جنرل مرچنٽ ۾ ڪافي تجربو هين. طبعيت جو نرم ۽ سادي مزاج وارو شخص هيو. پنهنجي اولاد جي تعليم ۽ تربيت تي توجهه ڏنائون. مشڪل حالتن کي ڪافي منهن ڏنائون. پنهنجي سچائي ۽ ايماندارانه رويه ڪري سندس ڪاروبار عروج تي هيو. ماسڙ گل محمد ۽ محمد سچل عزيز ۽ دوست پڻ هئا، مون کي گهڻو ڀائيندا هئا ۽ سندن قرب حاصل هيو.



- **مرحوم غلام حسين ولد خدابخش شيخ** منهنجو مامو پرائمري جا استاد هئا. تجربيڪار ۽ ڏاها ماڻهو هئا. انتظامي معاملات ۾ سخت هئا. سڌو ۽ سچو ڳالهائيندا هئا. رٽائرمينٽ بعد حڪمت ۾ دلچسپي ورتائون.

- **مرحوم مامو نور محمد ولد بلاول خان شيخ** (01.04.1937 _ 01.05.1998)ڳوٺ ڇڄڙا تعلقه قمبر مان تعليم حاصل ڪئي. فائينل امتحان پاس ڪرڻ بعد پرائمري اسڪول ۾ استاد جي حيثيت سان گورنمينٽ پرائمري اسڪول قمبر ۾ فرائض انجام ڏيندا رهيا. سندس والدين ننڍپڻ ۾ ئي فوت ٿي چڪا هئا. ان ڪري سندس پالنا سندس چاچي ۽ منهنجي ناني مرحوم خدابخش ڪئي. پاڻ ذهين ۽ محنتي ماڻهو هئا. پنهنجي ادنيٰ صلاحيتن سان تعليم جي ميدان ۾ هڪ ڪامياب استاد جي حيثيت مڃرايائون. قمبر کان بدلي ٿي لاڙڪاڻي ۾ ديني مدرسي ۾ رٽائرمينٽ تائين استاد ٿي رهيا. پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن جي ڪارڪن طور پڻ وابسته رهيا. زندگي ۾ معاشي حالتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪاروبار به ڪيائون. رٽائرمينٽ بعد دوڪاندار جي حيثيت سان پنهنجي مالي حيثيت کي مضبوط ڪندي پنهنجي اولاد جي تعليم ۽ تربيت ڪيائون سخت ڏينهن کي ڏاڍو نهنائي سان منهن ڏنائون. پنهنجي مامي مرحوم محمد بخش جي مدد سان رهائشن ۽ رهڻي ڪهڻيءَ ۾ بهتري آندائون. مرحوم نور محمد دوستن جو دوست، خوش مزاج سير، سياحت ۽ تفريح جو ڪوڏيو هيو. دوستن سان ڪچهريون ۽ استادن جي مسئلن تي توجهه ڏنو هئائين. شاگردن، دوستن ۽ عزيزن جي ڪمن ڪارين ۾ پيش پيش رهيا. مون تي ڏاڍا شفيق هئا ۽ اولاد وانگر توجهه ڏيندا هئا. آءٌ لاڙڪاڻي ۾ 73_1971ع تائين گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۾ انٽر

Gul Hayat Institute

سائنس جي ڊگري حاصل ڪرڻ دوران هر روز شام جو مامي نور محمد سان گڏ هوندو هيس. سندس ڳالهين ۽ ڪچهرين ۾ وڏو لطف ايندو هيو. هڪ استاد ۽ سماجي ڪارڪن جي حيثيت سان ڪيس ڪافي تجربو حاصل هيو. مسئلن ۽ مشڪل ڪمن کي حل ڪرڻ ۾ هڪ وڏي مهارت رکندا هئا. مامو پراون کي پنهنجو ڪندڙ همدرد شخص هيو.

– **مرحوم مامو محمد رمضان ولد محمد حسن شيخ** اصل ڇچڙا جا وينل هئا. گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۾ فزڪس جي پروفيسر حيثيت سان رٽائر ٿيا. سندن تعليم قمبر ۽ لاڙڪاڻي ۾ ٿي. پنهنجي سبجيڪٽ ۾ ڪافي مهارت حاصل هين. مامو محمد رمضان پنهنجي اولاد کان علاوه عزيز، دوستن جي تعليم ۽ تربيت ۾ ڪافي دلچسپي وٺندو هيو ۽ کين سائنس جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هدايت ڪندو هيو.

– **مرحوم لطف الله ولد نور گل شيخ** لاڙڪاڻي ڊگري ڪاليج ۾ پروفيسر هئا. خوش مزاج، ڪچهرين جو ڪوڏيو ۽ دوستن جا دوست هئا. تعليم جي نسبت سان ڪيترن ئي دوستن ۽ عزيزن جي مسئلن کي حل ڪيو.

– **مرحوم بشير احمد ولد گل محمد شيخ** خيرپورناٿن شاھ جا رهاڪو هئا. ننڍپڻ کان ئي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ دلچسپي هين. ايم اي، ايل ايل بي ڪرڻ بعد خيرپورناٿن شاھ ۾ وڪالت ڪيائون. پاڻ هڪ ذهين ۽ محنتي ماڻهو هئا، ڪجھ عرصو گورنمينٽ جي نوڪري ۾ بہ رهيا، ماسات بشير احمد کي پنهنجي والد جي فوت ٿيڻ بعد ڪافي تڪليفن سان منهن ڏيڻو پيو. زندگيءَ جي مشڪل مرحلن مان گذريا. ننڍي عمر ۾ بيماري سبب سندن اوچتي موت تي دلي صدمو رسيو. الله ڪيس جنت الفردوس ۾ جڳھ عطا فرمائي.



– **استاد مرحوم الله ورايو قريشي**: شهدادڪوٽ جي قابل احترام استادن مان هڪ هيو ڪيس ادب، تاريخ، فلسفي، سياست ۽ ڪرڪيٽ تي عبور حاصل هيو. تاريخي مثال ڏئي لاجواب ڪري ڇڏيندو هيو. مسٽر الله ورايو مطالعي جو شوقين هيو. بحث مباحثن ڪري ڳالهين کي مڃائيندو هيو. هي برک ۽ ادب شناس ماڻهو شهدادڪوٽ واسين ۽ شاگردن جي جان هيو. موتين جهڙي هن استاد جي جاءِ اڄ بہ ڪنهن نہ پري آهي.

– **مرحوم سيٺ خداد خان ڪوسو**:شهدادڪوٽ جو معزز اناج ڪميشن جو ڪاروبار ڪندو هيو. سياست ۾ دلچسپي وٺندو هيو. هڪ دفعي مان بہ شهرين پاران ڪوٺايل هڪ سماجي اجتماع ۾ مدعو ٿيل هيس جو مون کي تقرير ڪرڻ لاءِ چيو ويو مگر مان جهجهڪ محسوس ڪندي حصو نہ ورتو. مون کي سيٺ صاحب چيو تہ تون وڪيل آهين. هر موقعي تي ڳالهائيندو ڪر، تقرير ڪندو ڪر، ان سان تنهنجي مقبوليت ۾ اضافو ٿيندو ۽ شهر جي معززين ۾ پڻ شامل ٿي ويندين. ان بعد مون ۾ خود اعتمادي وڌي جو مان هر سياسي سماجي، ادبي محفلين ۽ ميڙاڪن ۾ تقرير ڪندو هيس، ان ڪري مون کي موضوع تي ڳالهائڻ يا سامعين کي مخاطب ٿيندي ڪا بہ جهجهڪ نہ ٿيندي آهي.

– **مرحوم محمد حسن دايو** جو جماعت اسلامي سان تعلق هيو. تعليم نہ هوندي بہ وڏي عقل وارو ماڻهو هيو. ساڻس ڪچهري بہ مزيدار هوندي هئي، بحث مباحثن ۽ ڪچهرين جو ڪوڏيو هيو. محمد حسن شهدادڪوٽ ميونسپل ڪاميٽي جو چونڊيل ميمبر ٿي رهيو آهي.

Gul Hayat Institute

ـ **شهيد الاهي بخش شيخ** (مامو) جي اوطاق قمبر ۾ هر روز شام کان رات يادگار ڪچهريون ٿينديون هيون. جنهن ۾ شهر جا معزز ۽ ٻيا دوست شريڪ ٿيندا هئا. سياري ۾ وري مچ ڪچهريون ٿينديون هيون. سماجي، سياسي تبصرا ٿيندا هئا، جيڪي معلوماتي ۽ مزيدار هوندا هئا. ان ڪري ٻه قمبر ۾ گهڻو اچڻ وڃڻ ٿيندو هيو. مامو الاهي بخش قمبر علي خان جو معزز واپاري سماجي، سياسي ۽ هر دلعزيز شخصيت هئا. اناج جو ڪاروبار ڪندا هئا. واپارين جي مسئلن لاءِ جدوجهد ڪيائون. هي دستر خواني جو ڪشادو هيو. شهرين سان همدردي ۽ سماجي خدمتن ڪري مشهور هئا. فيصلن ۾ مهارت رکندا هئا. قمبر جي شيخ برادري جا صدر پڻ هئا. شيخ برادري کي مضبوط ڪرڻ ۾ سندن وڏو عمل دخل هيو. مرحوم ڪاروبار کان اڳ ٽپيدار جي حيثيت سان نوڪري ڪئي. پاڻ بدامني جو شڪار ٿيا ۽ کين شهيد ڪيو ويو. سندن شهادت تي قمبر ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي عوام ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي، هن فقير منش ۽ معصوم انسان جي بيدردي سان قتل ٿيڻ ڪري پرامن ۽ شريف ماڻهن کي دلي رنج ٿيو ۽ ماڻهن پاڻ کي گهرن ۾ ٻه غير محفوظ سمجهڻ لڳا، الله تعاليٰ کين جنت ۾ اعليٰ درجو عطا فرمائي.

شهيد الاهي بخش شيخ جي شهادت بعد مامو مرحوم محمد انور، مرحوم ڏٽي بخش وڪيل پنهنجو مٽ پاڻ هئا. سندن ماڻهن سان همدردي، دوستي ويجهڙائپ ۽ ڪمن ڪارين ڪري کين عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هيو. اج ٻه سندن پويان ساڳين روايتن کي برقرار رکيو اچن ٿا.

ـ **نبلو موسيقار**:ـ شهدادڪوٽ جو هڪ ساده لوح ذهين ماڻهو، استاد نبلو فنڪار عرف نبي بخش ڍڪڻ کي موسيقي سان وڏو



لڳاءُ هيو. موسيقي کان اڻ واقف هي شوقيه فنڪار اجائي سجائي پلتا هٽي صبح جو سوير رياض ڪندو هيو. هوڏانهن ماڻهو صبح جو عبادت ۾ مصروف ٿي ويندا هئا. مگر نبلو پنهنجي ئي ڌن ۾ هوندو هيو. آخر ماڻهو هن جي پلتن کان تنگ ٿي پيا ۽ کيس چيائون ته پنهنجو رياض بند ڪري جو سندن عبادت ۾ رخنو پوي ٿو. هن کين ٻڌايو ته، نبلو معنيٰ نه تنهنجو پلو ۽ نه منهنجو پلو. توهان پنهنجو ڪم ڪيو ۽ هي پنهنجو ڪندو.

ـ **استاد برڪت علي هڪڙو**:ـ استاد برڪت علي هڪڙو عربي جو ماهر استاد ۽ وڏو مقرر هيو. هو هميشه پنهنجو نالو تقريبن هن ريت ٻڌائيندو هيو:ـ

”ماستر، ڊاڪٽر، حڪيم، مولانا، مولوي، مقرر شاهه، بخاري، برڪت علي رحمته الله عليه“. سندس ڳالهيون ۽ گفتا ڏاڍا دلچسپ ۽ معلوماتي پڻ هوندا هئا. هڪ دفعي اسڪول ۾ هڪ شاگرد کي سوالن جا غلط جواب ڏيڻ تي ڏاڍي مار ڏنائين. ۽ جڏهن ٿڪو ته کيس ڏسي چيائين ته توکي اڄ ”ارچڪ مرچڪ“ واري مار ڏني اٿم. جي پر ٻي دفعي غلطي ڪندين ته ”ڏامان ڌرچڪ“ مار ڏيندوسانءِ. سائين برڪت علي حڪيم ٻه هيا، يوناني نسخه ڪافي هين. سندن دواخانو قاضين واري مسجد لڳ هيو.

ـ **مرحوم سڪندر حيات خان کهاوڙ** بحث مباحثي جو ڪوڏيو ۽ هر شئي تي گهرائيءَ سان نظر رکندو هيو ۽ پڻ سياسي ڳالهين جي ڄاڻ رکندو هيو. مارڪيٽ ڪاميٽي جي چيئرمين جي حيثيت سان قبي روڊ تي شاپنگ سينٽر پنهنجي نگراني ۾ تعمير ڪرايائين. مون کين چيو ته سائين اهو شاپنگ سينٽر شهدادڪوٽ جي عظيم بزرگ حضرت ميان غلام صديق شهدادڪوٽي رحه جي نالي منسوب ڪريو.

Gul Hayat Institute

جو پاڻ منهنجي تجويز جي ڏاڍي تعريف ڪيائون ۽ هن سينٽر جو نالو ميان شهدادڪوٽي رحہ جي نالي منسوب ٿيل آهي.

_ آءٌ پنهنجي والد صاحب کي آرام ڏيارڻ خاطر اسڪول کان واپسي تي پنسار جي دوڪان تي وڃي ويهندو هيس ته جيئن بابا سائين منجهند جو گهر وڃي آرام ڪري جو هو وري شام جو واپس ايندا هئا. هي منهنجو ساڳيو سلسلو وڪالت دوران به رهيو. هڪ دفعي آءٌ دوڪان ۾ ڪائونٽر تي ويٺو هيم جو بابو به منهنجي پرسان ويٺل هيو. هڪ گراهڪ آيو. ان مون کان اشارن ۾ ڪجهه گهريو ۽ جهولي جهلي، ڪنڌ هيٺ ڪري بيهي رهيو. مون سمجهيو هي گونگو فقير خيرات گهري ٿو. مگر هو شڪل شبهه ۾ فقير نه پيو لڳي. آءٌ خاموش ٿي ويس جو بابو مون ڏانهن ڏسي رهيو هيو. ۽ چيائين ته خبر اٿئي هي توکان ڇا ٿو گهري. مون کين چيو "نه". ابي چيو ته هي هڪ لاعلاج مريض آهي. توکان خيرات ۾ ڪا دوا وٺڻ گهري ٿو. ان ڪري هاڻي توکي جيڪا به دوا سمجهه ۾ اچي هن کي خيرات ۾ ڏئي. مون سوچي سوچي کيس هڪ ڪوڙي دوا "ايريو"/ "ايلوا" ڏنو. مون کي ياد آهي ڪجهه ڏينهن کان هو وري موٽي آيو مون لاءِ مٺائي ۽ خرچي به کڻي آيو ۽ ٻڌايائين ته سائين مون کي مرض ۾ ڪافي بهتري ٿي آهي. آءٌ ڳالهه سمجهي نه سگهيس ته هن کي ڪهڙي قسم جو مرض هيو جيڪو نه مان سمجهيو ۽ نه وري هن مون کي مرض ٻڌايو بحرحال يقين به ڪنهن شئي جو نالو آهي. چوندا آهن تہ_ "پيرپلو يا ويساهه پلو"

_ **مرحوم عنايت الله شيخ:** مامي ڪليم الله جو والد ڊسٽرڪٽ فوڊ آفيسر هيو وڏو خوش مزاج، ذهين ۽ باخبر ماڻهو هيو. مرحوم قربدار هيو. سندس عقل پريون ڳالهيون ڏاڍو متاثر ڪنديون هيون، بيشڪ ڪي ماڻهو اڻ وسرندڙ ٿين ٿا.



_ **مرحوم رئيس خداءِ ڏنو خان چانڊيو:** شهدادڪوٽ جي معززين مان مرحوم رئيس خداءِ ڏنو خان چانڊيو سياسي ۽ سماجي شخصيت طور ياد ڪيا وڃن ٿا. رئيس وڏو قابل، ڏاهو ۽ همدرد انسان هئا، سندن اولاد مان رئيس عبدالڪريم خان چانڊيو ۽ ٻيا ڳوٺ رئيس اعتبار خان چانڊيہ ۾ رهائش پذير آهن.

_ **مرحومامداد حسين خان چانڊيو:** ڏاهو ۽ فيصلن جو ماهر هيو. فيصلن جي پيچن کان خوب واقف هيو رئيس امداد حسين خان صاحب جي اوچتي موت تي پڻ وڏو ارمان ٿيو. الله تعاليٰ کين ۽ رئيس خداءِ ڏني خان کي جنت ۾ جڳهه عطا فرمائي.

_ **مرحوم حاجي غلام الرسول ولد خدابخش شيخ:** اصل ڳوٺ ڇڇڙا تعلقہ قمبر جا ويٺل هئا. ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ بعد ڪجهه عرصو پرائمري استاد طور خدمت انجام ڏنائون. ان بعد روينيو کاتي ۾ تپيدار مقرر ٿيا ۽ تپيداري جو ڪورس مڪمل ڪيائون ۽ سپروائيزنگ تپيدار جي حيثيت سان رٽائر ٿيا. قمبر کان لاڙڪاڻي ۾ رهائش پذير ٿيا. مامو غلام الرسول نرم، نازڪ، مزاج ۽ مني طبعيت جو مالڪ هيو. پنهنجن عزيزن ۽ دوستن جو خيرخواهه ۽ همدرد هيو. فراخ دل ۽ وسيع قلب هيو. هئي کي عزت ڏيو ۽ پاڻ عزت حاصل ڪيو واري اصول تي سچي زندگي بسر ڪيائون. منهنجي تربيت ۾ سندن وڏو ڪردار آهي. مون کي زندگي گذارڻ وارا اصول مامي سائين کان حاصل آهن. هن پنهنجن عزيزن کي پڙهڻ جو موقعو فراهم ڪيو. جنهن سبب سندس خاندان جا فرد لاڙڪاڻي ۾ پڙهي ڊگريون حاصل ڪري، اعليٰ مقام تي پهتا. مامي پنهنجي خاندان جي ڪافي خدمت ڪئي، جنهن سبب کيس عزت ۽ احترام سان ڏٺو ويندو هيو. بقول شاهہ

Gul Hayat Institute

ماڻهو سڀ نہ سهڻا پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ اچي بوءِ بهار جي.

- حاجي صاحب لاطمع، ڪليل دل وارو نيڪ نيت ۽ ڪل مک انسان هيو. ٻئي جي ڏک کي پنهنجو ڏک سمجهندو هيو. سيني کي خوش ڏسڻ جي خواهش هوندي هيس. رٽائرمينٽ بعد مڪمل آرام جي زندگي اختيار ڪيائون. اچانڪ معمولي بيماري ۾ مبتلا ٿيا ۽ ٿورڙئي وقت ۾ خالق حقيقي سان وڃي مليا. سندن اوچتي وڇوڙي تي پوري خاندان کي صدمو پهتو. الله تعاليٰ کين جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي. (آمين)، بقول جالب.

*ویران ہے میکدہ خم و ساغر اداس ہیں،*
*تم کیا گئے، کہ روٹھ گئے دل بہار کے۔*

- **مرحوم عبدالجبارشيخ:** مرحوم عبدالجبار ولد خميسو خان شيخ شهدادڪوٽ ۾ رهائش پذير هئا. سندن سموري زندگي جدوجهد ۽ محنت ڪندي گذري. ننڍپڻ ۾ سندن والدين جو وڇوڙو ٿيو جو مرحوم حاجي هدايت الله پنساري جي نگرانيءَ هيٺ رهيا. ابتدائي زندگي ۾ سونارڪيءَ جو ڪم ڪيائين. اتان ترقي ڪيائين، تعليم ۾ دلچسپيءَ سبب قانون جي ڊگري حاصل ڪري شهدادڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي جي ممتاز فوجداري قانون جا وڪيل ٿي گذريا آهن. پنهنجي اولاد کي اعليٰ تعليم ۽ تربيت ڏنائون. مرحوم عبدالجبار همت وارو ۽ نڊر قسم جو ماڻهو هيو. اصول پرستي ۽ همدردي سندس شيوه هيو. شهدادڪوٽ واسين کان علاوه شيخ برادريءَ جي مسئلن کي حل ڪيو ۽ شيخ برادريءَ کي متحد ڪري هڪ مضبوط پليٽ



فارم مهيا ڪيو. شيخ پائرن جي سماجي، ذاتي ۽ واپاري مسئلن کي بهتر انداز ۾ نڀايو پاڻ بهترين مقرر هئا. ڪچهرين جو مور ۽ سياست ۾ عملي دلچسپي وٺندو هو. ايوب خان جي آمراڻہ دور ۾ ذوالفقار علي ڀٽو کي دعوت ڏئي شهدادڪوٽ ۾ عاليشان جلسو ڪرايو ۽ پنهنجي جاءِ/اوطاق کي پيپلزپارٽي سٽي جو دفتر ٺاهي جهنڊو ڦڙڪايو. عبدالجبار شيخ جي بي وقتي انتقال تي وڏو صدمو رسيو ۽ سندس وڇوڙي کان بعد اڄ بہ ان جي ڪمي محسوس ٿئي ٿي. الله تعاليٰ کيس جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي.

- **مرحوم ڪامريڊ ولي محمد:** ولد مصري خان مڱڻهار اصل ڳوٺ بگو ڏڙو تعلقہ شهدادڪوٽ ۾ جنم ورتو. جتي پرائمري ۽ وڌيڪ تعليم حاصل ڪيائين. ان بعد ايريگيشن ڊپارٽمينٽ ۾ بحيثيت فون آپريٽر جي نوڪري اختيار ڪيائين. ايم اي ايل ايل بي ڊگري حاصل ڪرڻ بعد وڪالت ڪيائون. ان دوران صحافت ۾ بہ دلچسپي ورتي. روزاني عبرت ۾ شهدادڪوٽ جي مسئلن، ادب ۽ تاريخي ماڳن تي ڪافي لکيو اٿس. سياسي تبصرا ۽ تنقيدون کلي دل سان ڪيائون. ان ڪري تڪليفن ۽ پريشانين سان بہ منهن ڏيڻو پيس، پر ڪڏهن بہ نہ هار مڃيائين ۽ نہ ئي شڪست قبول ڪيائين. معاشي طرح مسڪين هوندي بہ دل جو بهادر ۽ وڏ نظر رکندڙ شخص هيو. توڪل ڪرڻ وارو سادو ۽ مولائي مرد ۽ دوستن جو دوست هيو.

- پاڪستان پيپلزپارٽي جو ادنيٰ جيالو ڪارڪن وفادار ۽ وفا شناس ماڻهو هيو. شهدادڪوٽ جي سياسي، سماجي، رفاعي، ادبي ميدان ۾ سندس وڏو ڪردار هيو. منهنجو ويجهو دوست ۽ وفادار ساٿي هيو. شهدادڪوٽ ۾ ڪيترين ئي ادبي محفلين سجايون سين، خدمت خلق جي ميدان ۾ سڳا جي پليٽ فارم تان شهدادڪوٽ ۽ ان

Gul Hayat Institute

جي پسگردائيءَ ۾ مفت اکين جي آپريشن جون ڪئمپون، مختلف مرضن جا مفت علاج ۽ مشورا قابل ڊاڪٽر صاحبان کان ڏياراسون.

– سگهڙن سٽ، مشاعرن ۽ مذاڪرن جو اهتمام ڪيوسين. شهدادڪوٽ جي سماجي مسئلن لاءِ مون ۽ ڪامريڊ گڏجي خدمت ڪئي، هر هفتي ۽ مهيني ۾ ڪا نه ڪا محفل ڪرائي شهدادڪوٽ ۾ ادبي ۽ سماجي رجحان پئدا ڪيو.

– ڪامريڊ وڏو قابل ۽ گهڻي معلومات رکندو هيو. شهدادڪوٽ، لاڙڪاڻي ضلعي کان علاوه سنڌ جي وڏي ڄاڻ هيس. شهدادڪوٽ جي ماڳن مڪانن تي ڪافي لکيو اٿس. ڪامريڊ وڏو جاکوڙي، سندس خدمتن جي اعتراف ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن ڪراچي برانچ ساٿس ڪراچيءَ ۾ شام ملهائيءَ ڪيس خراج تحسين پيش ڪيو.

– صحافت جي ميدان ۾ هر چيلينج کي منهن ڏنو ڏکين هنڌن تي پهچي عوام جي خدمت ڪئي. سنڌ تي وي جا ضلعي رپورٽر پڻ رهيا آهن. شهدادڪوٽ جي صحافي برادري سان شانا بشانه رهيو ۽ ان جو صدر پڻ رهيو. هن پنهنجي ذات وارن کي پڻ منظم ڪيو. ڪامريڊ جي لکيل ڪالمن، مضمونن ۽ تبصرن تي مشتمل اڻ ڇپيل ڪتاب "ولي محمد جا واڪا" سندس صحافتي خدمتن جو رڪارڊ آهي. سندس ڇپيل ڪتاب جن ۾ شهدادڪوٽ جي سياسي دائري ۽ سندس جنم پتري کان علاوه استاد پيرل قمبر جو ڪتاب "اگهاڙا پير ٽانڊن تي" وغيره ڇپرايا آهن. ڪامريڊ هڪ بهترين مقرر هيو ۽ سامعين کان داد حاصل ڪندو هيو.

– پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن هيو سندس رهائشن تي هر وقت تقريبات، ڪچهريون ۽ مچ ڪچهريون پڻ ٿينديون هيون، جتي به



ويندو هيو پنهنجو اثر ڇڏي ايندو هيو.

*یہ اعجاز ہے حسن آوارگی کا،*
*جہاں بھی گئے داستاں چھوڑ آئے۔*

– ڪامريڊ جو استاد مرحوم ڪامريڊ الاهي بخش قريشي هيو. هارين جي تنظيم سان پڻ لاڳاپيل هيو.

– شهدادڪوٽ تعلقي جي غفور شاهه جي ميلي جو اهتمام ڪندو هيو. علاوه شهر ۾ ملاکڙن ۽ ميلن جو اهتمام ڪندو هيو. ڪامريڊ جي اوچتي موت تي وڏو ارمان ٿيو. الله تعاليٰ ڪيس جنت ۾ جڳهه عطا فرمائي، سندس مذڪور اڄ به هر محفل ۾ ڪيو ويندو آهي.

*بدلا نہ تیرے بعد موضوع گفتگو،*
*میں جا چکا ہوں پھر بھی تیری محفلوں میں ہوں،*

(نوٽ: 2016 ۾ لکيل)

– **استاد پيرل قمبر**: ڪي ماڻهو ته پنهنجي شخصيت ۾ ڏاڍا امر هوندا آهن. مون پنهنجي زندگي ۾ ڪجهه اهڙا انسان ڏٺا جن جي جدائيءَ تي ڏاڍو ارمان ٿيو ۽ جن جو خال اڄ به پورو ٿي نه سگهيو. انهن انسانن مان هڪ انسان استاد پيرل قمبر به هيو. هيءُ صوفي سنت، فقير منش، اتم خيالن وارو سادو سودو خيرخواه، خير انديش انسان هيو منهنجي ساڻن گهاٽائپ شهدادڪوٽ ۾ ٿي. ان کان اڳ مون کين هڪ شاعر جي نسبت سان ٻڌو هيو. جڏهن پاڻ قمبر جي پرائمري اسڪول ۾ استاد هيا. مون کي ساڻن ملڻ جي ڏاڍي خواهش هوندي هئي. هڪ دفعي مان پنهنجي مامي مرحوم شمس الدين شيخ جيڪو پڻ پرائمري اسڪول قمبر ۾ استاد هيو کي چيو ته استاد پيرل سان ملاقات ڪرايو. جو مامو مونکي رسيس ۾ سندس ڪلاس ۾ وٺي ويو.

Gul Hayat Institute

استاد پيرل هڪ ڪرسي تي پني ڏيئي ويٺو هيو ۽ پنهنجي ئي دنيا ۾ گم هيو. مامي ڪيس سڏ ڪري چيو ته استاد منهنجو ڀائيٽو توهان سان شهدادڪوٽ مان ملڻ آيو آهي. جنهن بعد استاد مون سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ چانهه پياري. استاد پرڪشش لال گلاب جيان مهڪي رهيو هو. استاد پيرل جڏهن شهدادڪوٽ رهڻ لڳو ته وٽس هر روز شام وڃڻ ٿيندو هيو. سندس اوطاق بزم سخن هئي، هر روز ادبي محفل ٿيندي هئي، شعر و شاعري، موسيقي، ڳجهارتون، پهاڪا، ٽوٽڪا، نيون نيون شيون مشاهدي هيٺ ايندڀون هيون. ادب روح جي تسڪين آهي. مون کي ادب، شعر و شاعري ۾ مزاح سان ڏاڍو لڳاءُ آهي.

– استاد پيرل ناز مزاج سيني دوستن ۾ ساهه رکندڙ. ٿورڙي به اچڻ ۾ دير ٿيندي هئي ته سندس اکيون در ۾ هونديون هيون. جيڪڏهن وٽس ڪنهن سبب ڪري يا بنا ٻڌائڻ جي نه وڃبو هيو ته هو انتظار ڪندو هيو، مون ڪڏهن به ڪائنس ڪنهن جي گلا ڪندي نه ٻڌي. سندس گفتگو ۾ موضوع ادب هيو. هميشه شعر و شاعري ڳائي وڄائي سيڪاري پاڻ به مزو وٺندو هيو ۽ اسان کي به مزو ڏياريندو هيو. پاڻ شعر ٺاهي ڏيندو هيو. ڪي ته شاگرد سندس شعرن جا ٻوڪ چورائي ويندا هئا. استاد ٿورڙي وقت لاءِ ناراض ته ٿيندو هيو مگر وري هن فقير کان ڳالهه ئي وسري ويندي هئي "رات گئی بات گئی" ڪري ڇڏيندو هو. شاگردن سان سندس پيار ۽ ويجهڙائپ ايتري هئي جو چانهه وقفي وقفي سان گهرائي پياريندو هيو. پنهنجي ماني مان حصا ڪري بچائي سنگت لاءِ رکندو هيو ۽ ڪارائڻ واري کي چوندو هيو ته چورا تو لاءِ ماني رکي اٿم ڏاڍي مزيدار اٿئي، اٿي کاءُ. اسان کي ماني کارائي، پياري خوشي محسوس ڪندو هيو. ادبي محفلين رچائڻ ۾ ان جي اهتمام جو وٽس خاص آرٽ هيو. پني تي پروگرام جي وچور



بهتري نموني ڪري ڏيندو هيو ۽ ادبي محفلين لاءِ دلچسپي وٺندو هيو. شاگردن ۾ دوستن جي واکاڻ ڪندو هيو. ڀلي سندس ئي لکيل شعر ڇو نه هجي. سيني کي ٻڌائيندو هيو ته اڄ فلاڻي ڇوري واهه جو شعر لکيو آهي. شاگردن کي پنهنجا شعر ڏئي ڳائرائيندو هيو ۽ انهن تي نوٽ گهريندو هيو جنهڪري سندس شاگرد دلچسپي وٺندا هيا. استاد پيرل قربدار هر هڪ هڪ شاگرد ۽ دوست ۾ ساهه هيس ۽ ائين محسوس ڪرائيندو هيو ته پيرل هڪ ڪٽنب جو نالو آهي جنهن جا سڀ شاگرد ڀاتي آهن. استاد پيرل شهدادڪوٽ کان علاوه قمبر جي دوستن کي سنڀاليندو هيو. سندس ايترو قرب، خلوص، نيڪ نيتي، همدردي ۽ خير انديشي اسان کي سندس لاءِ احترام عزت ڪرائڻ لاءِ مجبور ڪندي هئي.

– استاد پيرل جي آشياني تي وڃڻ لاءِ منتظر هوندا هئاسي. استاد پيرل جي ايڏي مقناطيسي ڇڪ مون ڪنهن ٻي ماڻهو ۾ گهٽ ڏٺي. استاد پيرل هڪ غريب ۽ فقير هيو نه هيو سيٺ، تاجر يا سمگلر جو ماڻهو سندس دولت کي لٽڻ يا ڪائنس ناجائز فائدو وٺڻ لاءِ وڃن مگر سڪ ۽ پيار جو ساگر هيو. سندس دوستي کي Pearls of Peeral چئجي ته به گهٽ نه ٿيندو. هن ڏکئي ۽ نفسانفسي جي زماني ۾ هو فرشتو نظر ايندو هيو. ايترو پيار هن دور ۾ ڪير ڪندو اهو صرف ۽ صرف استاد پيرل مان مليو ۽ استاد پيرل کي به دوستن کان ساڳئي موٽ ملي. سندس اوچتي موت جو جڏهن مون کي پيغام پهتو ته مون پهريائين ان تي اعتبار ئي ڪو نه ڪيو مگر هڪ فاني ۽ بي وس انسان کي موت جو مزو چکڻو آهي. الله تعاليٰ پنهنجن پيارن کي به موت جو مزو چکايو آهي. پيرل جي موت جو ٻڌي سڪتو طاري ٿي ويو سندس موت، سندس يادون، سندس پيار ۽ سندس خيرخواهي هاڻ

Gul Hayat Institute

هڪ ماضي بڻجي ويا. سڀني دوستن ۽ شاگردن سندس مڙهه کي گهوٽ وانگر سينگاري، مٽي ماءُ حوالي ڪيو پر پيرل قمبر اڄ به اسان سان گڏ آهي.

- **مرحوم عبدالغفور شيخ:** منهنجي تربيت ۽ ٽريننگ ۾ مامي عبدالغفور شيخ جو به هٿ رهيو آهي. هو 74_1973 ۾ شهدادڪوٽ ۾ (PSI) Prosecutor sub Inspector طور سول جج ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ۾ فائز هئا. منهنجي ساڻن نسبت ڪري ذهني اوسر ۽ تجربا حاصل ٿيا آهن.

هر روز شام جو مان ساڻس گڏ هوندو هيس. جو تفريح لاءِ نڪري ويندا هئاسون. مامو شهر ۾ ٿيندڙ واقعن بابت ٻڌائيندو هيو ۽ سندس اڳيان ايندڙ مزيدار ڪيسن جي قانوني راين بابت پڻ ٻڌائيندو هيو. ڪيس پنهنجي ڪم ۾ ڪافي تجربو حاصل هيو. ان ڪري منهنجو وقت به ساڻن ڏاڍو سٺو رهيو. سندن بدلي جيڪب آباد ٿي وئي، مگر هو شهدادڪوٽ ايندا هئا، جو مان ڪين اسٽيشن تي ڇڏڻ لاءِ ويندو هيس. هونئن به اسين اڪثر ٽرين ذريعي لاڙڪاڻي ويندا هئاسون. مامي عبدالغفور جي شهدادڪوٽ ۾ پوسٽنگ ڪري منهنجي شهر جي آفيسرن ۽ معززين سان ملاقات ٿي، هو PSI جي نوڪري ڇڏي سول جج ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ ۾ مقرر ٿيا ۽ سندن پوسٽنگ قمبر علي خان ۾ ٿي، جو مان به وڪالت پاس ڪئي هئي. مان سندن صلاح تي سول قانون ۾ وڪالت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. مامي مون کي لاڙڪاڻي جي نامور سينيئر وڪيل مرحوم عبدالغفور پرڳڙي صاحب جي چيمبر وٺي ويا، جو پرڳڙي صاحب مونکي پنهنجي جونيئر جي حيثيت سان ٽريننگ ڏني. مون هڪ سال لاڙڪاڻي ۾ ساڻن وڪالت ڪئي. پرڳڙي صاحب سول قانون جا ماهر ۽

Gul Hayat Institute



تجربيڪار قانوندان هيا.

- **مرحوم عبدالغفور پرڳڙي وڪيل:** محترم عبدالغفور پرڳڙي اصل ڳوٺ پرڳڙي تعلقہ شهدادڪوٽ جا وينل هيا، وڪالت جي ڊگري عليڳڙهه يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. لاڙڪاڻي ۾ وڪالت جو پيشو اختيار ڪيائون. پرڳڙي صاحب انتهائي ذهين، بردبار ۽ همدرد قسم جا انسان هيا. وڪالت کان علاوه لاڙڪاڻو جا سياسي، سماجي ۽ ادبي شخصيت پڻ هئا. لاڙڪاڻو ميونسپل ڪاميٽي جا چيئرمين ٿي رهيا آهن. پاڪستان تحريڪ ۾ حصو ورتائون. قائداعظم محمد علي جناح جي ويجهو رهيا. سنڌ حڪومت ۾ بحيثيت وزير روينيو رهيا آهن. انتهائي نازڪ نفيس ۽ با اخلاق انسان هئا. سندن شاگردن ۾، مسٽر جسٽس راڻا ڀڳوانداس، موهن لال ماڪيجاڻي، محمد بچل ٽونيہ، پرڪاش لال امبواڻي، نرمل داس، مان ۽ ٻيا ناليوارا وڪيل ٿي گذريا آهن. پرڳڙي صاحب ڪيسن جي سلسلي ۾ منهنجي ڪافي تربيت ڪئي. 76_1975ع ۾ سندن اجازت سان آزادانہ طور شهدادڪوٽ ۾ سول قانون جي وڪالت شروع ڪئي.

# وفات نامو

ـ منهنجيءَ ڊائري جي صفحي تي ڪجهه عزيزن جي وفات تي صدمو ٿيو جن جي تاريخ وفات هيٺينءَ ريت آهي. الله تعاليٰ کين جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. (آمين)

- خدابخش شيخ (نانو سائين) 19 فيبروري 1967 بمطابق 8 ذوالعقد.
- سيٺ محمد آچر شيخ ڪارڙائي 23 مارچ 1969ع بروز آچر.
- محمد صفر ولد حاجي خير محمد (ڏاڏو سائين). 30 ڊسمبر 1979.
- مامو غلام الرسول ولد خدابخش شيخ. 24 فيبروري 2007.
- مامو نور محمد ولد بلاول خان شيخ. 01 مئي 1998.
- شهيد مامو الاهي بخش ولد بدرالدين شيخ.1987.
- مامو غلام حسين ولد خدابخش شيخ.11.06.2011
- مامو محمد انور ولد شير محمد شيخ. 15 مارچ 2014
- محمد سچل ولد محمد حسن شيخ (ماسڙ). 10 آڪٽوبر 1995ع سندس گهرواري 21 مارچ 2010
- گل محمد ولد بلاول شيخ (ماسڙ). 12 فيبروري 1984
- بشير احمد ولد گل محمد شيخ (ماسات). 22 جون 2009ع سندن والده 7 نومبر 2008



- حاجي رضا محمد ولد محمد صفر شيخ (والد ماجد) 13 سيپٽمبر 1997 بمطابق 10 جماد الاول 1418 هجري. غلام فاطمه (والده ماجده) 6 ڊسمبر 2009 بمطابق 18 ذوالحج.
- ماستر شمس الدين ولد محمد حسن شيخ. 30.12.1999
- پروفيسر محمد رمضان ولد محمد حسن شيخ. 07.03.2007
- مامو عبدالغفور ولد بدرالدين شيخ. 21 ڊسمبر 2016

Gul Hayat Institute

# انڊونيشيا جون يادون

- تاريخ 29 مئي 2015 اسلام آباد کان انڊونيشيا جي گاڏي واري هنڌ جڪارتا AJAR/USAID پاران انساني حقوقن جي ٽريننگ لاءِ پاڪستاني وفد جي 15 ميمبرن (مون سميت) پهتاسون. جڪارتا جو هوائي اڏو خوبصورت سرسبز ۽ شاداب هيو. بلڪ سڄو ملڪ انڊونيشيا سبز ترين گلن ۽ ڦلن جو ملڪ آهي. جڪارتا جي موسم شهدادڪوٽ لاڙڪاڻي واري لڳي محسوس ٿيو ته پنهنجي ئي شهر ۾ آهيون. ايئرپورٽ کان هوٽل پهچڻ ۾ ساڍا ٽي ڪلاڪ لڳي ويا جڏهن ته بينڪاڪ جي هوائي اڏي کان جڪارتا به ساڳيا ڪلاڪ لڳا. جڪارتا ۾ بدترين ٽريفڪ جام هئي. روڊن کان علاوه فلاءِ اوور به مڪمل پيڪ هئي. خاص ڳالهه جيڪا نوٽ ڪيم سا هئي هتان جي صفائي، گاڏين جون ترتيبوار قطارون، اوور ٽيڪنگ ۽ جلدبازي ڪو نه هئي. علاوه موٽرسائيڪل تي پيلهه سواري به هيلمٽ سان هئي. ڪا به گاڏي چڪڙا ڪو نه مليون هيون سندن ۾ آواز ۽ نه ئي ڪو دونهون هڪ منظم طريقي سان ٽريفڪ جي احترام ۾ هلي رهيون هيون. مون کي جڪارتا جي روڊن تي پوليس نظر ڪا نه آئي. سگنلن جو خاص احترام هيو.

جڪارتا سٽي جا سڀ تجارتي مرڪز، هوٽلون، شاپنگ هال ٺيڪ نائين بجي رات بند مليا. اسان کي ماني کاڌي هئي مگر



ڪنهن به هوٽل، ريسٽورنٽ واري ماني ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ماڻهو انتهائي نازڪ ملائم، ۽ خوش طبع هئا. ڪنهن کي به جوش گارگند ڪرڻ يا تلخ ڪلامي ڪندي ڪو نه ڏٺم. محسوس ٿيو ته انڊونيشيا جي سوسائٽي ۾ هڪ ٻئي لاءِ عزت ۽ احترام جو مادو آهي.

## انڊونيشيا جي آئيني ڪورٽ (Constitutional court)

## جڪارتا

- پاڪستاني ڊيليگيشن هيومن رائيٽس، مشاهداتي دوري دوران آئيني ڪورٽ انڊونيشيا کي ڏسڻ جو موقعو مليو، ليڪچر دوران ٻڌايو ويو ته هيءَ ڪورٽ انڊونيشيا جي صدر ۽ نائب صدر جي حڪمن (Presidential decree) خلاف ڪيسن جي ٻڌڻي ڪري ان کي آئيني يا غير آئيني حڪم قرار ڏيڻ جو اختيار رکي ٿي. هن ڪورٽ سڄوريءَ جا 5 اصول آهن. هن ڪورٽ جا 9 جج صاحبان صدارتي حڪمن خلاف ٻڌڻي ڪندا آهن ۽ فيصلو اڪثريت راءِ سان عمل ۾ ايندو آهي.

- هيءَ ڪورٽ صرف ۽ صرف مٿين مقصد لاءِ قائم ڪئي وئي آهي ته جيئن عام ٻڌڻين ۾ رڪاوٽ پيش نه اچي. مشاهداتي طور تي مذڪوره ڪورٽ سڄوريءَ جي ڪارڪردگيءَ جو عملي مظاهرو ڪرايو ويو ۽ ڪورٽ بابت تفصيلي ليڪچر ڏنو ويو. ان کان علاوه انڊونيشيا جي آئين جون ڪاپيون پڻ ڊيليگيشن جي ميمبرن ۾ ورهايو ويون.

پاڪستاني ڊيليگيشن هيومن رائيٽس پاران سوال به ڪيا ويا جن جو تفصيلي جواب پڻ ڏنو ويو. هيءُ دورو انتهائي مفيد رهيو ۽ بهتر معلومات حاصل ٿي ته ڪيئن آئيني ڪورٽ انڊونيشيا ۾ صدارتي حڪمن خلاف فيصلا صادر ڪري ٿي.

Gul Hayat Institute

## مسجد استقلال

– 29 مئي کان 8 جون 2015 تائين انڊونيشيا جي شهر جڪارتا ۾ تربيتي پروگرام ٿيو جنهن ۾ مونکي به شرڪت ڪرڻ جو موقعو مليو. انهيءَ مسلم ملڪ کي چڱيءَ طرح ڏسڻ ۽ مشاهدي ڪرڻ کانپوءِ مون سوچيو ته پنهنجون يادگيرون "انڊونيشيا جون يادن" جي نالي سان محفوظ ڪيان. مون وٽ لکڻ لاءِ ڪيتريون راهون موجود هيون. پهريون ته تصويرن جي پسمنظر ۾ مان پنهنجي خوشگوار يادگيريون يا تاريخ وار پنهنجي سرگرمين جو ذڪر بيان ڪريان.

– جڪارتا شهر ۾ هڪ بين الاقوامي مشهور معروف عظيم الشان مسجد "مسجد استقلال" موجود آهي. جنهن ۾ هڪ وڏو ڍرم – نغارو ڪاٺ جي چٽڪاريءَ سان خوبصورت فريم ۾ مضبوطي سان جڪڙيل آهي. جنهن کي ماڻهو زور سان وڄائي آذان جي خبر ڏيندا هئا/آهن. اها حقيقت آهي ته مندرن ۾ گهنڊ وڄايا ويندا آهن. ڪليسائن ۾ پڻ اهو رواج لازم آهي پر هيءُ مون لاءِ هي نئون مشاهدو هو ته هڪ تاريخي مسجد ۾ ساڳئي تند تنواري وڄي ٿي ۽ هيءَ هڪ تاريخي حقيقت آهي ته پراڻي زماني ۾ ماڻهن کي آذان جي خبر ڏني ويندي هئي. جيڪا هاڻي شايد ماڊرن سائونڊ سسٽم ڪري گهٽ ٿي وئي آهي. تاهم انهيءَ وڏي ڊڦ وڄائڻ کان ستت پوءِ آذان ڏني ويندي آهي. انڊونيشيا ۾ 5 مختلف مذهب آهن. جن کي هڪجهڙي آزادي مليل آهي. پر هو پنهنجي ذاتي ۽ معاشي زندگي ۾ هڪٻئي سان گڏ رهن ٿا. گڏ اٿن ويهن ٿا. پاڻ ۾ شادي مراديون پڻ ڪن ٿا ۽ خوشحال زندگي گذارين ٿا. نفرت ۽ شدت پسنديءَ کي ان معاشري ۾ ڪا به جاءِ ڪا نه آهي.

## خريف ميلو 2016 صلاله، عمان

– سلطنت عمان جي وڏي شهر صلاله ۾ خريف Kharif Festival



هر سال جولائي 15 کان ٻن مهينن تائين مون سون جي موسم ۾ ملهايو ويندو آهي. ان موسم جو مزو ماڻڻ لاءِ خليج کان علاوه دنيا مان ڪيترائي سياح اچن ٿا. هوڏانهن عمان جي سلطان هز هائيسنس سلطان قابوس پاران صلاله جي تفريحي هنڌن تي آيل مهمانن جي استقبال ۽ انهن جي قيام واسطي وڏا عاليشان ٽينٽ/تنبو رهائشن ۽ آرام لاءِ انتظام، پاڻي، صفائي ۽ هوٽلن جو بندوبست ڪيو ويندو آهي. شهر کان علاوه تفريحي جاين تي صفائيءَ جو عملو هر وقت موجود هوندو آهي. ان ڪري سڄو صلاله صاف سٿرو لڳندو آهي. صحت تي حڪومت جو خاص توجهه آهي. ان ڪري ڪائڻ پيئڻ جون شيون صاف سٿري طريقي سان سجايل ملن ٿيون جيڪي تازيون دنيا جي اعليٰ قسمن واريون وڪرو ٿين ٿيون. سڄي صلاله ۾ مک ۽ مڇر ڏسڻ ۾ ڪو نه آيا. رستا وڏا ويڪرا جتي ٽريفڪ قانون مطابق 100 کان مٿي رفتار سان روان دوان هئي. مون کي پراڻيون ۽ ڪٽارا گاڏيون هلندي نظر ڪو نه آيون ۽ نه وري گاڏين جي هارن جو آواز آيو. هتي اجائي سجائي هارن وڄائڻ تي پابندي آهي. ٽريفڪ جو نظام جديد ريڊارن ۾ مانيٽرن مطابق آهي. ٽريفڪ قانون جي ڀڃڪڙي تي وڏا وڏا ڏنڊ وصول ڪيا وڃن ٿا ان ڪري معاشرو هڪ منظم طريقي سان هلي رهيو آهي. روڊ/اسٽريٽ لائيٽ شهر کان علاوه سڄي ملڪ جي ڀراڙين ۽ جبلن جي آخري چوٽين تي موجود آهي. ان ڪري صلاله جڳ مڳ روشن رهي ٿو. مون کي صلاله ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي ته سلطان قابوس پنهنجي سلطنت کي ڪيڏي نه ترقي وترائي آهي. ۽ قانون جي پابندي ڪرائي آهي.

– مون کي ريس اچي رهي هئي ته منهنجو ملڪ پاڪستان، ان جا سڀ صوبا ۽ سنڌس ڀراڙيون جهنگ جهر، ميدان، پٽ، برپٽ به جيڪر

Gul Hayat Institute

ائين صاف، سٿرا، جڳ مڳ، روشن، پرامن ۽ قانون جا پاسدار ٿي پون.

– صلالہ هن موسم ۾ جنت جو منظر پيش ڪري رهيو هيو. منهنجو فرزند خان ڪاشف جيڪو اتي انجنيئر آهي، ان مون کي ڪافي دفعا عمان ڏسڻ لاءِ چيو مگر هن دفعي سندس دعوت تي ويس، جو مون اتي 20 ڏينهن قيام ڪيو جنهن دوران سج جي روشني ڪو نہ ڏٺي، سنهي سنهي بوندا باندي، جهڙ، هوا ڏاڍو تازو توانو ڪري ڇڏيو. ايئرپورٽ کان ڪاشف صاحب جي رهائش تائين چوطرف ساوڪ ۽ ساوڪ هئي. وڏن ويڪرا صاف رستن تان گذري شهر ۾ وياسين جيڪو هڪ ترتيب وار بغير ڪنهن شور شرابي جي هلي رهيو هيو. گويا صلالہ آيل مهمانن جي آمد جو منتظر هيو.

– انجنيئر خان ڪاشف پهرين ڏينهن صلالہ جي سياحت لاءِ جبل شير جي سياحت ڪرائي. صلالہ شهر کي ڇڏي جڏهن جابلو علائقي ۾ وڃي رهيا هئاسون تہ موسم ۾ فرق اچي ويو. بوندا باندي ۽ ڪڪرن ۾ اسانجي گاڏي پنهنجي هيڊ لائيٽ سان ڪين پري ڪري رهي هئي، بهترين روڊ چوطرف سرسبز گاهہ ۽ ٻوٽن مٿان ڪڪر شبنم ڇٽڪار ڪري رهيا هئا جيڪي موتيءَ جي داڻن وانگر چلڪي رهيا هئا. اسين هڪ سرسبز ٽڪر تي ويٺاسون. هر طرف سياح موسم جو مزو وٺي رهيا هئا. ڇٽاين ۽ ڪرسين تي ويهي قدرت جي نظاري جو درشن ڪري رهيا هئا ۽ ان حسين منظر جي ڦوٽوگرافي ڪري رهيا هئا. اسين بہ ترسي نہ سگهياسون، انهن سياحن وانگر هڪ سرسبز هنڌ تي ويهي قدرت جو نظارو ڏسي رهيا هئاسون. هي منظر تہ نہ هيو ڄڻ جنت جو سمان. جيئن تہ منهنجي حڪمت ۽ پنسار سان واسطو رهيو آهي ان ڪري هتان جي گلن ڦلن، گاهن ۽ ٻوٽن جو جائزو ورتم ۽ انهن مٿان قدرتي شبنم کي پنهنجي آڱرين



سان ڇهيم، جنهن جي ريشمي ٿڌاڻ خوشي ڏياري رهي هئي. شبنم چوطرف تجلا ڏئي دل موهي رهي هئي. مون سوچيو تہ شبنم ڪيڏو نہ سٺو نالو آهي. شير جبل جي هن دلڪش ۽ دلفريب سرزمين مان ڏاڍو لطف اندوز ٿياسون. مون هت مينهن وسائڻن کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي، ان ڪري هڪ گهاٽي علائقي ۾ هليو ويم جت سنهي بارش ۾ مينهن وسائڙا سرخ چاڪليٽي رنگ ۾ اڏندي ڏٺا. هڪ هنڌ تي ڪجهہ پکين جون پڪارون ٻڌم. مون سمجهيو تہ هتي بلبل بہ هوندي مگر نظر نہ آئي. جبل شير ۾ ڪڪرن جي ڏنڊ ڪري ڪڏهن ڪڏهن اونداهي تہ ڪڏهن ڪجهہ روشني ٿي رهي هئي جو اسين هڪ ٻئي کي ڏسي خوشي محسوس ڪري رهيا هئاسون. مون موقعي جو فائدو وٺندي پنهنجي موبائيل جي ميوزڪ پروگرام مان لتا منگيشڪر جا گانا هلايا "برسات میں تم جو ملے". جنهن ايترو تو مخمور ڪري ڇڏيو جو ڄڻ هن موسم تي شاعر شعر لکي لتا کي ڏنو هجي ان ڪري لتا کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪيم مگر هتي تہ ڪيترين ئي لتائون ۽ رفيع هئا جيڪي پنهنجي پنهنجي ڌن ۾ مگن هئا. سياحت اسين غريب ملڪن جا ماڻهو تہ ڪري نٿا سگهون پر هن نعمت کي آسودن ملڪن جا ماڻهو مزو ماڻي رهيا هئا.

– صلالہ کي نبين جي سرزمين بہ چيو وڃي ٿو. هي سامري جادوگر جو بہ گهر آهي. سندس اوپر ۾ سامريءَ جو ڦٽل قلعو موجود آهي. سامريءَ لاءِ مشهور آهي تہ هو وڏو جادوگر هيو سندس ذڪر قرآن مجيد ۾ بہ آهي. فرعون، حضرت موسيٰ جي معجزن کي جادو سمجهندو هيو، ان ڪري هن سامري جادوگر کي گهرايو هيو تہ هو حضرت موسيٰ جي جادوئن جو مقابلو ڪري.

– سامريءَ لاءِ مشهور آهي تہ هو عورتن تي جادو ڪندو هيو ۽

Gul Hayat Institute

سندن پيرن جي مٿيءَ تي عمل ڪندو هيو. ان ڪري عورتن جو هٿ لباس سندن پيرن کان هيٺ، زمين تي گسندڙ ڪيو ويو ته جيئن سندس گهمڻ سان پيرن جا نشان ڍڪجي وڃن.

– نبين مان حضرت ايوب عہ ۽ حضرت عمران عہ جا مقبرا آهن، جتي سندن زيارتون ڪيون وڃن ٿيون. عمان جي بادشاهه قابوس جي نالي صلاله جي 23 جولاءِ اسٽريٽ تي هڪ عاليشان جامع مسجد، مسجد قابوس آهي، جيڪا پنهنجي سونهن ۽ حسن ڪري صلاله جي خوبصورتي ۾ اضافو ڪري رهي آهي. هن مسجد ۾ جمعي جي نماز جو شرف نصيب ٿيو سندس اڏاوت عربي فن تعمير تي هئي، تمام گهڻي جماعت هئي. ماڻهو آرام اطمينان سان نماز ۾ مشغول هئا. امام صاحب عربي ۾ جوشيلي انداز ۾ تقرير ۽ خطبو ڏنو جيڪو مان ته سمجهي نه سگهيم، چاڪاڻ ته "*زبان يار من ترکی و من ترکی نمی دانم۔*" نماز جي اختتام بعد ماڻهو ٻاهر نڪري هليا ويا ڪين جُتين چورائڻ جو ته ڪو فڪر ئي ڪو نه هيو. اسان وٽ جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کان پڇيو ويو هيو ته هو مسجد ۾ نماز ڇو نه ٿو پڙهي ته هن جواب ڏنو ته جي جُتي لاهي مسجد ۾ نماز ٿو پڙهان ته جُتي ٿي چورائجي وڃي، پر جي جُتي ڪٽي مسجد ۾ ٿو وڃان ته نماز ٿي وڃي. هر ملڪ ۾ پنهنجو رواج آهي. اسان جي ملڪ ۾ هڪ دفعي نماز کان بعد جڏهن جماعتي مسجد کان ٻاهر آيا ۽ ڏٺائون ته سيني جون جُتيون چورايل هيون، ان ڪري سڀ ماڻهو پيرن اگهاڙا هليا ويا، پر انهن مان هڪ کي خيال اچي ويو جو هن بيٺل گارڊ کان پڇيو ته تون ڀلا ڪاٿي هئين جو تنهنجي موجودگيءَ ۾ چوري ٿي آهي؟ ڪوجنا بعد معلوم ٿيو ته اصل جُتين جو چور هو ئي هيو "جَوَ ديري گڏه رکپال". اسان کي مسجدن جي حرمت ۽ عزت جي به پرواهه ڪا نه آهي. اسين دنيا کي ڪهڙو



پيغام ڏئي رهيا آهيون. اهو ته اسان وٽ پيئڻ لاءِ گلاس کي به زنجير هنيو وڃي نه ته چوري ٿي ويندو ۽ مسجدن ۾ جُتيون اندر ڪٽي وڃون نه ته هونديون ئي ڪو نه! ڀلي ڇو نه مسجد ۾ گند ۽ ڌپ ٿئي.

– صلاله جو سٽي سينٽر هڪ وڏو خريداري جو مرڪز آهي. ان مال ۾ گهمڻ وياسون. ڪجهه خريداري به ڪيم. جو سامان ٽرالي ۾ ڪٽي ٻاهرين منظر مان لطف اندوز ٿيڻ ۽ چانهه پيئڻ لاءِ هڪ رنگين ڦوهاري اڳيان گولائي تي ٽهيل دڪين تي ٻين ماڻهن سان ويناسين. پر منهنجي نظر پنهنجي سامان ۾ هئي ته متان ڪو ٽپ نه ڏئي وڃي، ان ڪري خان ڪاشف کي چيم ته چانهه ته پي رهيا آهيون پر ائين نه ٿئي جو سامان ڪو چورائي وڃي. هن ڪلي مون کي اشارو ڪري چيو ته ڏسو سيني ماڻهن جا سامان ٽرالين ۾ پيل آهن. هتي ڪنهن کي جرئت ڪانهي جو چوري ڪري، جو مون اهي پريل ٽرالا ائين بيٺل ڏٺا ۽ پوءِ يقين ٿيو ته هتي چوري ڪا نه ٿيندي ان بعد مان نه سامان جو خيال ڪيوءَ نه ئي وري جُتي مسجد ۾ ڪٽي وڃڻ لاءِ سوچيم.

– عربن جو اهو رواج ڏٺم ته هو هڪ ٻئي سان ڪلي چميون ڏئي مسڪرائي ملي رهيا هئا، جيڪو ڏسندي ڏاڍو سٺو پيو لڳي. اسان وٽ ته هڪ ٻئي کي سرِعام چميون ڏيڻ ڏوهه آهي. البته عورتن ۾ اهو رواج آهي ته هڪ ٻئي سان ائين ملن ٿيون. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ ان طرز استقبال تي اجان قلم ناهي کنيو ته اهو رواج ڇڙو عربن ۾ ڇو آهي؟

## وادي دربت تقاه جو سير

– تقاه واديءَ جو سڄو رستو مري جبل جهڙو لڳو جنهن کي لتاڙي هڪ پرفريب واديءَ ۾ پهتاسون. ماڻهن جي رش هن واديءَ کي جرڪائي ڇڏيو هيو. اسين واديءَ جي شفاف پاڻي ۾ ٻيڙيءَ تي سير ڪيو ۽ حسين منظرن کي ڪئميرائن ۾ محفوظ ڪيو. دربت واديءَ

Gul Hayat Institute

جي سير فرحت ۽ سڪون مهيا ڪيو. واديءَ جي بلند پهاڙ جي ساوڪ ايترو تازو ڪري ڇڏيو جو هتان نڪرڻ مشڪل ٿي پيو. آخر هن حسين وادي کي ڇڏي روات جي ڪشادن رستن کي پار ڪري عمان جي قديمي ماڳ تمرهم ڪوراري تي پهتاسون، جيڪا پراڻي تهذيب آهي. هي علائقو هڪ ماڻري آهي، جيڪا عربي سمنڊ جي ڪناري تي واقع آهي. سمنڊ جي سيرن ۾ مستي ۽ جوش هيو. هي خاموش ماڻري عمان جي تهذيب کي اجاگر ڪري رهي هئي، ڦتل جايون، ٽڪاٽا، واپاري مرڪز، استور ۽ ٻيا هنڌ ظاهر هئا. هتي پاڻي جي نيڪال جو سرشتو پڻ ظاهر هيو. روايتن مطابق عماني پهريان هتي آباد ٿيا، ان بعد سڄي عمان ۾ پکڙجي ويا. هتان عربي سمنڊ جي گهرائي نظر اچي رهي هئي. هتان جا رهاڪو وڏن ٻيڙن ۾ مڇيءَ جو شڪار ڪندا هئا، جيڪواڄ به سندن روزگار آهي، هي سامونڊي ٻيڙا ٺاهڻ جا ماهر آهن. سمنڊ جي تيز رفتار ڇولين ۾ ڪيترائي قيمتي پٿر، جواهرات ۽ نگ ٻاهر نڪري رهيا هئا. جو سياح انهن کي هٿ ڪن ٿا. مون کي شاهه صاحب جو شعر ياد آهي.

سيوا ڪر سمنڊ جي جت جر وهي ٿو جال،
سوين وهن سير ۾ ماڻڪ موتي لعل،
جي ماسو مليءَ مال ته پوڄارا پر ٿئين.

روايتن مطابق هن ماڻريءَ تي حضرت بيبي بلقيس رضہ جي حڪومت هئي، جنات ۽ ديون جو آستانو آهي. سمنڊ قدرت جي قيمتي مال سان مالامال آهي. هي ماڻهن کي خوراڪ، ڌن دولت ۽ مايا مهيا ڪري ٿو ۽ زندهه رهڻ جو درس ڏئي ٿو. هن وادي جي سير کان معلوم ٿيو ته هي واپاري ۽ تجارتي مرڪز هيو ان بعد جبل جي چوٽيءَ ڏانهن وياسين جتي وڏا پرڪشش منظر هئا. چوطرف صلاله نظر اچي



رهيو هيو. روايتن مطابق هتان جون مٿانهيون چوٽيون ديون ۽ پرين جو آستانو آهي، ان ڪري رات جي مهل رهڻ جي منع آهي. هتي پکي پکڻ ولرن جي صورت ۾ نظر آيا، اُتن جا وڳ ۽ سندن منفرد ٻڪن جي آوازن سان منظر ۾ نئين لهر ٻڏجي رهي هئي. اوٺي رنگن وارن جبلن ۾ اٺ ماما نظر اچي رهيا هئا. هتان جي ماڻهن لاءِ اُٺَ، سير سياحت کان علاوه سندن خوراڪ جو ذريعو پڻ آهي. هتان جي ماڻهن جو هي جانور پسنديده ۽ گهريلو جانور آهي، سندس چال چلت هلڻ، ٻڪڻ ۽ گهمڻ تي ناز ڪن ٿا. اُٺ هتان جو قومي جانور آهي، هي جانور پنهنجي سونهن، قد ڪاٺ جي حساب سان ملهه ڪري ٿو.

## مغسيل (Maghsail) علائقي المنريف غار جو سير

- صلاله جو مغسيل پهاڙي علائقو عربي سمنڊ جي ڪناري مٿان المنريف غار Manreef Cave جي نالي مشهور آهي. هن تاريخي حامل مڪان کي ڏسڻ لاءِ خان ڪاشف جي گاڏي ۾ وياسين. صلاله جي سرزمين خريف جي موسم Kharif Season ۾ سرسبز هئڻ ڪري پنهنجي حسن جي جهلڪ ڏيکاري رهي هئي. المنريف غار جو سمورو رستو ڪڪرن جي ڌنڌ لاڻ ۾ ڍڪ هيو. هي هڪ ماڻري لڳي رهي هئي، جيستائين نظر ڪم ڪري رهي هئي، سڄو علائقو ۽ پهاڙون سرسبز شبنمي موتين سان سرشار هيون. ڪيترائي سياح مزو ماڻي رهيا هئا. سمنڊ وڏي جوش ۾ هيو. سندس تيز رفتار لهرون ڪنارن سان ٽڪرائي وڏي مستي ۽ آواز سان اسان کي وهنجاري وڃن پيون.
- المنريف غار جي قدرتي ڪٽائي ڏاڍو متاثر ڪري رهي هئي. ڪيترائي ماڻهو ان غار کي ڏسڻ لاءِ اندر وڃي رهيا هئا. ماڻهن ۾ وڏي خوشي ۽ سڪون نظر اچي رهيو هيو. غار جي ڪناري تي هڪ وڏي بورڊ تي محڪم توريزم صلاله عمان طرفان هينئنءَ طرح لکيل هيو.

Gul Hayat Institute

Take nothing but memories,
Leave nothing but foot prints,
Enjoys your visit to Manreef Cave.

– جبلن جي ڪنائيشير جي شڪل جهڙي هئي، ان جي پرسان سندس سوڙهي رستي ڪي لتاڙي ميدان ۾ پهتاسون. ڪجهه هنڌن تي قدرتي آبشار زوردار آواز سان سياحن جو توجهه پاڻ ڏانهن ڇڪائي رهيا هئا. هي عجيب قسم جو آواز هيو ويتر سمنڊ جي گجگوڙ هڪ آلاپ آلاپي رهيو هيو. ٻي طرف وري ڪجهه سياه سمنڊ جي ڪنارن تي لهرن جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هيا ۽ لهرن وڃڻ بعد قيمتي پٿرن جي تلاش ڪري رهيا هئا، جن ۾ موتي، سپيون، عقيق، مرجان ۽ ٻيا قيمتي ننڍا وڏا پٿر ملي رهيا هئا. قدرت سمنڊ کي ناياب ۽ قيمتي شين سان مالامال ڪري ڇڏيو آهي. مون کي ان وقت شاهه لطيف جو شعر ياد آيو.

سيو اڪر سمنڊ جي جت وهي ٿو جال،
سوين وهن سير ۾ ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو ملئي مال ته پوجارا پر ٿيئن.

– سمنڊ ميڇين، قيمتي پٿرن، موتين، لعلن سان مالامال آهي، جيڪي سمنڊ مان فائدو وٺن ٿا، انهن کي وڏي مايا ملي ٿي. صلاله جو هي عربي سمنڊ ڀرپور ۽ وڏي جوش ۾ رهي ٿو. ان ڪري سياحن جي تفريح جو وڏو مرڪز بڻيل آهي. هن تفريحي ماڳ تي حڪومت عمان جو توجهه ائين پيو نظر اچي جيئن ڪنهن ڪنوار جو توجهه پنهنجي سينگار تي هوندو آهي. سڄي ساموندي پٽي روڊ، رستا صاف سٿرا، ترتيب وار آهن ۽ بجلي سان روشن رهن ٿا.

## العين Al_Ayn

– صلاله جي سبز جابلو چوٽين ۾ واقع قدرتي آبشار العين نالي



مشهور تفريحي جاءِ آهي. صلاله سٽي کان مٿانهين تي وڃڻ سان ٺي ڪڪرن سان ملاقات ٿي. 30/40 ڪلوميٽر سڄو رستو سنهڙي بوند ۽ ڪڪرن جي ڏنڊ سان ڀرپور رهيو. سڄو جبل ماڻهن، عورتون ۽ ٻارن سان ڀر هيو. چوطرف حسين پهاڙون ۽ پٽ سرسبز شاداب هئا.جبلن کان هيٺ قدرتي چشمن کان پاڻي وهي رهيو هيو تيز صاف، شفاف پاڻي هن منظر جي حسن کي وڌائي رهيو هيو. خريف جي موسم ڪري هتان جي جابلو سرزمين جيڪي ڳاڙهي مٽي قدرتي ساوڪ کي جنم ڏئي رهي هئي.صلاله جي ٽنهي طرفن کان جابلو سلسلو آهي ۽ سندس اولهه ۾ سمنڊ آهي.

اين_ زات، صلاله سٽي جي طرف هڪ چشمي جي پر رونق پوائنٽ جو نالو آهي. هت به سرسبز جبلن جي چوٽين جي وچ ۾ قدرتي چشما موجود آهن ۽ هڪ غار آهي، چوڌاري ساوڪ ٺي ساوڪ آهي ويتر سنهڙي ڦوهار گاهن، ٻوٽن مٿان شبنم پنهنجو جادو ڳائي رهي هئي. مان انهن ساون ٻوٽن ۽ نازڪ گاهن مٿان شبنمي موتين کي آڱرين سان راند ڪري رهيو هيم. جيڪي منهنجي آڱرين کي ٿڌو ۽ ملائم ڪري رهيا هئا. ان گاهن ۾ ڪنهن ڪنهن هنڌ ڏاٽن جون وليون به نظر آيون. جيڪي پنهنجي پيني پيني خوشبو محسوس ڪرائي رهيون هيون. چشمن مان صاف ۽ شفاف پاڻي ٿڌڙو ۽ منڙو وڏي آواز ۽ ساز سان نڪري رهيو هيو جو سڄي وادي ان موسيقي سان گونججي رهي هئي. سنهڙا ميڇر ۽ جيت چڪي رهيا هئا. مگر سندن چڪ هتان جي حسن ۽ سونهن کي برداشت ڪيون پيا. هت ميڇرن کان بچاءَ لاءِ ماسپل ڪريم وڪرو ٿي رهي هئي. سياح اهي عام استعمال ڪري جيتن کي ڀڄائي پنهنجو مزو ماڻي رهيا هئا. جبل جي چوٽيءَ تي هڪ قديمي غار کي ڏسڻ لاءِ هڪ ور وڪڙ واري ڏاڪڻ

Gul Hayat Institute

ٺهيل هئي، جتي ويهڻ لاءِ انتظام پڻ هيو. غار اندر ٻن ڪٽن جيترو ٺڪر ٺهيل هيو. جنهن جي جابلو پٿريلي ڇت ۽ سامهون قدرتي منظر هت رهڻ لاءِ مجبور ڪري رهيو هيو. ڪي ڪي سياح تہ وري پنهنجا نالا يادگار طور لکي رهيا هئا ۽ تصويرون پڻ ڪڍي رهيا هئا. هي منظر قدرت جي جمال جو شاهڪار هيو. هت چشمن جي پاڻي کي هڪ منظم طريقي واهن ۽ نالن ذريعي آبادي لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي. هي پاڻي سلطان قابوس جي فارمن ۽ ٻين فارمن لاءِ استعمال ٿي رهيو هيو. جنهن تي سبزي ۽ فروٽ ٿئي پيو. هت ناريل وڏي تعداد ۾ پيدا ٿي رهيو هيو. هتان جا ماڻهو ۽ سياح تازي ناريل جو پاڻي پي رهيا هئا ۽ ان جي نرم ملائم ڳر کائي رهيا هئا. ناريل کان علاوه چڪون ۽ ڪيلا ملن پيا. صلالہ جي آبادي تقريبن 25 لک ماڻهن تي مشتمل هئي. هتان جا عماني عرب دور دراز علائقن ۾ پنهنجي قبيلن ۽ ڪٽنبن سان رهائش پذير آهن. هت سڄي دنيا کان ماڻهو اچي ملازمت ڪن ٿا.

– گل محمد بلوچ سان ملاقات لاءِ ۽سندس جڳهہ تي وياسون. لاڙڪاڻي جو هي باشندو سالن کان هت پنهنجي خاندان سان آباد آهي. هڪ فقير منش همدرد انسان آهي. يار ويس دستر خواني جو ڪشادو دوستن جو دوست آهي. هت سلطان جي شاهي سيڪيورٽي ۾ ملازم آهي. پاڪستان جي باشندن جو سفير لڳي رهيو هيو. صلالہ جي سرزمين تي هي پاڪستاني ۽ عمان دوستي جي علامت آهي.ساڻس ملي ۽ ڪچهري ڪري خوشي ٿي، سندس مهمان نوازي مان سنڌ جهڙي سڪ ملي، اتي آيل ڪجهہ سنڌي دوستن سان ملاقات پڻ ٿي.

## حضرت ايوب ء جي مزار جي زيارت

– پيغمبر خدا حضرت ايوب ء جي مزار مقدس جي زيارت



واسطي اسين صلالہ جي مٿاهين جابلو چوٽي ڏانهن وياسين. جبل تي چڙهڻ سان ئي موسم جهڙپالي ۽ خوشگوار ٿي وئي هئي. ٿڌڙي ٿڌڙي مزيدار هوا لڳي رهي هئي. چوطرف ساوڪ جابلو رستو مريءَ جي جبلن وانگر هيو. ڪڪرن ۾ اسين حضرت ايوب ء جي دربار ۾ حاضري ڀري فاڳ ريسٽورنٽ ۾ ٻاهر قدرتي نظارن ۽ گهاٽن بادلن ۾ چانهہ پيئڻ جو مزو ماڻيوسون سياح مسڪراهٽن سان هن، حسين نظارن مان خوب مزو ماڻي رهيا هئا. مايوسي ۽ اداسي جو گويا هي نظارو ڪو علاج هيو. آوارا ۽ آزاد بادل اسان کي پاسا هٽي پڄي رهيا هئا جو مان بہ ڪين پوپٽ وانگر پڪڙي رهيو هيم. صلالہ ۾ اچڻ سان جن شين کي ڏسڻو هيو ان مان هي بہ مون لاءِ يادگار هيو.

خدا جو نبي حضرت ايوب ء هڪ عظيم شخصيت جو مالڪ آهي، دنيا جو صابرين انسان، مشڪلين سان منهن ڏيڻ وارو، جنهن پنهنجي جسم مان هر ڪري پوندڙ جيت کي بہ ڪٽي پنهنجي جسم جو گوشت ۽ رت کارائيندو هيو، هو ان درد، الم ۽ تڪليف ۾ پنهنجي رب جي تسبيح ڪندو رهيو.

رَبَّهُ أَنِّي مَسَّنِيَ الضُّرُّ وَأَنتَ أَرْحَمُ الرَّاحِمِينَ

اهڙي اعليٰ مرتب واري صابرين نبيءَ جي حاضريءَ لاءِ ڪشالا ڪڍي ڪيترائي انسان آيل هئا. هي حسين علائقو پرسڪون ۽ خاموش علائقو نظر آيو. مسجد کان بعد سندن مقبرو هيو. سندن وڏي قبر مٿان سائو غلاف وڏو رعب پکيڙي رهيو هيو. سندن مٿانهينءَ کان پٽ تي مٿين دعا ۽ مرحبائي قطبہ نصب ٿيل هيو. مان سندن پيرانديءَ کان هن صابرين نبي تي دعا گهري ۽ ٻاهر نڪرڻ تي سندن پير جي نقش جي زيارت ڪئي ۽ ان چشمي ڏانهن هيٺاهين تي ويندڙ رستو

Gul Hayat Institute

ڏنو جتان کين شفا ملي. بيشڪ الله تعاليٰ بندي لاءِ شفا جو طريقو رکيو آهي. چوندا آهن تہ صبر تہ حضرت ايوب جهڙو. خدا پنهنجي حڪمت کي پاڻ ٿو ڄاڻي، ڪنهن کان ڪهڙو تہ ڪنهن کان ڪهڙو امتحان ٿو وٺي. بار ڪٽندا باري ناهي ڪم ڪچن جو. الله تعاليٰ پنهنجي پناهہ ۾ رکي شل نہ ڪو امتحان مولا وٺي، هيءَ هڪ مقدس جڳهہ آهي. هتي روحاني سڪون مليو هتي هر روز هن عظيم پيغمبر جي زيارت ڪئي وڃي ٿي

ساري راتِ سُبحانُ جن، جاڳي جَنِ ياد ڪِيو.
اُنِ جِيءَ عبداللطيف چئي، مِٽِيءَ لَڌو مانُ.
ڪُوڙيين ڪَنِ سَلامُ، آڳهِ اَچِيو اُن جي.

ٿڌ ۾ ڪوهيڙي ڪري بادل اونداهي ڪنيون اچن پيا، جنهن سبب سڄو سمان اونداهون ۽ وري روشن ٿي وڃي پيو اهڙي ڀروپي دلفريب موسم جي ڪيئن نہ واکاڻ ڪجي. سمورو جبل جڙين ٻوٽين گاهن ۽ گلن ڦلن سان ڇانيل هيو جڻ ڪنهن هٿ سان سائو غلاف چاڙهي ڇڏيو هجي. سڄو رستو ور وڪڙ بادلن جي ڏنڏلاهٽ سبب اونداهون هيو جتان خان ڪاشف جي گاڏي آهستي آهستي جبلن جي مٿانهين کي پار ڪري هيٺ وڃي رهي هئي. گاڏين جو قطارون ۽ هيڊ لائيٽن جي روشني سبب سڄو رستو روشن هيو هيٺ لهڻ سان ئي مٿانهون منظر ۽ موسم تبديل ٿيندي وڃي پئي. خريف جي موسم صلالہ جي قدرتي سونهن کي دوبالا ڪري رهي هئي. هتان جي حڪومت عوام جي وڏي قدردان ۽ رکوالي آهي. هت انسان جو قدر ۽ سندن اهميت جي خبر پوي ٿي. عمان ۾ تفريحي هنڌن تي ڪا بہ ٽڪيٽ ڪو نہ آهي. عوام جي سهوليت خاطر مفت رهائشي ڪئمپون ساڳن اگهن تي ڪائڻ پيئڻ جون شيون عام واپاري بہ فراهم ڪري رهيا هئا.



صفائي جو عملو جهرجهنگ ۾ ڏٺم. گهڻي برسات ۽ جهڙالي موسم ڪري هت وڻ ڪارا هئا ۽ سندن ٿڙن تي ساوين تازون جڙيون ٻوٽيون چنبڙيل ڏٺم. عجيب قسم جا ٻوٽا ۽ وليون نظر آيا، جيڪي قدرت جا انمول خزانہ آهن. چشمن جو شفاف پاڻي تيزي ۽ رواني سان نڪري رهيو هيو. آگسٽ جي موسم ڪري سمنڊ بہ پنهنجي مستيءَ ۾ مگن هيو تيز رفتار ڇولين ڪري عوام کي سمنڊ ڏانهن وڃڻ جي اجازت نہ هئي. هتان جي سمنڊ جو ڪنارو صاف سٿرو هيو. اٿ ۽ تفريحي گاڏيون ڪنارن سان هلي رهيون هيون ۽ ماڻهو تفريح خاطر ڪنارن مٿان مزو ماڻي رهيا هئا. ٻي طرف وري ناريلن جي وڻن ۽ بجليءَ جي ٿنين جون قطارون هيون. رات جي وقت بہ صلالہ ۾ ڏينهن لڳي رهيو هيو جيڪو سير ڪندڙن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪري رهيو هيو.

## حضرت نبي عمران ع

ـ حضرت نبي عمران ع جي مزار/ مقبرو ۽ مسجد صلالہ جي شهر ۾ واقع آهي. هي علائقو نبي عمران ع سان مشهور آهي. مغرب جي نماز پڙهڻ بعد زيارت لاءِ وياسون. زائرين جي ڪافي حاضري هئي. هي تاريخي قبرستان آهي. جنهن ۾ هڪ وڏي ڊگهي قبر مبارڪ، جنهن مٿان سائو غلاف چڙهيل هيو. نبي عمران ع جي قبر مبارڪ ٻڌائي وڃي ٿي. دعا بعد سندن مقبري کي ڏٺم. ٻڌايو ويو تہ هت حضرت هود ع ۽ حضرت صالح ع جون قبرون پڻ آهن. صلالہ نبين جي سرزمين آهي. ٻڌايو ويو تہ هر مصيبت ۽ مشڪلات کان محفوظ شهر آهي.

Gul Hayat Institute

# حج بيت الله

**حج جي سعادت 24 آگسٽ 2015_ 28 سيپٽمبر 2015**

اسلام جو پنجون رڪن حج آهي، جيڪو الله تعاليٰ صاحبِ حيثيت ماڻهن لاءِ فرض ڪيو آهي. زندگيءَ جو پهريون دفعو حج فرض آهي، باقي ٻيا، ڪيترا به نفلي حج جو درجو ماڻن ٿا. اسان جي خاندان مان پهريون حج منهنجي پڙڏاڏي خير محمد شيخ پنساري ڪيو ۽ منهنجي سانيڙ ۾ حج چاچي، مرحوم حاجي محمد سومر شيخ ڪيو. ان وقت آءٌ شايد پرائمري جو شاگرد هيس. بابا سائين ٻڌايو ته حاجي محمد سومر پنهنجي پوري خاندان سان حج لاءِ ويو آهي. ان وقت حج ڪرڻ ۾ چار پنج مهينا لڳي ويندا هئا. حج پيدل، اٺن، گهوڙن ۽ گڏهن ۽ بسن ذريعي ڪيو ويندو هيو. حاجي محمد سومر پنهنجي سفر جو داستان عجيب ٻڌايو هيو ته هو مائٽن مٽن کان روئي موڪلائي مقدس سفر تي پاڻ سان گڏ سامان، پئسا ۽ کاڌي پيتي جون شيون کڻي نڪتا. بس ذريعي سفر ڪيائون. صحرائي سفر، پٿريلو ريگستاني منزلون ڪندا عراق، شام، بغداد کان مڪي ۽ مديني لاءِ هلندا رهيا، جت رات آئي طنبو هڻي رات گذر ڪيائون ۽ صبح جو وري هلي پيا. جهر جهنگ سفر ڪندا رهيا، ڪڏهن اهڙي به



صورتحال به پيش آئي جو ڦورن جو شڪار به ٿيا، بيمارين، تڪليفن، خشڪين جي پرواهه نه ڪندي پنهنجي روحاني سفر کي جاري رکيو. هي ته اهو زمانو هيو، جڏهن سفر جون آسان سهوليتون ميسر ڪو نه هيون، پوءِ به تڪليفن کي برداشت ڪري حج ڪيا ويندا هئا.

14 سيپٽمبر 1980 منهنجو والد ۽ امڙ حج بذريعه بحري جهاز ذريعي ڪيو. جيڪو ست ڏينهن سمنڊ ذريعي ٿيندو هيو. منهنجي والدين ٻڌايو ته جڏهن بحري جهاز ڪراچي کان سعودي لاءِ هليو ۽ وچ ۾ آيا ته سمورا ست ئي ڏينهن چوڌاري پاڻي ۽ مٿان آسمان هيو. وهيل مڇيون سندن جهاز سان هلنديون رهيون. ڪي ڪي حاجي سندن پنين تي هٿ ڦيريندا هئا ۽ ڪي وري ٽپي سندن جهاز ۾ به اچي وينديون هيون. سمنڊ ۾ ڪڏهن ويرون، طوفان ته ڪڏهن گجگوڙون هونديون هيون. زبان تي لبيڪ اللهم لبيڪ جو ورد.....الله جي عبادت ۽ درود، ورد ۽ وظيفا جاري هوندا هئا. واه جو هي به روحاني سفر هيو. بابي جي خطن جو انتظار ڪندا هئاسون، جنهن ۾ تفصيل سان حال احوال هوندا هئا، جو مان پڙهي سڀني ڀاتين کي ٻڌائيندو هيس.

اڄ جي دور ۾ ڪي مجاهد پيدل ۽ بحري جهازن ذريعي حج به ڪندا هوندا. مگر هاڻي اها عام سهوليت هوائي جهازن ذريعي موجود آهي. جهاز به 24000 فوٽ جي بلنديءَ تي اڏامي سعودي عرب ۾ لهي ٿو. مون 2014 ۾ حج جي نيت ڪئي، پاسپورٽ ٺهرايا، مڪمل تياري ڪئي، مگر هڪ شيخ ايجنٽ جي ڏوڪي تحت آخري جهازن جي ٽڪيٽن ڏيڻ تائين آسرا ۽ ٽڳيون ڪندو رهيو. انڪري 2014 ۾ حج نصيب نه ٿيو جنهن جو صدمو رهيو. آخر سال 2015 ۾ الله تعاليٰ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جو موقعو عطا ٿيو. رب جو وڏو احسان ٿيو جو

Gul Hayat Institute

مون ناچيز کي پنهنجي زندگي جي ساٿيءَ سان حج جي سعادت نصيب ٿي. بيشڪ خوشنصيب آهن، اهي مسلمان جيڪي حج جي سعادت لاءِ روحاني سفر ڪن ٿا. بس الله جنهن کي چاهي ان کي اها سعادت نصيب ٿئي ٿي، حج دولت يا پئسي سان نه مگر الله طرفان حڪم مطابق ٿئي ٿو.

حج جو سفر عظيم سفر آهي، ان جي تياري، ترتيب ۽ تربيت به مختلف آهي. حج جا ڪھڙا احڪام آهن. ان لاءِ ليڪچر ڏياريا وڃن ٿا ۽ معلومات پڻ فراهم ڪئي وڃي ٿي. ان جي تجرباتي ٽريننگ مون جڪارتا جي مسجد استقلال ۾ ڏٺي، جتي خانه ڪعبه جو مصنوعي نقش، حرم پاڪ جو طواف، نقش ابراهيمي تجرباتي طور حاجين کي ڪرائي ڏيکاريا وڃن ٿا. بحرحال حج جي تياري، ٽريننگ هڪ مسلمان لاءِ تمام ضروري آهي. احرام جي فضيلت، خانه ڪعبه، مسجد نبوي جو احترام، زيارتون وغيره کي سمجهڻ ۽ ان جي ادائيگي ۾ وڏو سرور آهي، ان لاءِ حج جي رڪنن جي کي سکڻ جي سخت ضرورت آهي. حج دوران ڪيترائي ڪتاب ملن ٿا ۽ ورهايا وڃن ٿا، جن کي نظر ۾ رکڻ گھرجي، مگر ڪنهن باعمل عالم دين جي مستند ڪتابن جو مطالعو ڪيترن مونجهارن ۽ مسئلن ۽ اجائي سجائي وڏو وڏاءَ کان بچائي ڇڏي ٿو. حج الله جي خوشنودي، ان جي فرمانبرداري، ۽ آنحضور جي حاضري ۽ حج جي رڪنن جي ادائيگي ٿئي ٿي. حج تي ڪيترائي منظر نظر اچن ٿا. مڪي ۽ مديني جو سفر صحرائي، ريگستاني ۽ خشڪ سفر آهي وڏي شان وارو آهي، هن آنحضور جي عظمت تي ڪروڙين سلام جن اسلام جي تبليغ هتان ڪري پوري دنيا ۾ الله جو پيغام پهچايو آهي. الله جو رسول وڏن ڪشالن، مرحلن، تڪليفن مان گذريو آهي ۽ اج هيءَ ساڳي سرزمين مسلمانن جي

Gul Hayat Institute



ايمان جو مرڪز آهي. هتي آهي مسلمانن جو خانه ڪعبه. جنهن طرف منهن ڪري عبادت ڪئي وڃي ٿي، هي اسانجو پاسبان آهي ۽ اسين ان جا پاسبان. لکين ماڻهو هڪ ئي وقت ان جي چوڌاري طواف ڪن ٿا. گويا مسلمانن جي منڍين جي ويرن وارو سمنڊ ڇلندو رهي ٿو ۽ الله جو ورد ڪيو وڃي ٿو جتي لکين ڪروڙين مسلمان گڏ ٿين اتي دعائن جي قبوليت ٿئي ٿي. سڀ مسلمان مٿو اگھاڙو، ڪفن ٻڌي هڪ مالڪ خالق کان گناهن جي بخشش، دين و دنيا ۽ آخرت جي ڀلائيءَ لاءِ ليلائي، گڙگڙائي، سڏڪا ڀري، روئي دعائون گھرن ٿا. اسلام جو هي رڪن مسلمانن ۾ اتحاد، ٻڌي، ڀائيچاري، امن، سڪون سلامتي ۽ گڏجي رهڻ جو درس ڏئي ٿو.حج دوران جيڪي تڪليفون اچن ٿيون، انهن ۾ عجيب مزو آهي. الله پاڻ ئي آساني ڪري ٿو. مون حج جي سعادت دوران وڏو روحاني سڪون حاصل ڪيو. بيشڪ هيءَ افضل عبادت آهي. الله تعاليٰ سڀني مسلمانن کي هي سعادت نصيب ڪري ۽ بار بار نصيب ڪري. (آمين). (نوٽ: 2015 ۾ لکيل)

**ANNEXURE- A**

# ROLL OF HONOUR

**During service as Additional District and Sessions Judge, my posting places remained as under:-**

| S. No. | Name of Services Places | Period |
|---|---|---|
| 01. | Sehwan, District Dadu. | 26-04-1995 to 09-09-1998. |
| 02. | Hyderabad | 09-1998 to 16-11-2002. |
| 03. | Jacobabad. | 18-11-2002 to 26-02-2005 |
| 04. | Kashmore, Kandhkot. | 09-06-2008 to 06-10-2008 |
| 05. | Karachi, Law Department. | 13-10-2008 to 19-05-2009 |
| 06. | Khairpur. | 23-05-2009 to 30-04-2011 **(Attended age of superannuation)** |



**ANNEXURE- B**

# ROLL OF HONOUR

**My Social Services during the period 1969 to 1994.**

| Year | Position | Name of Organizations. |
|---|---|---|
| 1969. | General Secretary. | Muhammad Bin Qasim Adbi Society Shahdadkot. |
| 1978-1994 | General Secretary. President. | Sindh Graduate Association Sindh. Shahdadakot. |
| 1974 | General Secretary. | RCD Council Shahdadakot. |
| 1978 | President. | RCD Council Shahdadakot. |
| 1969-1992 | General Secretary. | Sindh Adbi Sangat Shahdadakot. |
| 1975 | General Secretary. | Shaikh Welfare Association Shahdadakot. |
| 1970 | Finance Secretary. | Larkana Students organization. |
| 1991 | General Secretary. | Bazmia Peeral Speakers Forum, Shahdadakot. |
| 2014. | Chairman. | Association of Social and Intellectual Friends (ASIF). |

Gul Hayat Institute

## ANNEXURE - C

**(1)**

**Some Important and memorable events, achievement and performance in my life.**

| | |
|---|---|
| 1970. | Taken training from Social Welfare Department Karachi (under volunteer agencies). |
| 1971-1973 | Appointed as Science Teacher in Municipal High School @ Government Provincialized (Municipal)High School Shahdadakot. |
| 1973-1974 | Joined as junior Advocate, the chamber of Mr. Abdul -Ghafoor Bhurgri, Advocate Larkana as apprentice . |
| 1974-1975` | Enrolled as Advocate of High Court Sindh and Balochistan Bar Council. |
| 1975- 1995 | Actively practiced on Civil, Criminal, Family and Revenue sides. |

- ❖ Practiced as Advocate of Lower Court: Enrolled on 16-01-1975 from Sindh and Baluchistan Bar Council.
- ❖ As Advocate of High Court: Enrolled on 30.08.-95 from Sindh Bar Council, remained active and practicing Advocate.
- ❖ Appointed as Additional District and Sessions Judge in the year 1995.
- ❖ Retired as Additional District and Sessions judge on 01.05.20111, held judicial office for a period of more than 16 years.
- ❖ Worked as Additional Secretary/Draftsman in Law



Department, Government of Sindh during service as Judicial Officer.

- ❖ Worked as Deputy Secretary in Criminal Prosecution Service Wing, Law Department, for one year w.e.f. 14.02.2011(on contract basis)..
- ❖ Working as Additional Secretary in Law Department, Government of Sindh on contract basis, w.e.f. 12.10.2012 on Drafting, Legislation, Opinions and prosecution and Human Rights.
- ❖ Remained Secretary Law Department & Human Rights, October 2015 to May 2016.

❖ **<u>Experience.</u>**

- During posting as Additional District and Sessions Judge decided and gave judgments in hundreds of :- **<u>Civil Appeals, Civil Revision Applications, Civil Reviews Application Criminal cases Criminal Revision Applications, Criminal Review Applications.</u>**
- Family appeals.
- Rent Appeals and Miscellaneous and Interlocutory Applications, Land Revenue Matters, etc.
- During posting as Additional Secretary and Draftsman in the Law Department, Government of Sindh vetted and drafted number of Provincial Laws, Notifications
 Agreements including Agreements entered between Government of Sindh and other Government and Foreign Organizations.
- Formulated hundreds of opinions, advices for the Government Departments.
- Drafted/vetted Rules and Regulations.

Gul Hayat Institute

Sindh on disposal of cases.

❖ **Awards**

- While serving in judiciary and the Law Department received following awards:-
- Sindh Human Rights Commission, Karachi.
- On completion of Shariah Course from International Islamic University, Islamabad in the year 2006.
- Award from the HANDS on passing of the Domestic Violence(Prevention and Protection) Act, 2013.
- USAID Training in Human Rights.
- Best Performance certificate from Judges of Hon'ble High Court of Sindh.
- Award from Aurat Foundation on drafting Domestic Violence Bill.
- Appreciation certificate from Hon'ble Minister for Human Rights Department, Government of Sindh.
- Appreciation certificate from Hon'ble Minister for Law Parliamentary Affairs, Government of Sindh.
- Shield from World Organization Rutgers wpf-RAT in drafting early marriage age bill in the year 2013.
- Shield from HANDS.
- Shield from Aurat Foundation.
- Shield from Sindh Human Rights Commission.

❖ **Author of Books.**

Gul Hayat Institute



- Interpreted the statutes.
- Possess administrative experience.
- Drafted and vetted hundreds of drafts and notes of the different departments of the Government of Sindh.
- Attended number of meetings, symposiums, seminars, Conferences including meetings in the High Court and Judicial Academy.
- Vetted and drafted ordinances.

❖ **Training**

- Course of Human Rights and intellectual property held by National Center of judicial Studies of by the Arab Republic of Egypt, Ministry of Justice at Cairo in the year 2006.
- Shariah Course from International Islamic University, Islamabad in he year 2006.
- Social Workers Training from Social Welfare Department.

❖ **Certifications**

- Received certificate from the National Centre of Judicial Studies of Arab Republic of Egypt, Ministry of Justice at Cairo in the year 2006.
- Received certificates from the Sindh Judicial Academy on completion of Judicial Officers trainings.
- Received appreciation letter from the observers of the European Commission on conduct of General Election as Returning Officer.
- Appreciation letters from Hon'ble High Court of

**ANNEXURE- D**

## Sweet Memories Of The Participants Of 47th Shariah (Islamic Law) Course Held On 19-06-2006 At Islamabad.

| S. no. | Name of the participant | Address | Phone number |
|---|---|---|---|
| 1. | Mr. Muhammad Aslam Shaikh, Additional District & Sessions Judge, Shikarpur. | C/o. Haji Raza Muhammad, Pansar Store, Old Anaj Bazar, Shahdadakot, Sindh. | Group Leader 074401/3020 03013610800 |
| 2. | Mr. Muhammad Bux Bhangwar, Additional District & Sessions Judge, Sukkur. | Bangwar House, District Khand Kot Sindh. | 03013885540 |
| 3. | Mr. Jan Muhammad Lanjar. Additional District & Sessions Judge, Sehwan Sharif. | House Near Railway Station Kandiaro, District, Naushero Feroze, Hyder Bagrai | 0301386393 |
| 4. | Sayed Noor Ali Shah. District Attorney, Sanghar. | Village Ghulam Haji Bajvain, Talko Shahdad Pur. District Sanghar, Sindh. | 0235843968 |
| 5. | Mr.Amjad Ali, District Public Prosecutor, Swabi. | Village S.P.O Ismalia Tehsil, District Swabi, Mohallah Monokhel. | 03339295570 03005331052 |
| 6. | Mr. Sikandar Hayat. Public Prosecutor, Peshawar. | Near Dak Bungalow Railway Station, Mardan Road, Tehsil Charsadda. | 03204952296 0916512111 |
| 7. | Mr. Ghulam Mustafa. District Attorney, Hub. | Tehsil Hul Town, District Lasbela at Hub. | 03002640847 |
| 8. | Lt. Cdr (NL) | Village P/o. Chak | 03215846209 |

Gul Hayat Institute



- **Shada-bi-Shahdadkot**: A book containing historical collection of Taluka Shahdadkot.
- **Roh-Ravan**:Book of containing different articles on literature.
- **Dil-Jo-Daftar:** Poetry book,
- **Articles**: on literature.

❖ **Eidited book.**

- **"VISION"** a book containing legal articles and research papers on law topics published from Sindh judicial Academy.

❖ **Un-written books**

- **Tibb saan Tundrastee**. (compilation of Nusskhas of my father)

❖ **Art of Legislative Drafting.**

- **Do you know** (Question and Answer on General Knowledge)

| | | | |
|---|---|---|---|
| | Muzaffar Iqbal.<br>P.No. 4837, Naval Headquarters, Islamabad. | No. 94, N.B. Tehsil &District Sargodha. | |
| 9. | Flt. Lt. Tahira Jabeen, Assistant Director (Coord), Directorate of Contract management, PAF, Chaklala, Rwalpindi. | | |
| 10. | Mr. Arshad Hussain Soomro,<br>Deputy District Attorneyh, Hyderabad. | House No. F/551, Opp: Firdous Filling Station, Hyder Chowk, Gari Khata, Hyderabad, Sindh.<br>C/o. District Attorney Office, Sessions Court Building, Hyderabad, Sindh. | 03204161668 |
| 11. | Mr. Zulfiqar Ali Khan,<br>Section Officer (Litigation), Establishment Department, NWFP, Peshawar. | 84/D, Police Housing Colony, Nasir Bagh Road, Peshawar. | 03339106547<br>0919212763 (off)<br>0915842404 (Res.) |
| 12. | Nr. Noor Zaman Khattak,<br>Additional Government Pleader, NWFP Service Tribunal, Peshawar. | Serai Nourez, Distrcit Lakki Marwat. | 03005929592 |
| 13. | Mr. Zahir-ud-Din Babar<br>Additional Public Prosecutor ATC, Kohar. | Village Garhi Mondan,<br>Hungu Road,<br>District Kohat City. | 03339619501<br>0922510413 |



| | | | |
|---|---|---|---|
| 14. | Mr. Umer Ali,<br>Assistant Legal Drafter,<br>Law, Parliamentary Affairs and Human Rights Department, Peshawar. | Village Pushtonai, Tehsil Mutta, District Swat. | 0946871188<br>03005744057 |
| 15. | Mr. Muhammad Rafique Mughal, Registrar, AJ&K Service Tribunal, Muzaffarabad. | Village Mustafa Abad (Rarra) Tehsil &Distrcit Muzaffarabad. | 05881034824 |
| 16. | Mr. Mushtaq Hussain Chaudhry, PDSP/Section Officer, Home Department, Muzaffarabad. | House No. 6-A, Sector G-1, Part-III, Mirpur, Azad Kashmir. | 05861035121(Res.)<br>03005488466(Mob)<br>03356100193 |
| 17. | Mr. Abdul Latif Khan.<br>DSP/Legal,<br>District Jhang. | Chack No. 569, G. B. Abdullah Khan Wallah,<br>Tehsil Jaranwala, district Faisalabad. | 03017220961<br>0414334125 |

Gifted by
**(Muhammad Aslam Shaikh)**
Additional District & Sessions Judge/Group Leader.

Kuwait Hostel,
Shariah Academy,
International Islamic University,
Islamabad.
Phone No. 051-0262271
Dated 31-07-2006.

Gul Hayat Institute

## ANNEXURE- E

### Training for Pakistan: Strengthening the Rights and Justice Framework and Agenda

**Jakarta, 31 May - 6 June 2015**

**Names of Pakistani Participants**

| S.No | Candidate Name | Gender | Position/ Title | Organization | Location |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | **Arfan Sabbir** | **M** | Deputy Director | Ministry of Law, Justice, and Human Rights | Islamabad |
| 2 | **Ch. Aziz Iqbal** | **M** | Deputy Director | Ministry of Law, Justice, and Human Rights | Islamabad |
| 3 | **Khaola Batool** | **F** | Assistant Director | Ministry of Law, Justice, and Human Rights | Islamabad |
| 4 | **Muhammad Khalil Awan** | **M** | Deputy Secretary | Ministry of Law, Justice, and Human Rights | Islamabad |
| 5 | **Nashad Khan** | **M** | Section Officer | Ministry of Law, Justice, and Human Rights | Islamabad |
| 6 | **Shabana Hamid** | **F** | Deputy Director | Ministry of Law, Justice, and Human Rights | Islamabad |
| 7 | **Zafra Khalid** | **F** | Section Officer | Ministry of Law, Justice, and Human Rights | Islamabad |
| 8 | **Aslam Shaikh** | **M** | Additional Secretary, Law Department | Law Department, Government of Sindh | Karachi |



| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 9 | **Ejaz Asad Rasul** | **M** | Joint Secretary | Ministry of Law, Justice, and Human Rights | Lahore |
| 10 | **Usman Alvi** | **M** | Additional Secretary | Ministry of Law, Justice, and Human Rights | Lahore |
| 11 | **Shahid Iqbal** | **M** | Manager Training | Women in Struggle for Empowerment (WISE) Lahore, Punjab | Mianwali |
| 12 | **Muhammad Idrees** | **M** | Secretary, Law Parliamentary Affairs | Human Rights Department | Muzafarabad |
| 13 | **Noor Zaman** | **M** | Director, Human Rights Law | Ministry of Law, Justice, and Human Rights | Peshawar |
| 14 | **Abdul Wadood** | **M** | Executive Director | Society For Empowering Human Resources (SEHER) | Quetta |
| 15 | **Safdar Hussain** | **M** | Secretary | Deptt Law & Parliamentary Affairs Department, Government of Balochistan. | Quetta |

Gul Hayat Institute